اطلاعات ڪاتو
حڪومتِ سنڌ

مئي 2023ع

ماھوار

# پيغام

ڪراچي



## بيدل ڇڏ نہ هٿئون تون هرگز وحدت جو واپار

...




# بيدل سائينءَ جي خاندان جو شجرو

مرحوم سبحان بخش قريشيءَ جو بيان ڪيل

ميان عبدالقادر ملتاني قريشي صديقي

- غلام فريد
  - خليفو محمد مُحسن
    - فقير قادر بخش بيدل
      - فقير محمد محسن (بيڪس)
- غلام لطيف
  - خليفو بيگ محمد
    - فقير عبدالله
      - ميان بيگ محمد
      - غلام لطيف

سنہ 1262ھ جي دستاويز مطابق

مغفور مُلا بيگ محمد خواجہ

- مرحوم محمد مُحسن
  - حميد خاتون
  - قادر بخش بيدل
    - محمد محسن بيڪس
  - اسلام خاتون
- عبدالله
  - متوفي بيگ محمد
    - عبدالله صغير
    - لعل خاتون

ماهوار
# پيغام
ڪراچي

مئي 2023ع

اطلاعات کاتو
حڪومتِ سنڌ

ماهوار
پيغام
ڪراچي

جلد 26، شمارو 17، مئي 2023ع

نگران اعليٰ

**شرجيل انعام ميمڻ**
صوبائي وزير اطلاعات، حڪومت سنڌ

نگران

**نديم الرحمان ميمڻ**
سيڪريٽري اطلاعات، حڪومت سنڌ

چيف ايڊيٽر

**منصور احمد راجپوت**
ڊائريڪٽر، پبليڪيشن

......

**ارم ملڪ**
ڊپٽي ڊائريڪٽر

ايڊيٽر

**علاب علي ڏيٿو**
انفارميشن آفيسر

اسسٽنٽ ايڊيٽر

**علي حسن چانڊيو**


## فهرست


| | | | |
|---|---|---|---|
| 1 | بيدل سائينءَ کي خراج عقيدت | ايڊيٽوريل | 3 |
| 2 | بيدل سائينءَ جي تصنيفن ۾ حضرت قلندر لعل شهباز جو تذڪرو | اختر درگاهي | 4 |
| 3 | بيدل سائينءَ جي شاعريءَ ۾ موجود فني حُسناڪيون | امر اقبال | 7 |
| 4 | معروف بزرگ ۽ شاعر فقير قادر بخش بيدل | عطا حسين "زين سولنگي" | 10 |
| 5 | فقير قادر بخش بيدل جي شخصيت ۽ فڪر | نثار نازڪ | 13 |
| 6 | صوفي فقير قادر بخش بيدل | اشرف جماٽي | 15 |
| 7 | ڪنيارن سان ڪچهريون | قربان ڪوسو | 17 |
| 8 | بااختيار عورتون... | يسريٰ سليم | 20 |
| 9 | مستقبل جون ڇرڪائيندڙ ٽيڪنالوجيز | سليم انور عباسي | 23 |
| 10 | علم نفسيات.... رويي ۽ ذهن جي سائنس | فرح ناز | 26 |
| 11 | مصنوعي ذهانت انسان جي بقا لاءِ خطرو | امام ڏنو | 33 |
| 12 | سڀ ماڻهن لاءِ "جذباتي ذهانت" پاڻ سڃاڻڻ جي سائنس | محمد ياسين | 37 |
| 13 | سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ داخلا ٽيسٽ جي تياري جو طريقيڪار | عبدالحفيظ لغاري | 40 |
| 14 | اونهاري جي موڪلن ۾ والدين جون ذميواريون | يونس ملڪاڻي | 43 |
| 15 | اونهاري جون موڪلون ۽ ٻارن جي صحت | حبدار علي | 46 |
| 16 | ٿر ٿر اندر ٿاڪ (ڪتاب جو تنقيدي اڀياس) | لعل بخش "ادل" سولنگي | 49 |
| 17 | قسمت (ڪهاڻي) | محمد علي پناڻ | 54 |
| 18 | نارا سپلاءِ چئنل | قربان حسين | 55 |
| 19 | شبِ قدر جي فضيلت | محمد مبين | 58 |



رابطي لاءِ:

www.information.sindh.gov.pk/publications
publication.sid@gmail.com
www.twitter.com/Publication_sid
www.facebook.com/publication.sid
021-99202610

**ڇپائيندڙ: اطلاعات کاتو، حڪومت سنڌ،**
بلاڪ 95، سنڌ سيڪريٽريٽ B-4، ڪراچي. 74200.

**ڇاپيندڙ: افيئر پبلشنگ هائوس، ڪراچي**
9 ماڙ آفيس نمبر 924، ٽريڊ ٽاور، عبدالله هارون روڊ، ڪراچي.

## ايڊيٽوريل

# بيدل سائينءَ کي خراج عقيدت

سنڌو سڀيتا کي تهذيبن جو هندورو سمجهيو وڃي ٿو جڏهن مغرب سميت سڄي دنيا سُرت، ساڃاهه جي گهٽين ۾ ٻانبڙا پائي رهي هئي، ان وقت به سنڌو ماٿريءَ جا مهذب لوڪ گهڻ ماڙ پائيدار ۽ ذري گهٽ موجوده دور جهڙين سهولتن سان آراسته گهرن ۾ رهندا هئا. سنڌن مثالي وسنديون کي اهي سڀ آسائشون ۽ بنيادي سهولتون ميسر هيون جن کان دنيا جي اڌ کان وڌيڪ آبادي اڄ به وانجهيل آهي. سنڌو ماٿريءَ جي اهڙين پُرآسائش وسندين جو غير معمولي مثال موهن جو دڙو آهي. هن عظيم انساني ورثي جي دريافت بعد جديد دنيا حيران آهي ته سنڌ واسين ساڍا پنج ڇهه هزار سال اڳ ڪهڙي نه سڌريل تهذيب جي اوساري ڪئي. اهڙا شاندار شهر تعمير ڪيا، جن جي ڊرينيج سسٽم توڙي صفائي سٿرائيءَ جي نظام تي اڄ به رشڪ ڪري سگهجي ٿو.

ٻئي پاسي فڪري حوالي سان پڻ هيءُ خطو هر دور ۾ پنهنجو مَٽ پاڻ رهيو آهي. تصوف، رواداري ۽ مهمان نوازي سنڌ واسين جي قابل فخر سڃاڻپ رهيا آهن. سنڌ جي ڪلاسيڪي صوفي شاعرن هتان جي تهذيبي روايتن کي انسانيت جي سدا حيات پيغام سان جوڙي پاڻ سڃاڻڻ ۽ ڪائنات جي گوناگون اسرارن تي غور ڪرڻ جو درس ڏنو آهي. ان حوالي سان حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي، حضرت سچل سرمست ۽ سامي سميت پوئين دور جي ڪلاسيڪي شاعرن جا نالا پڻ فخر سان ڳڻائي سگهجن ٿا. فقير قادر بخش بيدل سنڌي ڪلاسيڪل شاعريءَ جي آخري ڪڙيءَ جو بيحد اهم شاعر آهي، جنهن پنهنجي شاعريءَ ۾ نه رڳو تصوف جون رمزون سمجهايون، پر هن جي ڪلام ۾ وحدت، انسان دوستي، امن ۽ رواداريءَ وارا موضوع جابجا ملن ٿا.

بيدل سائين پنهنجي پيشرو ڪلاسيڪي شاعرن خاص طور شاهه عبد اللطيف ڀٽائي ۽ سچل سرمست جي فڪري تسلسل کي نه رڳو قائم رکيو آهي پر ان کي نوان موڙ به ڏنا آهن. فقير قادر بخش بيدل جي شاعريءَ جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو ته هو هڪ ئي وقت صاحبِ جمال ۽ صاحبِ جلال صوفي آهي، تنهن ڪري جيڪڏهن ڪيس شاهه ۽ سچل جو سنگم چئجي ته به وڌاءُ نه ٿيندو. فقير قادر بخش بيدل بنيادي طور هڪ صوفي باصفا هو پر تارڪ الدنيا صوفي نه هو. هن ڪڏهن به سماجي ٻنڌڻن کان انڪار نه ڪيو. زندگيءَ جو وڏو حصو سير سفر ۾ گذاريو.

خود شناسي يا پاڻ سڃاڻڻ جو پيغام بيدل سائينءَ جي شاعريءَ ۾ جابجا ملي ٿو. تصوف ۾ خود شناسيءَ جي تمام وڏي اهميت آهي. صوفين جو چوڻ آهي ته خود شناسي وسيلي ئي خدا شناسي حاصل ٿي سگهي ٿي. جيسيتائين ماڻهو پنهنجي اندر لڪل صلاحيتن ۽ قوتن کي جاچي ۽ پرکي نٿو ڏسي يا صوفين چواڻي پنهنجي ذات جي حقيقت نٿو سڃاڻي ۽ عبد ۾ معبود ڳولڻ جي سعي نٿو ڪري، يا خود ۾ حق جي تلاش ڪانپوءِ حاصلات تائين نٿو پهچي تيسيتائين هو ان منزل تي نٿو رسي سگهي، جيڪا عارفن، عشاقن ۽ سالڪن کي حاصل ٿيندي آهي، تنهن ڪري بيدل سائين به تصوف جي ان بنيادي نڪتي تي گهڻو زور ڏنو آهي.

موجوده دور جي تقاضا آهي ته صوفين سڳورن جي سهپ، رواداري ۽ انسانيت واري انهيءَ پيغام کي هر سطح تي عام ڪيو وڃي. ماهوار ”پيغام“ جي هن اشاعت جو هڪ مقصد اهو به آهي. اميد ته هن سلسلي ۾ اسان جي هي ڪوشش عالمن، اديبن ۽ محققن سان گڏ عام پڙهندڙن لاءِ پڻ لاڀائتي ثابت ٿيندي.

**منصور احمد راجپوت**

چيف ايڊيٽر

### بيدل سائينءَ جي تصنيفن ۾

# حضرت قلندر لعل شهباز جو تذڪرو

اختر درگاهي

فقير قادر بخش بيدل (1873ع ـ 1815ع) سنڌ جو برک صوفي شاعِرُ، مفڪرُ، وڏو عارف، مورخ ۽ 36 ڪتابن جو مصنف ٿي گذريو آهي. بيدل سائين، سيوهاڻي سرڪار حضرت لعل شهباز قلندر جو نہ صرف وڏو عقيدتمند ۽ پانڌيئڙو هو، پر ڪيس روحاني فيض بہ باطني طور تي حضرت لعل شهباز قلندر وٽان ئي مليو. بيدل سائين جڏهن اڃا ننڍي عُمر جو هو ۽ درس و تدريس ۾ مشغول هو، تڏهن ئي قلندر شهباز جي روحاني ڪشش ۾ سيوهڻ شريف پهتو، جتي ڪيس نہ صرف باطني فيض حاصل ٿيو، بلڪ پاڻ فارسي، عربي ۽ اردو ٻولين ۾ باڪمال صوفياڻي شاعريءَ جو آغاز بہ سيوهڻ جي درگاهہ تان ڪيائين (1) بيدل سائينءَ ڪي خواب ۾ حضرت قلندر لعل شهباز جي ڏنل اشاري ڪانپوءِ سندس سيوهڻ شريف جي سفر جو تفصيلي احوال اڪثر تذڪر نگارن ڏنو آهي.

بيدل سائين سنڌ جي ادبي تاريخ ۾ سيد ثابت علي شاهہ ڪانپوءِ پهريون شاعر آهي، جنهن نہ صرف حضرت قلندر لعل شهباز جي عقيدت ۾ گهڻو ڪلام چيو، بلڪ پنهنجين ٻين تصنيفات ۾ بہ قلندر لعل سرڪار جو گهڻو ذڪر ڪيو آهي، جنهن جو ترتيبوار ذڪر اسين اڳتي هلي ڪنداسون.

سيوهڻ شريف ۾ ئي بيدل سائينءَ پنهنجو پهريون شعر چيو، سو بہ حضرت قلندر شهباز جي عقيدت ۾. اردو ٻوليءَ ۾ چيل انهيءَ مدح/مسدس ۾ بيدل سائينءَ حضرت قلندر شهباز کي پنهنجو مڪمل مرشد سڏيو آهي.

دلا مت ڊر زحول روز محشر
پڪڙلي دامن ابن پيمبر،
شهہ شاهان عرفان دين پرور
ميرا مُرشد مڪمل هي قلندر (2)

**حُسيني حيدري سُلطان سرور.**

سچ پچ بيدل سائينءَ تي حضرت لعل شهباز قلندر جو وڏو باطني فيض ۽ راز ٿيو، جنهن جو اظهار بيدل سائينءَ جي ڪلام ۽ تصانيف ۾ وڏي عقيدتمنديءَ سان ڪيو ويو آهي. اهو ئي سبب آهي جو هن وقت تائين بيدل سائينءَ جي درگاهہ روهڙيءَ ۾ روزانو فجر جي نماز ۽ مغرب جي نماز ڪانپوءِ قلندري ڌمال/نوبت وڄائي ويندي آهي.

جڏهن تہ سالياني عُرس مُبارڪ ۽ ٻين ڪن خاص موقعن تي درگاهہ جو گادي نشين يا عقيدتمند فقير صوفياڻي راڳ ويراڳ ڪان سواءِ قلندري ڌمال تي نغارن ۽ نفيلن جي آواز سان مخصوص قلندري رقص پڻ ڪندا آهن. خاص ڳالهہ تہ بيدل سائينءَ جي سالياني عُرس مبارڪ جي موقعي تي قلندر شهباز ڏانهن منسوب ميندِيءَ جي رسم پڻ ادا ڪئي ويندي آهي، جو راڳ ويراڳ سان ميندي ڪڍي فقيرن ۽ حاضرين جي هٿ تي لڳائي بہ ويندي آهي. بيدل سائينءَ جي درگاهہ روهڙيءَ ۾ هر مهيني جي 21 رات چنڊ جي سڄي رات صوفياڻہ راڳ جي محفل بہ ڪرائي ويندي آهي، جيڪا خود حضرت لعل شهباز ڏانهن منسوب آهي.

بيدل سائين پنهنجن ڪيترن ئي ڪتابن ۾ حضرت لعل شهباز قلندر جو ذڪر وڏي عقيدت منديءَ سان ڪيو آهي. بيدل سائينءَ جهڙي برک مؤرخ ۽ عالِمَ جو لعل شهباز قلندر متعلق اڄ کان ڏيڍ سؤ سال اڳ ڏنل تذڪرو حضرت قلندر شهباز جي سوانح نگارن لاءِ وڏي اهميت رکي ٿو ۽ انهيءَ جي مطالعي سان قلندر شهباز جي شخصيت جا ڪيترائي اهم پاسا نروار ٿي بيهن ٿا.

هن کان اڳ سنڌ جي نامياري اديب ۽ محقق مرحوم ميمڻ عبدالمجيد سنڌيءَ پنهنجن ڪتابن ۾ بيدل سائينءَ جي قلندر لعل شهباز سان عقيدت منديءَ ۾ چيل ڪلام ۽ تذڪري جو مختصر ذڪر ڪيو آهي. اسين هتي ان جو تفصيلوار بيان ڪنداسون.

**مثنوي رياض الفقر**

بيدل سائينءَ جي هيءَ پهرين فارسي تصنيف، فارسي مثنويءَ ۾ آهي، جنهن کي پاڻ سن 1258هہ ۾ صرف 27 سالن جي عُمر ۾ مڪمل ڪيائون. هن ڪتاب ۾ بيدل سائينءَ صوفي درويشن جي درياضتن جو بيان ڪيو آهي، جنهن ۾ هڪ هزار شعر آهن. جڏهن تہ



ان ۾ 21 شعر حضرت لعل شهباز قلندر جي عقيدت ۾ آهن. ڪجهه شعر هتي ڏجن ٿا:

صبا وقتي گرت افتد گذاري،
بسوي خاک سيوستان دياري
ميان صدق اراد چست بربند،
در آور بارگاهه شاهه مروند
قلندر مشروب و منصب قلندر،
قلندر صورت و معني پيمبر
قلندر گُمرهانرا رهبر آمد،
قلندر سروران را سرور آمد (3)

## ديوان سلوڪ الطالبين

بيدل سائينءَ هي فارسي ديوان 1259هه ۾ تاليف ڪيو جنهن ۾ پنهنجو تخلص ”طالب“ استعمال ڪيو اٿائين. هن ديوان جي 66 نمبر غزل جي چوٿين ۽ پنجين شعر ۾ حضرت قلندر شهباز رحہ سان هن طرح عقيدت جو اظهار ڪيو اٿائين:

قطب الاقطاب قلندر شاهه سيوستان که او شد
سراج الاولياء و محفل پيراي عشق
قرب حق بايد کسي کو کحل ساز و خاک او
حضرت مخدوم شهباز و ذو استعلاي عشق (4)

## ديوان مصباح الطريقت

بيدل سائين هي فارسي ديوان 1265هه ۾ حافظ شيرازيءَ جي ديوان کان متاثر ٿي ڪري لکيو. بيدل سائينءَ جو هي اهم فارسي ديوان آهي، جنهن ۾ سندس عارفانه ۽ رندانہ ڪلام جي پالوٿ آهي. انهيءَ ديوان جي پهرين حصي جو 37 هون غزل پورو حضرت لعل شهباز قلندر جي عقيدت ۾ لکيل آهي، جنهن جو رديف ئي اٿس ”قلندر است.“

قيوم قطب دائره عرفان قلندر است،
ساقي جام وحدت وجدان قلندر است
شهباز آشيانه لاهوت لامکان عنقاي کاف
سر دل و جان قلندر است
ارشاد اوست بدرقه سالکان دا بخشنده
حال وجد به مستان قلندر است
شيخي کمال رتبه بغوثِ کريم يافت
سر تاج رمزه بي سر و پايان قلندر است
ديهيم سروري است به فرق مبارکش
چون سرگروهه جمله رندان قلندر است
در شرع مقتد به حقيقت خليفه حق
نسل نجيب شاهه شهيدان قلندر است
بيدل که خاکسار جناب شريف او داند
يقين که مهدي دوران قلندر است.(5)

## تاريخي قطعات

بيدل سائينءَ جي هيءَ اهم تاريخي تصنيف آهي، جنهن ۾ پاڻ فارسي نظم ۾ سرور ڪائنات صہ اصحابن سڳورن، امامن ڪريمن ۽ بين ڪيترن ئي بزرگن جي وفات جون تاريخون ابجد جي حساب سان ڪڍيون آهن ان ڪتاب ۾ بيدل سائين حضرت قلندر شهباز جي وصال جي تاريخ بہ هن طرح ٻن جاين تي ڪڍي آهي.

پيک تحقيق است تاريخ قلندر شهباز
کز بلاغ دعوت حق شد سر صاحبدلان(6)
650 هه

سرور سندهه قلندر که زهي سلطان بود، مخزن سرلدن مطلع نور جان بود
شاهباز است که در عالم تمکين عروج، وصف طيرانش بيرون زحد امکان بود
دُر درياي معارف چمن باغ بقا، مرقد روشن او شهره به سيوستان بود
جامع شرع و توحيد شه قطب الدين، مير مخدوم حسيني و ولي عثمان بود
دل چو تاريخ وصالش به جسته سروش، هاتفم گفت که او لعل يمن عرفان بود(7)
650هه

**سند الموحدين**

بيدل سائينءَ هن تصنيف ۾ وحدت جي باري ۾ مختلف بُزرگن جو چونڊ ڪلام سهيڙيو آهي ۽ ان جي عالمانہ شرح ڪئي آهي. هي ڪتاب 1264 هہ ۾ لکيو ويو. جنهن ۾ مولانا رومي، قلندر شهباز، غوث پاڪ، خواجہ عبدالحق ۽ سچل سائينءَ جي وحدت بابت ڪلام جي فارسي شرح ڪئي وئي آهي.

من ڪلام احديت اِرتسام جناب مخدوم قلندر شهباز حسيني قدس سره
اين قدرت قادر نگر کان هست هرسو جلوه گر زان مست
عالم سربسر در هر صفت يکتا بدان
يک نورِ ديدم در جِهان هم آشکارا هم نهان
گاهي چُنين گاهي چِنان در صفت يکتا بدان
جز هِستي حق سربسر هرگز نيايد در نظر
حقا چُنين دارم خبر در هر صفت يکتا بدان
پس فهم کن اي جان من اين کيست گويا در سخن بشناس آن از خوشيتن
در هر صفت يکتا بدان (8)

**رموز العارفين**

بيدل سائينءَ هي ڪتاب 1268هہ ۾ لکيو. فارسي مثنويءَ جي گهاڙيٽي ۾ مختلف بزرگن ۽ عارفن جي اقوالن ۽ اشعارن جي شرح ڪئي اٿائين. جنهن ۾ هن حضرت قلندر لعل شهباز جي هڪ شعر جي فارسي شعر ۾ شرح ڪئي آهي، پر ان کان اڳ ۾ تمهيد طور قلندر شهباز جي شخصيت ۽ ان جي مختلف لقبن القابن کي هن طرح بيان ڪيو اٿائين.

”قال قطب الکريم مخدوم المخاريم سرگروه موحدان اولي الارشاد سر دفتر ابدال و اوتاد حضرت لعل شهباز بلند پرواز صديق اکبر قدب الدين قلندر نقاره ارباب حالت و وجدان و خلاصه اصحاب عشق و عرفان سيدنا مولانا مخدوم شاهه عثمان الحسيني الملوندي السيوستاني قدس الله روح و افاض علينه فتوحه“

شهباز لامکانم من در مکان نه گنجم
عنقائي بي نشانم من در نشان نه گنجم

پوءِ بيدل سائين حضرت قلندر شهباز جي انهيءَ شعر جي ويهن فارسي مصرعن ۾ تشريح ڪئي، جيڪا ڪتاب ”رموز العارفين“ ۾ شامل آهي ان جا ڪجهہ شعر هتي ڏجن ٿا:

اي خواجه بياد بصد ادب پيش در حلقه طلبان صفا کيش
ازهر چه نمود گشت پيدا ست ليکن زهمه تنزه او راست
جسم ذات وي آمده مشبه هم اوست ز شبها منزه. (9)

**ديوان بيدل (اردو)**

اسان مٿي ذڪر ڪري آياسين تہ بيدل سائين پنهنجي ڪلام جو آغاز اردو ٻوليءَ ۾ شعر سان ڪيو ۽ اهو بہ حضرت قلندر شهباز جي عقيدت ۾. بيدل سائين اردو ٻوليءَ جو بہ صاحبِ ديوان شاعر هو. جنهن ۾ اردو غزلن سان گڏ ٻي ڪلام ۾ سندس چيل قلندر شهباز جي عقيدت ۾ هڪ مسدس ۽ بہ منقبت شامل آهن جن کي نموني طور هتي پيش ڪجي ٿو.

**مسدس**

دلا مت ڊر زحول روز محشر
پکڙ لي دامن ابن پيمبر
شه شاهان عرفان دين پرور،
قطب ارشان عُشاقان کا رهبر
مِيرا مرشد مکمل هي قلندر،
حُسيني حيدري سلطان سرور

قلندر چون محمد رهنما هي، قلندر
چون علي مشکل کشا هي
قلندر نور حسن المجتبي هي، قلندر
نسل شاه کربلا هي
ميرا مرشد مکمل هي قلندر، حُسيني
حيدري سلطان سرور. (10)

انهيءَ مسدس جا ڪل ڇهہ مصرع آهن جن مان چار مصرع فارسيءَ ۾ ۽ ٻہ مصرع اردوءَ ۾ آهن.

**1. منقبت**

قلندر بادشاه بحروبر هے
قلندر شافع روز حشر هے
قلندر برزخ ناسوت ملکوت

قلندر جامع صحو و سکر ہے
قلندر جاذب جانہا جبروت
قلندر گمراہان کا راہبر ہے
قلندر مخزن لاہوت کا لعل
بحر باہوت کا والا گُہر ہے
قلندر مستند باہوت کا شاہ
سپر لاتعین کا قمرِ ہے
جِسی کا ہے لقب حضرت حُسینی
اسی کے طالباں کو کیا خطر ہے
پڑا رہ اس کے در "بیدل" ہمیشہ
کہ خاکش کل ہر روشن بصر- ہے
(11)

## 2. منقبت

قلندر عارفاں دا رہنما ہے
قلندر عاشقاں کا پیشوا ہے
قلندر اسرار الاہی ہے،
قلندر محض ذات کبریائی ہے
قلندر مظہر سر نبوت،
قلندر سرو باغ مصطفی ہے
قلندر مخزن وجد ولایت
قلندر در درج مرتضی ہے
قلندر نازنین حق نازکش او،
قلندر نور حسن المجتبی ہے
قلندر موج دریائے کرامت،
قلندر قلزم جو دو سخا ہے
قلندر صاحب سجادہ عشق
قلندر نائب زین العبا ہے

هن منقبت جا ڪُل ڏهه مصرعا آهن آخري مصرعا هن ريت آهن:

شاہ عاجزاں نواز لطف فرما ہے،
کہ جاں پسے نور در درازِ جلا ہے
بہ حال ابتو "بیدل" کہ بخشا،
کہ بر در تو مدامشی التجا ہے (12)

## سرود نامو

سرود نامي ۾ بيدل سائينءَ جون سنڌي ۽ سرائڪي ڪافيون شامل آهن جن جو ڪُل تعداد 317 آهي. بيدل سائينءَ جي ڪافين ۾ به حضرت قلندر لعل شهباز سان هن طرح عقيدت جو اظهار ملي ٿو:

سيوهڻ سجدا ٿو ڪريان "بيدل" ٿي درويش

—

"بيدل" نالي ٿي ڪيم، سجدو سيوستان

—

ڪتان شيخي شان ڏريندا، ڪتان قُرب قلندري

سنڌي ڪلام واري حصي ۾ بيدل سائينءَ جي حضرت قلندر لعل شهباز جي عقيدت ۾ چيل اهم سنڌي منقبت به شامل آهي.

اي صبا وڃ لڳ خدا جي هڪ گهڙي-
طرف روضي شاهه سيوستان وري،
صد تحيت صدق مون پڙ تي هي-
چئج ڏس احوال گر بخشش گري،
يا قلندر وير واهر ٿي وري مير-
مروندي رسي ڪر رهبري.

*

تون نبيءَ جي باغ جو آن نونهال
تون علي زاده ضيائي ذوالجلال
تون حسن جو لاڏلو شهباز لعل
تون حُسيني بادشاهه بدر الڪمال

يا قلندر وير واهر ٿي وري
مير مروندي رسي ڪر رهبري
يا سراج العالمين عثمان شاهه
يا قلندر قطب الدين عالم پناهه
ارض تي آهين ولي بهر الله
يا قلندر وير واهر ٿي وري
مير مروندي رسي ڪر رهبري

هن منقبت جا ڪُل ڏهه مصرع آهن.
آخري مصرع هن طرح آهي:

بادشاهه بيدل سندو تون غور ڪر،
حضرت حاجت روا في الفور ڪر
دوست همزانوي ۽ دشمن دور ڪر
عشق جي پيالي سان دل مخمور ڪر
يا قلندر وير واهر ٿي وري
مير مروندي رسي ڪر رهبري. (13)

## حوالا:


- بيدل سائينءَ جو رسالو: اختر درگاهي، ثقافت کاتو سنڌ 2015ع
- ديوان بيدل (اردو): اختر درگاهي، بيدل يادگار ڪاميٽي 2003ع
- عبدالقادر بيدل (احوال و آثار): ڊاڪٽر عبدالغفار سومرو، سنڌي ادبي بورڊ 2012ع
- ديوان سلوڪ الطالبين ڊاڪٽر خضر نوشاهي، بيدل يادگار ڪاميٽي 2006ع
- ديوان مصباح الطريقت: ڊاڪٽر خضر نوشاهي، بيدل يادگار ڪاميٽي 2011ع
- تاريخي قطعات: عبدالقادر بيدل، مرزا فتح علي بيگ، بيدل يادگار ڪاميٽي 2008ع.
- ساڳيو
- عبدالقادر بيدل (احوال و آثار): ڊاڪٽر عبدالغفار سومرو، سنڌي ادبي بورڊ 2012ع.
- ساڳيو
- ديوان بيدل (اردو): اختر درگاهي، بيدل يادگار ڪاميٽي 2003ع.
- ساڳيو
- ساڳيو
- بيدل سائينءَ جو رسالو: اختر درگاهي، ثقافت کاتو سنڌ 2015ع.

# بيدل سائينءَ جي شاعريءَ ۾ موجود فني حُسناڪيون

امر اقبال

فقير قادر بخش "بيدل" سائينءَ جو سنڌي شاعريءَ جي تاريخ ۾ مقام ۽ مرتبو نرالو ۽ اهميت وارو آهي. فقير سائين هڪ طرف علم ۽ عرفان جي اعليٰ پَدَ تي پهتل بزرگ هو ته ٻي طرف شاعريءَ جي سفر ۾ پنهنجي پيشرو توڙي پاڻ کان پوءِ ايندڙ شاعرن ۾ پنهنجي الڳ ۽ منفرد حيثيت رکي ٿو. بيدل سائينءَ جي شاعري هڪ طرف تخيل ۽ تفڪر جو اعليٰ نمونو آهي، ته ٻي طرف فن ۽ هنر (Art & Craft) جو به دلڪش ڏيک بڻجي سامهون اچي ٿي.

هڪ خيال اهو به رهيو آهي ته صوفي بزرگ ۽ سالڪ جڏهن پنهنجي رندي رمزن، مستين ۽ سرمستين وارين ڪيفيتن ۾ اچي ڪي ٻول ٻوليندا هئا ته، سندن ڪلام مروج شعري پابندين ۽ لوازمات کان آجو يا مٿانهون به ٿي ويندو هو. اهو تاثر يا رايو جزوي طور تي قائم ڪري سگهجي ٿو پر مجموعي طور تي سنڌ جي صوفياڻي شاعري، شاعريءَ جي فن جي حسناڪين جو به اعليٰ نمونو رهي آهي.

فقير قادر بخش بيدل سائينءَ جو ڳَلامُ شاعريءَ جي فن جي مختلف جزن سان سينگاريل ملي ٿو جنهن جو مختصر واسُ اسان اَڄُ هنن صفحن ۾ وٺنداسين.

هر شاعِرَ جي "شعرَ جي شخصيت" مختلف هوندي آهي. ڪنهن جو شعر اُداس، غمگين، سوڳوارُ، ڪنهن جو مرڪندڙ ٽمڪندڙ ۽ ٽلندڙ، ڪنهن جو خماريل ۽ مدهوش، ڪنهن جو مست الست ۽ ارڏو، ڪنهن جو بغاوت سان ڀرپور..... ڪنهن هِڪَ شاعر جي شاعريءَ ۾ هِڪَ کان وڌيڪ ذائقا به موجود ٿي سگهن ٿا، پر ڪي ذائقا غالب بڻجي ان شاعر جي سڃاڻ بڻجي ويندا آهن. بيدل سائينءَ جي شاعري هونئن ته انيڪ اسلوبي اهڃاڻن ۽ موضوعن جي رنگارنگي جهلڪ رکي ٿي، پر سندس "شعر جي شخصيت" جي حوالي سان ، مون کي ڀيرو مل مهر چند آڏواڻيءَ جي لکيل هيءَ راءِ گهڻي مناسب لڳي. لکي ٿي:

"سندس شعر جو نمونو به طرح طرح جو آهي. ڪٿي ڏس ته ساميءَ وانگر لسو ئي لسو هليو هلي. ڪٿي ڏس شاهه لطيف وانگر جُدا جُدا ويس وَرن وٺي درد جا داستان ۽ برهه جا بيان ڪولي ٿو ۽ ڪٿي ته سچل وانگر موج ۽ مستيءَ ۾ اچي عرش تي پيو اڏامي. جڻ ته سيئي شاعر منجهس اچي سمايا آهن. انهيءَ هوندي به سندس ڪلام ۾ هڪ ڳالهه آهي، جنهن ڪري هُو پنهنجي شخصيت ٻين شاعرن کان نرالي طرح ظاهر ڪري ٻيٺو آهي. شاهه جي رسالي ۾ ڏسو ته سڪ ۽ درد گهڻو آهي ۽ سچل جي رسالي ۾ ڏسو ته بي پرواهي ۽ مستي گهڻي آهي، بيدل جي ڪلام ۾ جيتوڻيڪ اهي سيئي ڳالهيون موجود آهن. پر ڏسجي ٿو ته هن ۾ تلقين، سمجهاڻي گهڻي آهي."(1)

لطيف ۽ سچلُ، بيدل جا پيشرو ۽ فڪري سرچشما رهيا آهن. هڪ گهڻ پڙهيي ۽ وسيع ادراڪ جي مالڪ شاعِرَ جو فڪري توڙي فني حوالي سان، انهن کان Inspire ٿيڻ سڀاويڪ به آهي، پر لطيف ۽ سچل جي ڇِڪايل جامَ جي جرڪندڙ رنگن کي پنهنجي ساهَ سرير ۾ اوتڻ کانپوءِ، بيدل سائينءَ جيڪو پنهنجو جامُ جوڙيو آهي، ان جو رنگ روپ، مزو ۽ مناس ڪجهه اوُرئي آهي.

بيدل سائينءَ جي سنڌي شاعريءَ (پاڻ سرائڪي، اردو، فارسي ۽ عربي ٻولين جو صاحبِ ديوان شاعر پڻ آهي) ۾ ڪيئي فني

تجربا مُرڪندي ملن ٿا. غزل رنگ ڪافيون يا غزلياتي ڪافيون چوڻ جا پهريان دلڪش رنگ پاڻ کي سچل سائينءَ وٽ ملن ٿا. "عاشق ڏسڻ ۾ آيو محبوب گل سناسي" جهڙا ڪيئي موهيندڙ مثال، سچل وٽ موجود آهن. بيدل پڻ انهيءَ انداز کي اپنايو آهي ۽ غزلياتي ڪافيون چيون آهن:

پاڻ تو پيدا ڪيو ڪِنَ مان چيئي انسان ڪر!
گهرجَ هئي توکي گهٽي، ڪِنَ مان چيئي احسان ڪر!
جان ۽ جامو ڏئي، موجود موجان تو ڪيون
رانڊِ رَس ۾ تو چڙي، ڪِنَ مان چيئي نقصان ڪر !

هِڪَ ٻِي غزل رنگ ڪافيءَ ۾ چوي ٿو:

دعويٰ دورنگيءَ جي سَٽي، وحدت ڏي چِت جو چاهہ ڪر !
سِرُ پنهنجو ڪر تون سيهون، ٻيا سڀ قصا ڪوتاهہ ڪر !
"بيدل" برهہ جي پڙڪ سان، ڪا سُونجهہ ساهہ پساهہ ڪر !
تون تان اهو ساڳيو آهين، واقف اهو ويساهہ ڪر !

هنن ڪافين ۾ قافيي سان گڏ رديف جو استعمال پڻ ٿيل آهي. رديف جو استعمال شعرَ (غزل) جي سونهن ۾ اضافو ڪري ڇڏيندو آهي، ان جي رَچاءَ ۽ ردم کي وڌائي ڇڏيندو آهي. بيدل سائينءَ هِنَ رنگ ۾ لکيل ڪيترين ئي ڪافين ۾ رديف جو استعمال ڪيو آهي. خوشگواريءَ جو احساس تڏهن بہ پلئہ پوي ٿو جڏهن گهڻين ڪافين ۾ قافيي در قافيي يا مطلع در مطلع جو استعمال ملي ٿو جنهن سبب هڪ عجيب سرور اڀريندڙ رواني تخليق ٿي پوي ٿي.

صوفي شاعرن ۽ فقيرن وٽ "اسم تصغير" جو استعمالُ گهڻو ملي ٿو. هڪ حوالي سان، منهنجي خيال موجب، اسم تصغير جو استعمال پاڻ کي گهٽ کان گهٽ، هيٺ کان هيٺ ڪرڻ لاءِ بہ ڪيو ويو (مان تہ سڄڻ ! تنهنجي گولڙي آهيان، تنهنجي ٻانهڙي آهيان: سچل سرمست). اسمِ تصغير جو استعمالُ ٻاجهہ ۽ نماڻائپ جو نيشانُ بڻجي بہ سامهون اچي ٿو. لهجي ۾ Softness بہ پيدا ڪري ٿو. بيدل سائينءَ وٽ اهڙو استعمال گهڻو ملي ٿو:

جوشئون جلائي جسم کي، جيءَ ۾ ڪي پائڇ جهاتڙيون
ريءَ دردَ سڀ ڀاليهون ڦِڪيون، وهواهہ برهہ جون باتڙيون

هِنَ ڪافيءَ ۾ "جهاتڙيون" ۽ "باتڙيون" سان گڏ، ايندڙ قدمن (Stepts) تي "راتڙيون"، "برساتڙيون"، "لاتڙيون"، "اثباتڙيون"، "درجاتڙيون" ۽ "تاتڙيون" جو استعمال ڪيو ويو آهي.

هيئتي حوالي سان ڪافي (۽ پڻ گيت) ڪنهن بہ هڪ نهيل نُڪيل (Fixed) گهاڙيٽي (Frame) ۾ نہ ٿا ملن، انهن جا خد و خالَ مَٽ سَٽَ (Variation) ۾ ملن ٿا، ٻين لفظن ۾ ڪافيءَ جو گهاڙيٽو بہ مختلف تجربن مان گذرندو رهيو آهي. بيدل سائينءَ ڪافيءَ ۾ هڪ سِٽا ٽَلَهہ رکڻ جو تجربو پڻ ڪيو آهي. اهڙو ذڪر بيدل سائينءَ جي بيمثال مؤلف، مُرتب ۽ شارح اختر درگاهيءَ بہ هِڪَ جاءِ تي ڪيو آهي.

تون تہ ساڳيو سڄڻ آهين
تون تہ جو آهين، سو آهين
تون تہ چو ٿو لوڪ ڀُلائين؟

مٿين هِڪَ سِٽن ٽلهن وارين ٽنهي ڪافين جي شروعات "تون" سان ٿئي ٿي.

شاعِرَ (۽ خاص ڪري صوفي شاعر) ٻولين جا بادشاهہ هوندا آهن. مختلف ٻوليون سندن آڏو ٻانهين جيان بيٺل هونديون آهن ۽ هُو مختلف ٻولين جا گُلَ ۽ غُنچا چونڊي پنهنجي ڪلامَ ۾ ٽاڪيندا ويندا آهن. بيدل سائينءَ وٽ اهو رنگُ عامُ جام ملي ٿو:

راهہ انهيءَ وچ ڪلندي ڪيلن، سالِڪَ سِر دي بازي
ڇڏ هستي گهن مستي، سُڻ رمز ربابون

هتي هِڪَ شِعرَ ۾ "ڪيلن" (اردو) ۽ "گهن" ۽ "سُڻ" (سرائيڪي) لفظن جو استعمال اهڙي تہ خوبصورتيءَ سان ڪيو ويو آهي، جو اهي لفظ پڙهندي، اُچاريندي ڪٿي بہ اوپرا نہ ٿا محسوس ٿين. اهڙا ڪيئي مثال موجود آهن.

صوفياڻي ڪلامَ ۽ راڳَ جو تعلق اردوءَ جي لفظ "چولي دامن" وارو رهيو آهي. راڳَ، ردمُ، موسيقي، ترنم صوفياڻي ڪلامَ ۾، جسم ۾ رت جيان گردش ڪندو آهي. ٻِٽن لفظن جو استعمالُ يا وري هڪ ئي لفظ جو هڪ کان وڌيڪ دفعا ورجاءُ، سٽن ۾ موسيقي پيدا ڪندو آهي. لفظن جو اهو موهيندڙ ورجاءُ بيدل سائينءَ وٽ عام ملي ٿو:

وحدت جي درياءَ ۾ پلپل، موجَ منصوري مَچي مَچي
رنگ ربوبيت واري ۾، روح رندن جو رَچي رَچي

هِنَ ڪافيءَ ۾ "مچي مچي" ۽ "رچي رچي" کان اڳتي، "سچي سچي"، "بچي بچي" ۽ "نچي نچي" بہ استعمال ٿيل آهن. هِڪَ ئي لفظ جو

ٿي دفعا ورجاءُ بہ بيدل سائينءَ وٽ ملي ٿو:

روز ازل ڪون رُوح اسان ڏا،
رمز انهي وچ راضي، راضي، راضي،
راهہ انهيءَ وچ ڪِلندي ڪيلن،
سالڪ سر دي بازي، بازي، بازي،

مٿين ٻنهي مثالن ۾ لفظن جو ٻيروني ورجاءُ ملي ٿو جڏهن تہ بيدل سائينءَ وٽ، لفظن جو اندروني ورجاءُ بہ ملي ٿو جيئن:

توريءَ عين عذاب، عين عذاب،
توڙي باغ بهشت جا
"بيدل" هٿئون هوت جي،
ڪُسي ٿيو ڪبابُ، ٿيو ڪباب
توڙي باغ بهشت جا

بيدل سائينءَ جي شاعريءَ ۾ اسان کي سنڌي ٻوليءَ جي اترادي لهجي جو چَسُ بہ گهڻو ملي ٿو. اهڙو چَسُ اسان کي سچل سرمست، فقير نانڪ يوسف، حمل فقير، بيڪس، سيد صالح شاهہ راڻيپوريءَ ۽ ٻين سالڪن جي ڪلام مان بہ ملي ٿو. سچل شناس عالم ڊاڪٽر عطا محمد حاميءَ سنڌي ٻوليءَ جي اهڙي لهجي کي "سنڌي ٻوليءَ جو خيرپوري لهجو" سڏيو آهي ۽ پنهنجي پي ايچ ڊيءَ جي مقالي "خيرپور جي ميرن جو ادب، سياست ۽ ثقافت ۾ حصو" ۾ ٻوليءَ جي انهيءَ لهجي تي تفصيل سان ڳالهائيندي، مٿي ذڪر ڪيل صوفي شاعرن جي ڪلامَ مان اهو لهجو ڳولي اچي سامهون رکيو آهي. بيدل سائينءَ جي ڪلامَ ۾ شامل سنڌي ٻوليءَ جي اترادي لهجي جو هِڪُ مثال پيش ڪجي ٿو:

راڳ جا مائل، من جا قائل، وٺن جي رمزن واريون راهان
پنهنجو پاڻ ويکن ۽ وسهن نا ميان جاڏي ڪرن نگاهان
ناچ نچائن، ڳائن ڳائن، عرشون لنگهن انهن جون آهان

هتي "راهان"، "نگاهان" ۽ "آهان" سنڌي ٻوليءَ جي اترادي لهجي جو عڪس ٻڌجي سامهون اچن ٿا. هلندي هلندي مٿين سِٽن جي حوالي سان اها ڳالهہ ڪرڻ ۾ بہ ڪو حرج ناهي تہ هنن سِٽن ۾ اسان کي اندروني قافين (مائل/ قائل، ويکن/ وسهن، نچائن / ڳائن) جو استعمال بہ ملي ٿو تجنيس حرفي (مائل / من، رمزن / راهان، پنهنجو / پاڻ، ويکن / وسهن، ناچ / نچائن، انهن / آهان) جو استعمال بہ ملي ٿو ۽ لفظن جي ورجاءَ (ڳائن ــ ڳائن) وارو واسُ بہ ملي ٿو. ائين صرف هيءَ هڪ اسم سنڌي شاعريءَ جي ڪيئي فني حسناڪين جو مجموعو ٻڌجي سامهون اچي ٿو.

بيدل سائينءَ وٽ "مسلسل بيت" لکڻ جي روايت بہ ملي ٿي. اهو تسلسل ٻن صورتن ۾ ملي ٿو يا تہ هر بيت جو پهريون پد مستقل رکيو ويو آهي، وري بيتَ جي آخري پد کي نئين بيت جي پهرئين پَدَ طور استعمال ڪيو ويو آهي. ٻنهي صورتن ۾ اها ترتيب بيتن ۾ فني حسن پيدا ڪري ٿي.

تلميعَ (جنهن کي پاڻ وٽ عام طرح Misperceive ڪندي "تلميح" ڪوٺيو ويندو آهي) شاعريءَ جي اهم صنعت ليکي ويندي آهي، جنهن موجب ڪنهن بہ ڏاري ٻوليءَ جي سِٽَ، شِعرَ جي اصلوڪي ٻوليءَ جي وچ ۾ استعمال ڪئي ويجي. صوفي شاعرن وٽ اڪثر ڪري قرآني آيتون يا حديث سڳوريون، تلميع طور استعمال ٿيل ملن ٿيون. بيدل سائينءَ وٽ بہ "تلميع" جو گهڻو استعمال ملي ٿو:

اونهي هن اسرار جي، جنين پُرجهي مامَ
"لا خوف عليهم ولا هم يحزنون" آيا ۾ آرام
عارف ٿيا علام، بيخودي باب پڙهي.

مٿين بيت ۾ قرآني آيت جو استعمال ٿيل آهي. ساڳئي وقت "تلميح" (ڪنهن تاريخي ڪردارَ يا واقعي جو تمثيلي استعمال) بہ بيدل سائينءَ وٽ گهڻو ملي ٿو. هُو شيرين فرهاد، يوسف زليخان، سسئي پنهون، سهڻي، مومل ۽ رانجهن سميت ڪيئي ڪردارن کي مختلف جاين تي تلميح جي صورت ۾ ڳائي ٿو.

مجموعي طور تي چئي سگهجي ٿو تہ بيدل سائينءَ جي سنڌي شاعري بيشمار فني حسناڪين جو مجموعو آهي، جن مان ڪي ٿورڙيون ۽ بنهہ مختصر خوبصورتيون، اسان هن مختصر لکڻيءَ ۾ پسي سگهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

**حوالا:**

1. پيرومل مهر چند آڏواڻي: "بيدل فقير ۽ سندس شاعري"، (ڪتاب: بيدل هڪ اڀياس، مرتب: رکيل مورائي)، بيدل يادگار ڪاميٽي، روهڙي / سکر، سال 2017ع، ص 48.
2. بيدل سائينءَ جو رسالو: مرتب، اختر درگاهي، بيدل يادگار ڪاميٽي، سال 2011ع (شعرن جي چُونڊ).

# معروف بزرگ ۽ شاعر فقير قادر بخش بيدل

عطا حسين ”زين“ سولنگي

Abstract:

Faqir Qadir Bux Bedil bet_ ter known by his pen name Bedil was a Sufi poet and scholar of great stature. After Shah Abdul Latif Bhittai and Sachal Sarmast, two stars that shone on the firmament of Sindhi poetry and who could measure up to them in excellence were the father and son – Bedil and Bekas.

It is narrated in the book Diwan_e_Bedil by Abdul Hussain Musavi that the midwife came and announced the news of the birth of a child to father who was sitting in the gathering with Sufi Januallah Shah. She said, "You have been blessed with a child but alas, his one foot is physically twisted." Upon hearing this father said," He is not physically handicapped by one foot. In fact, he is the flag of Rohri city." His father's statement



proved true many years later.[3] On his birth, he was named Abdul Qadir but he preferred to be called Qadir Bux. Bedil was the most voluminous poet of Sindh, even more so than Shah Latif, with 10 books of poetry to his credit. Most of his poems were written in Persian, Seraiki, Sindhi, Arabic, and Urdu.

سنڌ ڌرتيءَ تي ڪيترن ئي ناليوارن عالمن، بزرگن ۽ صوفي شاعرن جنم ورتو آهي، انهن مان فقير قادر بخش بيدل بہ هڪ آهي، فقير قادر بخش بيدل سنڌ جي ڪلاسيڪي ادب/ شاعري ۽ تاريخ جو اهم نالو آهي. هو هڪ باڪمال شاعر، وڏو عالم ۽ اعليٰ پائي جو مفڪر ۽ صوفي شاعر ٿي گذريو آهي. سندس ڪلام، شاهہ لطيف ۽ سچل سرمست ڪان پوءِ سنڌ ۽ هند ۾ تمام گهڻو مقبول ٿيو. فقير قادر بخش بيدل جي شخصيت سنڌ جي ادبي ۽ فڪري تاريخ ۾ گهڻ رخي رهي آهي. هو هڪ ئي وقت سنڌي، اردو، هندي، فارسي ۽ عربي ٻولين جو شاعر، نثر نويس ۽ جيد عالم بہ هو. هو هڪ ئي وقت قرآن، حديث، فقهہ وغيره جو وڏو ڄاڻو هو. ان سان گڏ هو تاريخ ۽ ادب جو گهرو مطالعو رکندڙ ۽ برصغير جي موسيقيءَ جو وڏو ڄاڻو هو. بيدل فقير جو اصل نالو قادر بخش هو. هن 1815ع بمطابق 1231هہ ۾ فقير محمد محسن قريشيءَ جي گهر روهڙيءَ ۾ جنم ورتو. سندس فرزند فقير بيڪس، هن جي ولادت جي تاريخ هن طرح ڪڍي آهي:

زغيب آمده روضتہ العارفين،
بگتم گلي راحت العاشقين.

ڄمڻ وقت سندس نالو "عبدالقادر" رکيو ويو پر جڏهن شعور کي پهتو تڏهن حضرت عبدالقادر جيلاني رح جي عقيدت منديءَ سبب پاڻ کي "قادر بخش" سڏائڻ لڳو. اڳتي هلي سندس تصنيفن ۾ ٻنهي نالن جو استعمال ٿيل آهي.

مگر ناليواري ليکڪ ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي پنهنجي ڪتاب "سنڌي ادب جي مختصر تاريخ" صفحي 181 ع تي سندس جنم جو سال 1814ع لکيو آهي جيڪا ڳالهہ تحقيق طلب آهي.

فقير قادر بخش بيدل پنهنجي وقت جو نهايت پڑهيل ڳڙهيل ۽ اعليٰ تعليم يافتہ شخصيت جو مالڪ هو. هن جي ولادت هڪ درويش ۽ قادري طريقي جي دست بيعت صوفيءَ جي گهر ۾ ٿي. سندس والد وٽ صوفي درويش ۽ مفڪر ايندا هئا، ان ڪري سندس ابتدائي تربيت هڪ عالماڻي ۽ عارفاڻي ماحول ۾ ٿي، جنهن جو ثبوت سندس تصينيفون آهن. فقير بيدل روهڙيءَ جي ڪهڙن مدرسن ۽ ڪهڙن استادن وٽ تعليم حاصل ڪئي، ان جو مستند پتو نہ ٿو پوي. فقير بيدل پاڻ بہ ڪنهن تصنيف ۾ استاد يا مدرسي جو ذڪر نہ ڪيو آهي. خانداني روايتن موجب فقير بيدل پنجن ڪان ٻارهن ورهين تائين مڪتبي تعليم حاصل ڪئي. سمجهہ ۾ اچي ٿو تہ هن پنهنجي والد جي صحبت ۽ وقت جي عالمن ۽ صوفين ڪان تعليم حاصل ڪئي هوندي. بيدل فقير جو برصغير جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ جو ڳوڙهو اڀياس هو. فارسيءَ جو ڄاڻو هئڻ ڪري مولانا رومي، سعدي، حافظ شيرازي ۽ عطار جي ڪلام جو هن گهرو مطالعو ڪيو. ان ڪانسواءِ سنڌ جي اساسي ۽ ڪلاسيڪي شاعري بہ سندس مطالعي هيٺ رهي. هن سنڌ جي علمي ۽ صوفي مرڪزن سيوهڻ، ڀٽ شاهہ، جهوڪ شريف، درازا، پير جي ڳوٺ، پريالوءِ، نوشهري فيروز ۽ ڪنڊڙيءَ وچي اُتان جي درگاهن جي فڪري تحريڪ ڪان آگاهي حاصل ڪئي. صوفي فقيرن سان ڪچهريون ڪيون ۽ سندن فڪري ڪلاسن ڪان متاثر ٿي رچي ريٺو ٿيو. ڪجهہ روايتن موجب هن علي گوهر شاهہ اصغر ڪان مثنوي مولانا روم جا سبق ورتا ۽ مولوي عبدالرحمان سکر واري وٽ شرح جامي بہ پڙهيو. سمجهہ ۾ اچي ٿو تہ هن سنڌ جي مختلف عارفن ۽ صوفي درويشن کي پنهنجو مرشد سمجهيو آهي. سندس ڪلام ۾ حضرت قلندر شهباز، جان دين الله شاهہ رضوي، شاهہ عبداللطيف ڀٽائي، سچل سرمست سان عقيدت جو کُليو اظهار ملي ٿو. فقير قادر بخش بيدل تعليم تربيت ۽ سير سياحت ڪان پوءِ تصنيف ۽ تاليف جو وڏو ڪم ڪيو. هن 59 سالن جي حياتيءَ ۾ عربي فارسي، سنڌي، سرائيڪي ۽ اردو ۾ نظم ۽ نثر جا 30 ڪتاب تصنيف ڪيا، جن مان اڪثريت عربي ۽ فارسي ٻولي ۾ آهي. سندس مشهور ڪتابن ۾ "مثنوي رياض الفقر"، "ديوان سلوڪ الطالبين"، "رموز القادري"، "ڪرسي نامہ"، "سرود نامو" (سنڌي ۽ سرائيڪي ڪافين جو مجموعو) "وحدت نامو" (سنڌي بيتن جو مجموعو) "غزليات هندي" (اردو ڪلام) "ديوان بيدل" (فارسي) "پنج گنج" وغيره شامل آهن. پنج گنج فقير بيدل جو مقبول ترين ڪتاب آهي. سندس ڪلام کي "ديوان بيدل" جي نالي سان ترتيب ڏيئي گرو مل ڪنڻ مل هرجاڻيءَ ڀيرو 41_1940ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو. ديوان بيدل جو هڪ اهم نسخو عبدالحسين شاهہ موسويءَ ترتيب ڏيئي ڇپايو.



”بيدل جو اردو ڪلام“ نوجوان محقق ۽ شاعر اختر درگاهيءَ ”بيدل جو اردو ڪلام“ عنوان سان ترتيب ڏيئي 1997ع ۾ ڇپايو هو. جيڪو ٻيهر ”ديوان بيدل“ (بيدل ڪا اردو ڪلام) عنوان سان 2003ع ۾ شايع ٿي چڪو آهي. هن ڪتاب ۾ لائق محقق بيدل جي سوانح عمري، تعليم ۽ تربيت، بيدل جي صحبتن ۽ تصنيف ۽ تاليف جو تفصيلي ذڪر ڪيو آهي.

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي بيدل لاءِ لکيو آهي ته : بيدل بسيارگو شاعر هوءِ هڪ يگانو عالم پڻ هو . سندس فارسي ڪلام ۽ نثر ۾ لکيل ڪتاب ان جي شاهدي ڀرين ٿا . هو تصوف ۾ ممتاز حيثيت رکي ٿو. تصوف سندس پسنديده موضوع رهيو آهي . بيدل صوفي بزرگن ۽ شاعرن کان گھڻو متاثر هو. جنهن ٻه ٻوليءَ جي ڪلام تي نظر وجهوان ۾ بيدل هڪ ئي نظر ايندو. سنڌي هجي يا سرائڪي، اردو هجي يا فارسي، بيدل درد جا جيڪي داستان بيان ڪيا آهن، سي هر هنڌ ساڳيا آهن . سندس ڪلام ۾ عشق جو هڪ اونهو اسرار ملي ٿو. جتي عقل جو اختيار ئي هليو وڃي ۽ پوءِ منصوري نعرا لڳن ٿا . سڀ صورت ۾ يار جو جلوو نمايان ٿي بيهي ٿو:

يار يگانو ڪاڻ ظهوري، سوين ڪرين سينگار
پاڻ پرين ڪثرت ۾ آيو.
بيدل ڇڏ نه هٿئون تون هرگز، وحدت جو واپار
سالڪ ٿي هي خيال سجايو.

صوفي ڪي وجود جو ورق ئي ڏوئي ڇڏڻو آهي. هستيءَ جي هوڏ ڇڏي ڏيڻي آهي، پوءِ ڍونڍڻ جي ضرورت ئي نه پوندي، پنهون ئي پاڻ ۾ پيو پسبو. سسئي ته رڳو سورن جو ٻيو نالو لڳندو. انهيءَ مضمون کي شاه ڀٽائي ۽ سچل جي رنگ ۾ بيدل هيئن ادا ڪري ٿو :

ڳولها ڪرين جنهن جي، سوئي تون سلطان،
پيهي پس تون پاڻ ۾ پنهنجي سونهن سڃاڻ،
ناحق ٿيو نادان، ليئا وجهين لوڪ ۾.

اهڙيءَ طرح صوفي وحدت جو ويساهه رکن ٿا:

صوفيءَ سانديو ساهه سان، وحدت جو ويساهه،
سندس ساهه پساهه، سمائي نه سرير ۾.

بيدل فقير 16 ذوالقعد 1289ھ بمطابق 15 جنوري 1873ع ۾ وفات ڪئي. هر سال سندس مزار تي روهڙيءَ ۾ ميلو ۽ عرس منعقد ٿيندو آهي، ان موقعي تي بيدل ادبي ڪانفرنس جو اهتمام به ڪيو ويندو آهي.

# فقير قادر بخش بيدل جي شخصيت ۽ فڪر

**نثار ناز رُڪ**

سنڌ ڌرتيءَ جي پوتر مٽيءَ کي اهو شرف حاصل رهيو آهي تہ هن تي ڪيترن ئي عالمن، اديبن، تاريخدانن سميت صوفي شاعرن جو جنم ٿيو آهي جن پنهنجي فڪر ۽ صوفياڻي شاعريءَ ۾ تصوف، امن، پائيچاري جو پرچار ڪندي مذهبي ڪٽرپڻي کان مڪمل بيزاري ظاهر ڪئي، ذات پات، رنگ نسل کان هٽي فقط انسانيت ۽ امن جو درس ڏنو. اهڙن ئي صوفي درويشن مان فقير قادر بخش ”بيدل“ هڪ آهي. سندس ولادت ميان محمد محسن قريشي جي گهر سندن مرشد سيد عبدالوهاب شاهہ پاڳناڙي جي دعا سان سن 1231هہ مطابق 1815ع ۾ ٿي. فقير بيدل سائين کي ٻہ گهرواريون هيون جنهن کي پهرين گهرواريءَ مان نياڻي جو اولاد ۽ ٻي گهرواريءَ مان ٽن پٽن جو اولاد ٻڌايو وڃي ٿو جن مان 2 پٽ ننڍي هوندي ئي پيالو ڪري ويا هئا جڏهن تہ سندس وڏو فرزند محمد محسن جنهن پنهنجو شاعري ۾ تخلص ”بيڪس“ ظاهر ڪيو آهي جيڪو سنڌي فارسي سميت ٻين ٻولين جو ناميارو صوفي شاعر ٿي گذريو آهي جنهن فقط زندگي جون 23 بهارون ماڻيون پر شاعري جي لحاظ کان ديوان بيڪس لکيو جيڪو ننڍي عمر ۾ تمام وڏو اعزاز آهي ۽ اهڙي طرح ڀاڻ جواني ۾ ئي آگسٽ 1881ع ۾ راهہ رباني وٺي ويو.

فقير قادر بخش بيدل نہ فقط صوفي شاعر پر هڪ وڏو مفڪر ۽ عالم هو جنهن جي



ابتدائي تعليم ڪان شريعت طريقت معرفت ۽ حقيقت جو صاحب ٿيڻ تائين جون منزلون ماڻڻ لاءِ ڪتابن ۾ سندس استاد مولوي عبدالرحمان جو نالو ڪنيو وڃي ٿو پر ان تي ڪو محقق هن وقت تائين پڪو پختو ثبوت يا ڪو اهڙي قسم جو دستاويز ناهي پيش ڪري سگهيو ڪي وري چون ٿا ته بيدل سائين پاڻ علم ۽ عرفان جا پهتل بزرگ هئا. باطني فيض جي حوالي سان خبر پوي ٿي ته بيدل سائين جي گهراڻي جو طريقت وارو سلسلو درگاه جهوڪ شريف جي صوفي شاه عنايت شهيد سان سلهاڙيل آهي پر بيدل فقير سنڌ جي سمورن صوفي درگاهن جو پانڌيئڙو رهيو آهي، خاص ڪري سنڌ جي ٽن اهم درگاهن جن ۾ درازا جي درگاه سچل سرمست، درگاه مير جان الله شاه رضوي روهڙي ۽ سيوهڻ جي شهباز لال قلندر جي درگاهون شامل آهن جتان ڪيس باطني فيض جي پالوٽ ٿي آهي ۽ روحاني رمزن ۾ رچي فقير بيدل سائين ظاهري ۽ باطني مشاهدا ماڻيا آهن جيئن حقيقي عشق جي ڏکي منزل ماڻڻ لاءِ مجازي عشق واري مرحلي مان ضرور پار پوڻو پوي ٿو. ان حوالي سان فقير بيدل سائين جي مجازي محبوبن ۾ بکر ۾ انگريزن جي ڇانوڻي سامهون دڪان هلائيندڙ پهريون مجازي محبوب ڪرمچند، ٻيون صحبتي ۽ مجازي محبوب غلام محمد فقير جيڪو شڪارپور جو مغل ٻڌايو وڃي ٿو جڏهن ته ٽيون مجازي محبوب ۽ صحبتي فقير قاضي پير محمد آهي جيڪو روهڙي جو رهواسي ۽ روهڙي جي قاضي خاندان مان هو. بيدل سائين جي ٽنهي محبوبن جو وصال بيدل فقير جي حياتيءَ ۾ ٿيو جنهن جو بيدل سائينءَ جي




زندگي تي تمام گهڻو اثر ٿيو آهي. اهڙي ريت فقير قادر بخش بيدل 16 ذوالقعد 1289ھ بمطابق 15 جنوري1873ع ۾ وصال ڪيائون ۽ سندس جسد خاڪي کي روهڙي ريلوي اسٽيشن لڳ مدفون ڪيو ويو جتي اڄ بهترين درگاه تعمير ٿيل آهي. بيدل سائين 34 ڪتاب تصنيف ڪيا جن ۾ مثنوي رياض الفقر، ديوان سلوڪ الطالبين، رموز القادري، مثنوي دلڪشا، مثنوي نهرالبحر، ديوان مصباح الطريقت، ديوان منهاج الحقيقت، ڪرسي نامه قادريه، سرودنامو، وحدت نامو (سنڌي)، وحدت نامو (اردو)، ديوان بيدل اردو، فرائض صوفيه، قصهٔ هير رانجها، قصه ليليٰ و مجنون،ظهورنامه، قصيده من توارخ، پنج گنج، فوائد المعنوي، سند الموحدين، رموزالعارفين، تقويت القلوب في تذڪرته المحبوب، في بطن احاديث، قرت العينين في مناقب السبطين، انشاء قادري، تاريخ سنڌ، خطبات، عقائد، لغت ميزان طب، وصيت نامو، وحدت نامو فارسي، مخمسات، متفرق فارسي ڪلام ، صراط السالڪين ڪان سواءِ سنڌي سرائڪي ڪافيون اردو ڪلام وحدت نامو عربي ۽ فارسي ڪلام نثري تصنيفون فرائض صوفيه ديوان بيدل وغيره پڻ شامل آهن.

# سِڪ رمز رموز وڃاوڻ دي...

اشرف جماڻي

تصوف جي تعليم اڄ جي دور ۾ نه فقط عالم اسلام پر پوري دنيا لاءِ اهميت رکي ٿي، موجوده حالتن ۾ جتي هر طرف افراتفري قتل و غارت گيري حرص وهوس، فتنه گيري پنهنجي عروج تي آهي، هڪ ٻئي جي خلاف زهر اوڳاڇيو پيو وڃي. هر طرف هٿيارن جي ڌوڙ ۽ بارود جي بوءِ ٿي پئي محسوس ٿئي اتي پيار، ڀائيچاري ۽ مساوات جو درس وڏي اهميت رکي ٿو ۽ اهو درس اسان کي تصوف جي تعليمات ۾ ئي ملي ٿو. مذهبي ۽ مسلڪي متڀيد کان بالاتر هن پيغام جي اڄوڪي دور ۾ وڏي ضرورت محسوس ٿي رهي آهي.

ان حقيقت ۾ ته ڪوبه شڪ ناهي ته اسان سنڌ واسي شروع کان تصوف جي رنگ ۾ رتل آهيون پر افسوس جو فتنن جي هن فسادي دور ۾ مذهبي ۽ مسلڪي متڀيد وڏيون وڇوٽيون پيدا ڪيون آهن ۽ اسان محبتي مانداڻ کي نظرانداز ڪري ڇڏيو آهي، نه ته فخر سان چئي سگهون ٿا ته اسان سنڌ واسي هميشه کان فقيري فڪر، نياز نوڙت ۽ ميٺ محبت جا امين ۽ سفير رهيا آهيون ۽ اهو ئي پيغام اسان کي صوفين کان ورثي ۾ مليو آهي. اسان ڪڏهن ڪرتوتن کان نفرت ڪندا آيا آهيون. اهوئي سبب آهي جو ڏيهي توڙي پرڏيهي عالمن، عارفن ۽ صوفين هن ڌرتيءَ کي بيحد پسند فرمايو ۽ هتي رهڻ کي پاڻ لاءِ وڏو اعزاز ڀانئيو. هتان جي ماڻهن سندن تعليمات کي جهر جهنگ ڦهلايو، اڄ به ان تدريس جو ئي اثر آهي، جو هتان جا ماڻهو روزانو پهرين ڪنهن نه ڪنهن عارف، سالڪ، اولياءَ جي در جا سلامي ٿين ٿا ۽ پوءِ دنياداريءَ کي ترجيح ڏين ٿا. جيئن حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحه فرمايو ته:

ساري رات سبحان، جاڳي جن ياد ڪيو
اُن جي عبداللطيف چئي، مٽيءَ لڌو مان
ڪوڙين ڪن سلام، آڳهه اچيو اُن جي.






تصوف جو اهڙو ئي هڪ جرڪندڙ ستارو جنهن جي مٽيءَ اهڙوئي مان لڌو ۽ امر بڻجي ويو اڄ به سنڌس در جا سوين ماڻهو سلامي آهن، اُهو آهي جيد عالم، مفڪر، عارف، عابد ۽ زاهد فقير قادر بخش ”بيدل“.

فقير قادر بخش ”بيدل“ جي ولادت روهڙيءَ ۾ 1231 هجري بمطابق 1815ع ۾ ٿي، سندن والد محترم جو نالو فقير محمد محسن هو پاڻ قريشي صديقي خاندان جو چشم و چراغ هو.

سندن اصل نالو عبدالقادر هو، مگر پاڻ حضرت غوث اعظم شيخ عبدالقادر جيلانيءَ سان عقيدت جي باعث پنهنجو نالو بدلائي قادر بخش تخلص ”بيدل“ جي نالي سان شهرت ماڻيائون. پاڻ اهل قلم هئا، نثر ۽ نظم جا تقريبًا 34 ڪتاب تصنيف ڪيائون. پاڻ سنڌي، اردو، سرائڪي، فارسي ۽ عربي زبانن جا قادرالڪلام شاعر هئا. سندن شاعريءَ ۾ تخلص ”طالب“ استعمال ٿيل آهي.

بيدل سائين جن 16 ذوالقعد 1289 هجري بمطابق 15 جنوري 1873ع ۾ هن فاني دنيا مان رحلت فرمائي.

سندن پيغام خالق اڪبر جي هيڪڙائي ۽ اُن جي محبوب صلي الله عليه وآله وسلم جي تعليمات سان سرشار نظر اچي ٿو. وحدت الوجود جي علمبردار هن شاعر جي ڪلام ۾ مذهبي رواداري، انسانيت جي ڀلائي ۽ هڪجهڙائيءَ جو درس پڻ ملي ٿو. پاڻ هر جاءِ پرينءَ جي پسڻ جو هوڪو ڏيندي نظر اچي ٿو. ٻيائيءَ ۽ دوئيءَ کي دل مان ڌڪارڻ جو سبق پڙهائيندي نظر اچي ٿو.

مڙيوئي محبوب آهي، تر جو نہ تفاوت
”ڪل شيءِ هو الله“، صاحب ياتون يات
اچي ٿيو اثبات، جاڏي ڪاڏي سپرين.

سندس پيغام ۾ هر فرد جي عقيدي ۾ ايمان جو احترام سمايل آهي، پاڻ هوڏ ۽ هستيءَ کي ختم ڪرڻ جو سبق ڏئي ٿو سندس خيال ۾ فنائيت جي اُن منزل ۾ ئي خود پرستيءَ جو خاتمو سمايل آهي، خوديءَ ختم ڪرڻ ۾ ئي وحدت جو وصال سمايل آهي.

سِڪ رمز رموز، وڃاڻ دي
نهين حاجت، پڙهڻ پڙهاوڻ دي.

صوفين جي نظر ۾ انسان ذات جي دل آزاري ۽ ڏڪار وڏو پاپ آهي. هن ڀهروپيت، دغا، دوئي ۽ فريب کي نفرت جي نگاهہ سان ڏٺو آهي ۽ ماڻهن کي به اندر جي سچائيءَ جي تلقين ڪئي اٿائون. فقير بيدل وٽ نند وڏائيءَ جو ڪو به تصور نہ آهي، هن وٽ تمام وڏو آفاقي پيغام آهي

حقيقت ۾ هڪ ٿيو اچو ۽ ڪارو
نينهن هنيو نعرو، هر مظهر ۾ هيڪڙو.

ڪي جو ڪُنڀارَنِ مِٽيءَ پائَي مَنِيو .."شاھ"!!!

# ڪنڀارن سان ڪچهريون ۽ ڳوٺ ٻرڙا جي مختصر تاريخ

قربان ڪوسو

پنهنجن پٽن ڪي چوندو آهيان تہ اوهان جي شاديءَ جو ڪاڄ نج پراڻي ثقافتي طريقي سان ڪرائيندس جنهن ۾ جديد ڏيڪاءُ وارن طريقن کان هٽي قديم طريقن جنهن ۾ شاميانن بجاءِ هٿرادو ڻاهيل مَنَھ ڻائپ ڇَن .. ويهڻ لاءِ ڪرسين بجاءِ کٽون .. پٽ ۽ ٻاجي لاءِ ٻاٽوڙا .. ٻاڻي لاءِ دلا مٽ ۽ ڪُپا .... ان سان گڏ اهي سڀ رسمون جيڪي اسان جي ڪلچر جو حصو آهن.

منهنجي همراهن جو ڇا رد عمل هوندو.!؟ اهو ذڪر بعد ۾ ، هتي هي ڳالهہ ان ڪري ڪيم ۽ مان اڪثر چوندو بہ آهيان تہ اسان مان اوطاقون محبتون سڀ نڪرنديون پيون وڃن. "رسول حمزه توف" پنهنجي ڪتاب "مرا داغستان" ۾ هڪ هنڌ لکيو آهي تہ (اوهان ماضي کي گولي جو نشانو بڻائيندو مستقبل اوهان کي توب سان اڏائيندو) جدت جي شوق ۾ پنهنجي اصليت ۽ پنهنجن تاريخي ورثن کان پري ٿيندا پيا وڃون تاريخي رسمن ۽ ڪلچر کي صفا رد بہ ڪري نہ ڇڏجي. جديد طرز زندگي پنهنجي جاءِ تي "اهم هوندي آهي " پنهنجن ورثن سان پيار هجڻ گهرجي. برطانيا جهڙن ڪوڙ ملڪن ۾ اڄ بہ جديد ۽ قديم رسمن کي گڏائي هلايو وڃي ٿو اچون ٿا اصل موضوع طرف، چوندا آهن تہ پيار ڪندڙ ماڻهو جهيڙو ڪرڻ بند ڪري ڇڏي تہ سمجهي وڃڻ گهرجي تہ هو ناراض آهي.

استاد محمد عرس جو جهيڙو بند ڪري ڇڏڻ ۽ منهنجا بهانا پنهنجي جاء تي، پر هاڻي جيڪو اڏوگابرو ڪم ٿيل آهي ان کي آهستي آهستي پورو ڪرڻ جو سوچيو آهي جو تہ طبيعت ساٿ گهٽ ٿي ڏئي ان ڪري پنهنجي حصي جو ڪم جيترو ڪري سگهجي اهو ٺيڪ رهندو. گرميون بہ ڏاڍيون آهن. ڪنوينس جي ڏکيائي الڳ، ان جي باوجود ڪنهن نہ ڪنهن دوست کي تڪليف ڏيندو رهندو آهيان .. هن ڀيري پنهنجي پراڻي يار شاھ بيگ سائين کي گڏ ڪٺي ڳوٺ ٻرڙا لاءِ نڪري پياسين، سڏو محمد بخش ڪنڀار جي بينڪ تي پهتاسين. هي سندن ابن ڏاڏن کان هلندڙ پراڻو ڪنڀارڪو آتڻ آهي. ٽانو ٺاهڻ ۽ آوي پچائڻ سميت سڄو ڪاٻاڙو اتي ئي آهي. ان سان گڏ ئي عبدالغفار ڪنڀر جو چڪ آهي



چا تہ ڪمال هنر آهي، واقعي سخت محنت وارو ڪم آهي. رڳو دلو ناهڻ ئي ڪيترن مرحلن مان گذري ٿو ڏسي حيراني ٿي... پڇائي چيو آهي نہ تہ... "نِهائِيءَ کان نِينهن سِک مُنهنجا سپرين" .. ۽ مون ڏٺو تہ واقعي هنن وٽ "آوي منجهہ خواب پچن ٿا" پنهنجي ڪشادي دل جيان ڪشادا پڌر رڪندڙ هي خوبصورت تخليقڪار ۽ سرجڻهار هٿ جن جون اوطاقون جتي هر وقت ڳوٺاڻن جي پيار محبت فصلن جا لاها چاڙها، خوشيون غم، ناراضگيون، شاديون مراديون، راز نياز، نينهن جون اهي ڪچهريون ۽ ميڙا متل رهندا هئا. هڪ ڪي ڪنڊو لڳندو هو تہ درد ٻيو محسوس ڪندو هو پتن خوشين جون تاريخون ايستائين نہ ٻڌندا هئا جيستائين ناراض ڏر ڪي راضي نہ ڪبو هو....

انهن اجهاڻل "آٽڻ" تان مليل معلومات موجب ماضيءَ ۾ خوشحال سنڌ جي ڳوٺن ۾ هر پاڙي ۾ ٻہ چار گهر ڪنڀرن، لوهارن، واڍن جا ضرور هوندا هئا، ۽ انهن هنرمندن جا گهر ٻين جي پيٽ ۾ مالي حوالي سان پاڻ پرا هوندا هئا. مون جڏهن پنهنجي خطي جي تاريخ سهيڙڻ جو ڪم شروع ڪيو هو تہ جن ڳراڻن سان مليس اهي ٻڌائن ٿا تہ اسان جي علائقي جا ٻہ ڳوٺ "ڏيپارجا ۽ ڳوٺ برڙا" ورهاڱي کان اڳ وڏا واپاري مرڪز رهيا آهن، درياهہ ۽ ريل رستي واپار ٿيندو هو ڏيپارجا کان درياهہ جو پتڻ هئڻ ڪري ٽانگن رستي برڙا تائين جتان ريل رستي اڄ وچ ۽ واپار هلندو هو ان دور ۾ ڳوٺ برڙا ڪاروبار جي لحاظ کان وڏو واپاري مرڪز هو ٻيگتن جون محفلون پڻ ٿينديون هيون، سنڌ هند جو وڏو فنڪار ماستر چندر ۽ ٻيگت ڪنور رام هن ڳوٺ ۾ محفلون ڪري ويا .. اڄ ٻ سنڌي هندن جا شاندار ماضي رڪندڙ محل نما اهي گهر ۽ پاڙيسري قديم تاريخي مسجد جيڪي هن وقت ڪنبر ٻڻجي ويا آهن، پنهنجي دور جي قدامت جون ڪهاڻيون ٻڌائي رهيا آهن ... هن ڳوٺ جي بزرگن ٻڌايو تہ برڙا ذات جي ماڻهن جي گهڻائي



جي ڪري هن ڳوٺ تي برڙا نالو پيو. هتي هندو لوهاڻا، سيد، برڙا، خاصخيلي، ڪنير، ڪتي، سومرا، چنا موچي رهندا هئا. ان دور ۾ پهريون اسڪول پڻ ڳوٺ برڙا ۾ هيو جنهن ڪري هي ڳوٺ پورهيت ۽ محنت ڪش ماڻهن سان گڏ وڪيل، استاد ۽ پڙهيل لکيل ماڻهن جو ڳوٺ هيو. ان دور ۾ هتي سنڌي هندن جا سونارڪا دوڪان، پنسار، ڪپڙي جا دوڪان ۽ ريزڪي سامان جا دوڪان هوندا هئا .. سکر ۽ حيدرآباد کان ٻيڙين رستي ڏيپارجا تائين جتان اٽن تي ۽ بعد ۾ انگريز دور ۾ ريل گاڏيءَ ۾ نوان جتوئي اسٽيشن تي سامان لهندو هو.

پنهنجي دور ۾ عروج رڪندڙ ڳوٺ برڙا جو زوال تڏهن آيو جڏهن 1945ع ۾ ان وقت جي مشهور ڌاڙيل غلام حسين واڍي هندن

ڪي ڏاڙو هنيو جنهن ۾ "پوهو" نالي هندو مارجي ويو. چون ٿا اهو هن پر امن علائقي ۾ پهريون ڏاڙو هو.... ڏاڙيل غلام حسين واڍي جو ذڪر سهڻي رسالي جي ايڊيٽر طارق اشرف پنهنجي ڪتاب جيل جي ڊائري ۾ پڻ ڪيو آهي، ڏاڙيل غلام حسين واڍي جي زندگي تي طارق اشرف جو ڪتاب بہ لکيل آهي، ان وقت غلام حسين واڍو طارق اشرف سان جيل ۾ گڏ هو. ڏاڙيلن جو ڍڪاء مٿان ورهاڱي جي تلوار سنڌي هندن کي لڏڻ تي مجبور ڪيو. سنڌ جي اپر مڊل ڪلاس جي لڏي وڃڻ سبب هن ڳوٺ جي تاريخي حيثيت کي ڪاپاري ڌڪ لڳو.. ڏاڙيلن جي واقعي ۽ ورهاڱي کان اڳ ٻرڙن جو ڳوٺ هنرمندن جو ڳوٺ رهيو آهي. ڳوٺ ۾ علم ادب جي تاريخ سان گڏ مختلف هنرن جي پڻ تاريخ ملي ٿي. ڳوٺ ٻرڙا ڪڏهن ٻڌو ۽ ڪنهن ٻڌرايو ان جو تفصيل اڳتي هلي لکنداسين .. ذڪر هو ڪنپارڪي ڪرت جو. مٽيءَ جا ٿانوَ ناهڻ جا ڪيترائي ڪاريگر نوڙها ۽ اسان جي ڳوٺ نوان جتوئي ۾ بہ رهيا آهن، چاچي وريام فقير وارا ٻرڙن مان نوان جتوئي لڏي آيا جنهن ڪري ٻرڙائي ڪنڀر سڏيا ويندا آهن، ان کان اڳ مقبول چنا ۽ حاجي بشير وارن جو چاچو محمد اسماعيل ڪنڀر جتي هاٽي ملوڪ بازار آهي، اسان جا پاڙيسري آهن. هنن کي سنجرائي ڪنڀر سڏيو ويندو آهي سنجر ڪوريجو ٻڄاڻ بند هيٺان ڳوٺ آهي. پهرين وڏي ٻوڏ اچڻ ڪري اتان لڏ پلاڻ ڪري نوان جتوئي ۾ موجوده جڳهہ تي اچي ويٺا جنهن ڪري چاچي محمد اسماعيل ڪنڀر جي ويڙهي کي اڄ تائين سنجرائي ڪنڀر سڏيو ويندو آهي ..

نوان جتوئي شهر ۾ پهرين آوي انهن جي هئي بعد ۾ چاچي وريام ۽ ٻين ڪنڀرن جون آويون پيون. سندس اصل نالو الهورايو هوندو هو پر مٽ مائٽ يار دوست کيس وريام فقير سڏيندا هئا. فقير طبيعت ۾ صوفياڻي مزاج جو ماڻهو هو. مون ڏٺو ۽ منهنجون ساڻس جام ڪچهريون پڻ رهيون، منهنجي چاچا فقير جان محمد سان سندس پريت هئي جنهن ڪري چاچو وريام فقير مون کي بہ ٻاجهہ ڏيندو هو. ان کان سواءِ چاچو ليمون ڪنڀار، چاچو تاج محمد ڪنڀار ۽ ڪجهہ ٻيا جن مڙني ڪاريگرن جا پنهجي پنهنجي گهرن اندرچڪَ لڳل هوندا هئا.

## ڪنپارڪو ڪم ايترو پراڻو آهي

جيتري انسان جي تاريخ. پنج هزار سال اڳ موهن جي دڙي يا پنيور جي دڙي مان پڻ نڪر جا ٿانو مليا آهن .. ڪنپارڪو ڪم مرد ۽ عورتون گهرن ۾ گڏيل طور ڪندا هئا. ماضيءَ ۾ ڪنپارن پاران ٺاهيل ٿانون جو ڪاروبار "آهت" وسيلي يعني ڪڻڪ، چانور يا ٻين ڪاڌي پيتي جي شين جي مٽاسٽا/عيوض ٿيندو هو ۽ ڪنپار پنهنجي "آهتي" کي ايندڙ فصل تائين ٿانوَ ڏيندا هئا .... انتهائي مشقت وارو ڪم آهي، ان ڪري وڏڙا هن ڪم کي "ست مڙسي" وارو پورهيو پڻ چوندا هئا .. اڳي ٻهراڙي جون عورتون پاڻ وجي پنهنجي ضرورت جا ٿانوَ وٺي ايندیون هيون .. مٽيءَ مان ڪچا ٿانو سڪڻ کان پوءِ آخري مرحلو ٿانون کي آويءَ ۾ پچائڻ جو ايندو آهي ... ڪنپار جي سڄي محنت جو مدار آويءَ تي هوندو آهي، ڪنپارڪو ڪم ڪندڙ ڪاريگر ٻڌائن ٿا تہ جيڪڏهن آوي سٺي لٿي تہ پندرهن کان ويهہ هزار آويءَ تي ڪمائي ويندا آهيون، پر جيڪڏهن ٻاڙي نڪتي تہ سڄي محنت رائيگان ٿي ويندي، تنهنڪري آوي وجهڻ وقت ڪاريگر کي سڄو ڌيان هن طرف ڏيڻو پوندو آهي. گهربل شدت سان ٻارڻ کان وٺي دونهين ڪڍڻ وارن سوراخن تائين جن کي ڪنپارڪي ٻولي ۾ "واڻٽڻ" چئبو آهي .. تن ڏينهن کان پوءِ آويءَ کي کوليو ويندو آهي ... اڳاٽي زماني ۾ شادي مراديءَ ۾ پيت ڏٽي گهٽ ۾ گهٽ مهينو سوا اڳ ۾ پاتوڙا، گلاس/ڪپا، پاٽ، دلا، مٽ ٺاهڻ لاءِ چوندا هئا. موٽ ۾ ڪاچ جا ٿانو ٺاهيندڙ ڪاريگرن کي گوشت، پيت، خرچيون ڏنيون وينديون هيون... سنڌ جي ثقافت ۾ اهم جڳهہ والاريندڙ ڪنپارڪي هنر جي ختم ٿيڻ جو اهم سبب ڪوپر، اسٽيل ۽ پلاسٽڪ جا ٿانو اچڻ بہ آهي. ٻيو سبب هن ڌنڌي کي گهٽ سمجهڻ، صنعت جو درجو نہ ملڻ ڪري ماڻهن ٻيا ڌنڌا ڪرڻ ۽ گذر معاش لاءِ ٻيا وسيلا اپنائڻ شروع ڪيا .. هن وقت ڳوٺ ٻرڙا ۾ ابن ڏاڏن واري ڪنپارڪي ڪم کي ڪنڀرن جا ٻ گهر محمد بخش ۽ عبدالغفار جيارِيندا پيا اچن، مٽيءَ جا ٿانوَ ٺاهي پنهنجن گهرن ۾ ٺئي ٺاهيل ننڍڙي آويءَ ۾ پچائي شهر ۾ کپائي گذر سفر ڪري رهيا آهن. صبح سوير جا نڪتل منجهند اچي ٿي هئي، ڪنڀرن جي ڪرت ۽ سندن ڪچهري ايڏو مزو ڏنو جو وقت گذرڻ جي خبر ئي نہ پئي، اٿڻ تي دل نہ پئي چيو پر گرمي وڌي وڃڻ سبب موڪلائڻ جي ڪئي سين، پر ادي محمد بخش ماني کان سواءِ نہ ڇڏيو. سندن پيار ۽ خدمتون ياد رهنديون، وقار علي ۽ ٻين نوجوانن جو ذڪر نہ ڪرڻ بيواجبي ٿيندي جيڪي آخر تائين اسان جي خدمت ۾ ويٺا رهيا .. ان سان گڏ سائين منظور احمد سومري ۽ عبدالرزاق چني جا ٿورا جن گرميءَ ۾ ساٿ ڏنو.

# بااختيار عورتون...

يسريٰ سليم

سماجي تبديليءَ جو مطلب آهي سماجي ڍانچي جي اندروني جوڙجڪ ۾ ڦيرڦار، ثقافتي علامتن، روين سماجي تنظيمن، يا قدرن جي نظام ۾ تبديلين جي ڪري. بس، اهو روين ۾ تبديلين جو مطالعو آهي جيڪو سماج جي خاصيت آهي. بغير ڪنهن شڪ جي، سماج ارتقائي عمل ذريعي ترقي ڪري ٿو. تنهن ڪري، معاشري جي سماجي ۽ اقتصادي ڍانچي ۾ واضح تبديلي نظر اچي ٿي. اهڙيون سماجي تبديليون به مخصوص سماجي تحريڪن جو نتيجو آهن. جهڙوڪ شهري حقن جي تحريڪ، عورتن جي ووٽ جو حق ۽ عورتن جي بااختياريءَ لاءِ تحريڪون. ثقافتي، مذهبي، معاشي، سائنسي يا فني عنصر به اهڙي سماجي تبديليءَ تي اثرانداز ٿي سگهن ٿا. پاڪستان جهڙن ترقي پذير ملڪن ۾ عورتن کي بااختيار بنائڻ هميشه هڪ تڪراري موضوع رهيو آهي ڇاڪاڻ ته پيچيده ثقافتي ۽ سماجي-ڊيموگرافڪ ماحول جي ڪري. مجموعي طور عورتن جي انساني ترقي جا اهم اشارا مردن جي ڀيٽ ۾ گهٽ سمجهيا ويا آهن. جيتوڻيڪ پاڪستان عورتن کي بااختيار بڻائڻ لاءِ ڪي اهم قدم کنيا آهن پر انهن جي صورتحال اڃا به خراب آهي. خاص ڪري ٻهراڙيءَ وارن علائقن ۾ ان حوالي سان ڪيتريون ئي رڪاوٽون موجود آهن.

اها حقيقت آهي ته سنڌي پرنٽ ميڊيا معلومات جي ورڇ ۾ خاص ڪري صوبي سنڌ ۾ عورتن جي سماجي حيثيت جي ترقيءَ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿي. سنڌي اخبارون



اڪثر ڪري سڄي ملڪ مان عورتن جي مسئلن کي اجاگر ڪنديون رهنديون آهن. تنهن هوندي به، سماج جا سڀ کان ٻرندڙ مسئلا تعليم جي کوٽ، بيروزگاري، عورتن جي صحت، عورتن تي جنسي ۽ جسماني تشدد، جسم فروشي کان آزادي ۽ عورتن جي اسمگلنگ جهڙا موضوع هاڻي به وڌ ۾ وڌ ڌيان طلب آهن.

عورتن کي بااختيار بڻائڻ پاڪستان جهڙن ترقي پذير ملڪن ۾ لکين ماڻهن کي غربت جي چڪر مان ڪڍڻ، موت جي شرح کي گهٽائڻ، انحصار جي بوجھ کي گهٽائڻ ۽ دنيا جي ڊگهي مدي واري پائيدار ترقي کي هٿي ڏيارڻ جهڙيون شانيون ممڪن آهن. عورتن جي مصروفيت دائمي تبديلي آڻڻ لاءِ اهم آهي جيڪا هر ڪنهن کي فائدو ڏئي، نه رڳو خود

عورتن کي. عورتون ۽ ڇوڪريون غريب ملڪن جو غير معقول حد تائين وڏو حصو آهن ۽ بک، تشدد، آفتن ۽ موسمي تبديليءَ جو شڪار ٿيڻ جا وڌيڪ امڪان آهن. اضافي طور تي، ترقي پذير ملڪن ۾ عورتن جي اڪثريت اڪثر ڪري قانوني حقن ۽ زندگي جي بنيادي ضرورتن کان محروم آهي دنيا ۾ ڪيل ڪيترائي تازا اڀياس ڏيکارين ٿا ته عورتن جي بااختيار هجڻ قوم جي پائيدار اقتصادي ترقي کي برقرار رکڻ لاءِ اهم آهي. عورتن جي بااختيارگي پڻ صنفي برابري جو هڪ اهم حصو آهي. معاشي ترقي ۽ عورتن جي بااختيارگي جي وچ ۾ تعلق ٻه پيرا آهي ۽ ان جي وضاحت ڪئي وئي آهي ته عورتن جي صحت، تعليم ۽ روزگار جي موقعن تائين پهچ ۾ اضافو ۽ گڏوگڏ انهن جي حقن ۽ عام طور سياسي مصروفيت. صنفي اڻ برابري کي گهٽائڻ لاءِ معاشي ترقيءَ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪري سگهجي ٿو. تعليم جي رسائي، مناسب روزگار جا موقعا ۽ ميڊيا جي معلومات جي طريقن کي عورتن کي بااختيار بڻائڻ ۽ صحت جي سار سنڀال جي رسائي لاء وڌيڪ مناسب ۽ ممڪن قدم سمجهيو وڃي ٿو. هنگامي بنيادن تي رياست جي پاليسي قدمن تي عمل ڪيو وڃي، جيئن عورتن کي سندن گهرن کان ٻاهر تعليم جي حق تائين رسائي فراهم ڪرڻ، نوڪرين جو تعداد وڌائڻ ۽ اهو يقيني بڻائڻ ته انهن وٽ ميڊيا جي مناسب پهچ آهي ته جيئن انهن جي قانوني حقن بابت شعور اجاگر ڪري سگهجي.

صنفي برابري کي برقرار رکڻ ۽ اٽڪل اڌ آباديءَ جي سوچن ۽ نظرين کي صحيح گس ڏيڻ ۾ ناڪامي ان کي معاشي طور پاڻ پرو ڪرڻ گهربل موقعا ملڻ کان روڪي ٿي. آءِ ايم ايف جي ريسرچ موجب جيڪڏهن افرادي قوت ۾ عورتن جي شموليت جي شرح مردن جي برابر رهي ته اها اڳڪٿي ڪئي وئي آهي ته پاڪستان جي جي ڊي پي ۾ لڳ ڀڳ ٽيٽي واڌ ٿيندي. معاشي سرگرمين ۾ عورتن جي شموليت ۾ نمايان اضافو ملڪ جي جامع ترقي ۽ پائيدار معاشي ترقيءَ جي مقصد ۾ وڏي مدد ڪندو. عورتن جي بااختياريءَ ۾ پدرشاهي وڏي رڪاوٽ آهي. تنهن ڪري، اهڙين حالتن ۾، تعليم هڪ بهترين حل آهي، جيڪا عورتن کي علائقي جي سماجي-اقتصادي ترقيءَ ۾ بهتر انداز ۾ حصو ڏيڻ جي قابل بڻائي ٿي. اهو وقت جي ضرورت آهي ته ڏتڙيل علائقن جي ڇوڪرين کي آسانيءَ سان تعليمي موقعا فراهم ڪيا وڃن، خاص ڪري اعليٰ تعليم جي حصول ۾. اهڙين موجوده حالتن ۾ يونيورسٽين جو ڪردار اهم بڻجي ويو آهي ڇو ته اهڙا ادارا ڇوڪرين جي تعليم لاءِ خاص سهولتون فراهم ڪري سگهن ٿا، خاص اسڪالرشپ جو تعارف، ٽرانسپورٽ جي



دستيابي ۽ خاص سيٽون مختص ڪرڻ، ڇوڪرين جي اعليٰ تعليم لاءِ حوصلا افزائي ڪرڻ اهم قدم آهن.

عورتن کي اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ ترغيب ڏيڻ خاطر حڪومت هر ممڪن سهولت فراهم ڪندي، اميد آهي ته ان سان سماج ۾ تبديلي ايندي. ان سان مثبت تبديلي ايندي ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته اهڙين پاليسين تي عمل ڪرڻ سان خطي جي سماجي ۽ معاشي سطح تي بتدريج تبديلي اچي رهي آهي. اهڙين پاليسين جا واضح اثر ڏسڻ ۾ ڪجهه وقت لڳندو. اسان کي اميد آهي ته اهڙيون ئي ڪوششون ڏسڻ ۾ اينديون جيڪي ملڪ جي پوئتي پيل علائقن ۾ جمود ٽوڙڻ ۾ مدد ڏينديون ۽ عورتن جي تعليم ڏانهن ماڻهن جي رويي ۾ تبديلي آڻينديون.

پاڪستان جي مزدور قوت ۾ عورتن جي شموليت ۾ اضافو معاشي ترقي ۽ صنفي برابري ٻنهي لاءِ فائديمند آهي. پاليسي جي مداخلت کي لازمي طور تي عورتن جي شموليت ۾ رڪاوٽن کي سڃاڻڻ ۽ ختم ڪرڻ

گهرجي. فنانس تائين پهچ کي بهتر ڪرڻ، ڊجيٽل خواندگي کي وڌائڻ ۽ متحرڪ چئلينج کي منهن ڏيڻ لازمي آهي.

عالمي سطح تي، عورتون مزدور قوت جو 38.8 سيڪڙو آهن. پر پاڪستان ۾ صرف 20 سيڪڙو ڏکڻ ايشيا ۾ سڀ کان گهٽ آهن. حقيقت ۾، پاڪستان جنس سان لاڳاپيل سڀني اشارن تي خراب آهي. گلوبل جينڊر گيپ انڊيڪس رپورٽ 2022 ۾ عورتن جي معاشي شموليت ۽ موقعن جي لحاظ کان 156 ملڪن مان پاڪستان 145 نمبر تي، عورتن جي تعليمي حاصلات جي حوالي سان 135، عورتن جي صحت ۽ بقا لاءِ 143 ۽ سياسي بااختيار بڻائڻ جي حوالي سان 95 نمبر تي آهي. انٽرنيشنل ليبر آرگنائيزيشن پاران گلوبل ويج رپورٽ 2018_19 ۾ مردن ۽ عورتن جي وچ ۾ پگهار جي صنفي فرق جو اندازو لڳايو ويو آهي 34 سيڪڙو. پاڪستان ووٽر ٽرن آئوٽ ۾ برقي جمهوريتن جي وچ ۾ سڀ کان وڏو صنفي فرق پڻ ڏيکاري ٿو جنهن ۾ مردن جو ووٽ ڏيڻ جو امڪان 20 سيڪڙو وڌيڪ آهي.

پاڪستان جي معيشت ۾ عورتن جي شموليت کي بهتر بڻائڻ لاءِ اهو بنگلاديش جي شموليت واري پاليسين مان سکيل ڪجهه سبقن کي لاڳو ڪري سگهي ٿو. بنگلاديش جي معاشي ترقيءَ تي هڪ تقابلي نظر گذريل ٽن ڏهاڪن ۾ عورتن ۽ ڇوڪرين جي زندگيءَ جي معيار کي بلند ڪرڻ جي عزم کي ظاهر ڪري ٿي. معاشي ترقيءَ لاءِ رياستي صلاحيت ۽ سياسي وابستگي وڌائڻ جي نتيجي ۾ صنفي برابريءَ ۾ اضافو ٿيو آهي. هڪ ملڪ ۾ اهم قدرتي وسيلن کان سواءِ انساني وسيلن جي ترقي تي زور تازن سالن ۾ ترقيءَ لاءِ بنگلاديش جي قومي ايجنڊا جو حصو بڻجي چڪو آهي.

1970 کان 2015 تائين، بنگلاديش جينڊر ان ڊولپمينٽ (GID) ۽ Gender And Development (GAD) منصوبن لاءِ بين الاقوامي امداد جي هدايت ڪئي. ٽي اهم علائقا جتي اهڙن پروگرامن تي ڌيان ڏنو ويو آهي انهن ۾ ڇوڪرين جي تعليم، خانداني منصوبابندي ۽ عورتن لاءِ مائڪرو فنانسنگ شامل آهي ته جيئن عورتن کي افرادي قوت جي مرڪزي ڌارا ۾ شامل ڪيو وڃي.



حڪومت جي سڀ کان اهم ترجيح عورتن جي خلاف امتيازي قانونن کي ختم ڪرڻ آهي.

ذوالفقار علي ڀٽي جي جمهوري حڪومت (1970_1977) ۾ عورتن لاءِ لبرل رويو هو. اهي سڀئي سرڪاري خدمتون جيڪي اڳ ۾ عورتن لاءِ رد ڪيون وينديون هيون، انهن لاءِ کوليون ويون. قومي اسيمبليءَ ۾ 10 سيڪڙو ۽ صوبائي اسيمبلين ۾ 5 سيڪڙو سيٽون عورتن لاءِ مخصوص هيون، جن ۾ جنرل سيٽن تي چونڊ وڙهڻ تي به پابندي نه هئي.

1973ع ۾ منظور ٿيل پاڪستان جي آئين ۾ صنفي برابريءَ جي خاص ضمانت ڏني وئي هئي. آئين ۾ چيو ويو آهي ته ”صرف جنس جي بنياد تي ڪو به امتيازي سلوڪ نه ڪيو ويندو. اضافي طور تي، اهو شادي، خاندان، ماءُ ۽ ٻار جي حفاظت سان گڏوگڏ "قومي زندگي جي سڀني شعبن ۾ عورتن جي مڪمل شموليت" جي حوصلا افزائي ڪري ٿو.

# مستقبل جون ڇرڪائيندڙ ٽيڪنالوجيز

سليم انور عباسي

هڪ اهڙو مستقبل جتي اڏامندڙ گاڏيون هجن، هوا ۾ ٽنگيل شهر هجن، زمين کانسواءِ ٻين گرهن جهڙوڪ چنڊ ۽ مريخ تي وستيون هجن، مشيني (روبوٽ) نوڪراڻيون ۽ نوڪر چاڪر هجن جيڪي حڪم جا ٻڌا ٻانها هجن، سمنڊ اندر شهر هجن، ڊرائيور کان بنا پاڻ هرتو هلندڙ گاڏيون هجن، اهڙي دنيا جو ڪڏهن توهان تصور ڪيو آهي؟ جنن ۽ پرين جي ديس وانگر هر شيءِ اوهان آڏو هجي، توهان جي اک جي اشاري سان هر سهولت موجود هجي.

ها! اهڙي دنيا اسان آڏو نروار ٿي چڪي آهي. بس هاڻ رڳو ڪجهه سالن اندر توهان پرين جي ديس وارا اڏامندڙ ڪٽولا ڏسندا جيڪي اک ڇنڀ ۾ توهان کي دنيا جي هڪ ڪنڊ کان ٻئي ڪنڊ تائين وٺي ويندا.

اچو ته اهڙي ايجادن ۽ ٽيڪنالوجيز تي هڪ نظر وجهون.

**ڪمپيوٽر انسان کان وڌ ذهين هوندو**

اڄڪلهه ڪمپيوٽر انسان جي زندگيءَ جو لازمي حصو آهي، جتي اوهين رڳو هر قسم جو ڪم تيزيءَ سان اُڪلايو ٿا پر انٽرنيٽ وسيلي جڳ جهان جي معلومات منٽن ۾ حاصل ڪري وٺو ٿا. ايندڙ ڏينهن ۾ اوهان مصنوعي ذهانت تي ٻڌل اهڙا سُپر ڪمپيوٽر ڏسندا جيڪي انساني ذهن وانگر نه رڳو سوچيندا پر اُهي اسان توهان کان وڌيڪ هوشيار هوندا. 2011ع ۾ جڏهن سپر ڪمپيوٽر واٽسن اڪيچار مقابلن ۾ سوپ



ماڻي ته ڪمپيوٽر ماهرن پنهنجي ڦڪائي کي لڪائيندي چيو ته اها رڳو سوالن جوابن واري مشين آهي. انسان جهڙي ذهانت رکندڙ ڪمپيوٽر تيستائين نٿو اچي سگهي جيستائين انساني دماغ کي مڪمل طور تي نٿو سمجهيو وڃي. جنهن لاءِ نيورو سائنسدان ميگا برين پروجيڪٽ تي ڪم ڪري رهيا آهن ته جيئن انساني دماغ جي سوچڻ واري صلاحيت کي مصنوعي ذهانت (Artificial Intelligence) وسيلي ڪمپيوٽر ۾ منتقل ڪري سگهجي. جي اهو خواب پورو ٿيو ته اسين ڪمپيوٽر جا غلام ٿي ويندا سين.

**ايٽمي بجلي گهر**

1950ع ڌاري جڏهن آمريڪي حڪومت بجلي پيدا ڪندڙ ايٽمي پلانٽس ٺاهڻ جي منظوري ڏني ته ڪيترائي آمريڪي اِهو خواب ڏسڻ لڳا ته اجهو لوڊشيڊنگ کان هميشه لاءِ نجات ملي ويندي ۽ اسين پنهنجا پنهنجا ننڍڙا ايٽمي بجلي گهر ٺاهي بجليءَ ۾ پاڻ پرا ٿي ويندا سين. اڄ ان خواب کي 60 ورهيه ٿي ويا آهن پر ايٽم جي حساس نوعيت جي ڪري، اهو خواب اڃا تائين پورو ناهي ٿيو. ان جي جاءِ تي هاڻي سج ۽ هوا وسيلي توانائيءَ جي متبادل ذريعن تي ڌيان ڏنو پيو وڃي. پر جيئن ايٽم جي ذري ۾ توانائيءَ جا اَڻ کٽ ذخيرا آهن تنهن ڪري اڄ به سائنسدان ايٽم جي محفوظ استعمال کي ممڪن بڻائڻ لاءِ جاکوڙي رهيا آهن ۽ اهو وقت پري ناهي جڏهن پينسل سيل سان ايٽمي بجلي چارج ڪري سگهبي.

**ايئر ڪنڊيشنڊ سوٽ**

پهريون ايئر ڪنڊيشنڊ يونٽ ولمز ڪينر نالي ڪمپنيءَ 1902ع ۾ ٺاهيو ۽ ڪجهه ئي وقت ۾ سينيمائن ۽ ٿيٽرن ۾ ان نئين ٽيڪنالاجيءَ جو استعمال ٿيڻ لڳو ته جيئن گرمين ۾ فلم ۽ ناٽڪ ڏسندڙن کي ٿڌڪار ۾ فلم ڏيکارجي. پر اُن ۾ ڪوٽ اِها هئي ته جيئن ئي سينيما هال مان نڪربو هو ته وري شديد گرميءَ ۽ پگهر کي منهن ڏيڻو پوندو هو ۽ خيال اُپرندا هئا ته ڪير جيڪر اهڙو ڪو سوٽ ٺهي پوي جنهن کي پائي هر وقت ٿڌ جو مزو ماڻي سگهجي.

1953ع ۾ اهڙي خوشخبري ٻڌڻ ۾ آئي پر وڌيڪ گُهر نه هئڻ ڪري ان منصوبي کي ختم ڪيو ويو ۽ وڏي وٿي کان پوءِ 2000ع جي آخر ۾ جاپاني ڪمپنيءَ اهڙي جيڪٽ ٺاهي جنهن ۾ ٿڌ لاءِ هڪ ننڍو پکو هڻيو ويو آهي. جيڪو ڪمپيوٽر جي يو ايس بي پورٽ وسيلي جيڪٽ کي توانائي مهيا ڪندو آهي. اهڙي ريت 2011ع ۾ جاپاني زلزلي ۽ سونامي ڪارڻ بجليءَ جي ڪوٽ سبب پکي سان هلندڙ جيڪيٽون ٺاهيون ويون پر اهڙي ايئر ڪنڊيشنڊ جيڪٽ جنهن کي هر ڪو استعمال ڪري سگهي اجا تائين حقيقت جو روپ ناهي ماڻي سگهي.

## جيٽ پيڪس

توهان مان جن به جيمز بانڊ جي فلم ”ٿنڊر بال“ ڏٺي هوندي تن کي ياد هوندو ته هڪ سين ۾ جيمز بانڊ سمنڊ اندر جيڪٽ پائي ٿو جنهن ۾ راڪيٽ لڳل آهي. جيئن ئي هو بٽڻ دٻائي ٿو ته ٽري منجهان آسمان ڏانهن اڏامي دشمنن جي نظرن کان غائب ٿي وڃي ٿو. ان خواب کي ساڀيان ڪرڻ لاءِ پينٽاگون 1950ع ڌاري ڪوشش ورتيون جڏهن نيوارڪ جي بيل ايئرو سسٽم جي ماهر انجنيئر وينڊيل ايف مور ساڳئي تصور موجب 57 ڪلوگرام وزني راڪٽ بيلٽ ٺاهيو جيڪو پاٽياٽ ۽ نائٽروجن ڪنسٽر سان هلندو هو پر پوءِ آمريڪي فوج جيٽ پيڪس جي ان استعمال کي ختم ڪري ڇڏيو ڇو ته مونجهارن پريل رستن ۽ اوچين چوٽين وارن گسن تان جيٽ پيڪس وسيلي سامان رسائڻ ڏکيو هو. پر هاڻي اِهو خواب نيوزيلينڊ سان تعلق رکندڙ مارٽن ايئر ڪرافٽ ذريعي ساڀيان ماڻڻ وارو آهي. جنهن پي ايل زيڊ جيٽ پيڪس اڏامن جي منظوري ڏني. ان ريت جيڪٽ پيڪس کي توهان به خريد ڪري سگهو ٿا.

## ڪيپسولن ۾ کاڌو

1800ع کان اهو خواب ڏٺو پيو وڃي ته هڪ اهڙو مصروف وقت ايندو جو ڪنهن کي به ايتري واندڪائي نه هوندي جو ويهي آرام سان ماني کائي سگهي. ان لاءِ ايندڙ وقتن ۾ ڪيميائي اٿرن کان آجن غذائي جزن سان ڀرپور تازي خوراڪ گورين ۽ ڪيپسولن جي صورت ۾ ملي سگهندي جن کي اوهين ڪم ڪار وچ ۾ کائي پيٽ ڀري سگهو ٿا. پر اِهو تيستائين ممڪن ناهي جيستائين طبعي قانونن جو ڪو متبادل نٿو ملي. هينئر تائين وٽامنز جون جيڪي به گوريون دستياب آهن سي اسان جي جسم ۾ خوراڪ جي مڪمل مقدار ڏيڻ کان لاچار آهن جو جسم ۾ گهربل ڪاربو هائيڊريٽس جي ڪوٽ پوري ڪن. هڪ انساني جسم کي روزانو اٽڪل 2 هزار ڪيلوريز ۽ هڪ گرام چربي گهربل هوندي آهي جيڪا نوَ(9) ڪيلوريز تي ٻڌل آهن تنهن ڪري هڪ معياري سائيز چربيءَ جي ڪيپسول جي 450 کان وڌيڪ خوراڪ وٺي پوندي جنهن جو وزن لڳ ڀڳ هڪ پائونڊ هوندو پر ان سان گڏ اسان کي جيڪي ڪاربوهائيڊريشن پروٽين، وٽامنز ۽ فائبز گهربل هوندا آهن سي شايد هڪ گوري يا ڪيپسول ۾ سمائجي نه سگهن ۽ اسان جو هي خواب مڪمل ساڀيا ماڻي سگهي.

## مريخ جي سير لاءِ ٽڪيٽ وٺو

20 جولاءِ 1969ع تي اپولو ii خلائي جهاز وسيلي نيل آرم اسٽرانگ چنڊ تي پهريون قدم رکيو. ان وقت کان وٺي ڳاڙهي گرهه مريخ تي پهچڻ لاءِ ڪوشش جاري آهن. اولهه ۾ مريخ بابت رومانس ايترو وڌيل رهيو جو ايڇ جي ويلز ”مريخ جي خلائي مخلوق جي زمين تي حملي بابت ناول به لکيو ۽ اُتي زندگيءَ جي امڪانن جي کوجنا اجا تائين جاري آهي. جنهن ۾ مريخ تي آباديءَ جو خواب به شامل آهي. آگسٽ 2012ع تي روبوٽ مريخ تي قدم رکيو. جڏهن ته ان کان اڳ 2010ع ۾ صدر اوباما خوشخبري ڏني ته 2030ع تائين مريخ لاءِ اڏامون شروع ٿينديون. ان لاءِ اهڙو راڪيٽ ٺاهڻو پوندو جيڪو ڇڪ جي طاقت کي ٽان وانگر ويڙهيندي اڳتي وڌي گڏوگڏ هاڃيڪار شعائن ۽ مائيڪرو گريوٽي جو به خيال رکڻو پوندو.

## روبوٽ نوڪراڻيون

جارج جستين جي ناهيل روزي نالي روبوٽ نوڪرياڻيءَ جو ڪم فرش تي ويڪيوم ڪرڻ، سامان جي صفائي سترائي ۽ ڪين ترتيب سان رکڻ آهي. ڪمپيوٽر وسيلي هلندڙ ان نوڪرياڻيءَ جو ڪم رڳو پاڻ هرتو چند ڦوڪ کان وڌيڪ ناهي پر اسين اهڙن مشيني روبوٽن جا منتظر آهيون جيڪي

گهريلو روبوٽ خادم جو ڪم ڏيندا. پهاري صفائيءَ کان وٺندي ٿانوَ ڪپڙا ڌوئڻ، پاڇي ونئي اچڻ، ماني پچائڻ، چانهه ٺاهڻ جهڙا انيڪ ڪم ڪري سگهن. اسين اهڙين سهڻين من موهڻين نوڪرياڻين ۽ نوڪرن چاڪرن جا منتظر آهيون جيڪي اسان جا سڀ ڪم ڪري سگهن. اڄ اسين اهڙن مشيني ماڻهن جي ويجهو بيٺا آهيون. اِهو خواب به تڏهن پورو ٿيندو جڏهن اسين انساني دماغ جي سوچڻ جي ٻُجهه کي سمجهي مصنوعي ذهانت ٺاهي وٺنداسين.

**پاڻيءَ هيٺان شهر**

اسان جي هن ڌرتيءَ جي گولي تي خشڪي گهٽ پر پاڻي وڌيڪ آهي. ايندڙ وقتن ۾ جهڙيءَ ريت آبادي وڌي رهي آهي، خشڪيءَ واري ايراضي گهٽبي پئي وڃي اهڙيءَ ريت اهو احساس به وڌندو ٿو وڃي ته هاڻي وشال سمنڊ جي اونهائين ۾ ڪي نيون وسنديون وسائجن. ان خواب ۾ شدت تڏهن آئي جڏهن قديم آثارن جي ماهرن سمنڊ اندر قديم تهذيب ايٽلانٽس کي ڳولي لڌو جنهن اسان کي حيرت جي سمنڊ ۾ ٻوڙي ڇڏيو ته مار اسين ته واريءَ جا گهرڙا به اڏي نه سگهياسين ۽ هي لوڪ سمنڊ اندر جيوت جو سامان پيدا ڪري رهڻ جوڳا ٿيا. 1960ع جي شروعاتي ڏهاڪي ۾ جيڪوئس ڪوسشيون. ڪون شيلف پروجيڪٽ ۽ آمريڪي سامونڊي فوج جي سي ليب اسان کي ان خواب جي تعبير ڏني ته پاڻيءَ هيٺان به شهر اڏي سگهجي ٿو. انڊر واٽر دبئي اسڪائي اسڪريپر هائيڊرو پولس پاڻيءَ هيٺان شهر جو عوامي مثال آهي ۽ اهو وقت پري ناهي جڏهن سمنڊ اندر وسندين جو وسيع سلسلو شروع ٿي ويندو.




**اُڏامندڙ ڪار**

اُڏامندڙ ڪتولن جون ڳالهيون ته اسان ڪوڙ ساترين پڙهيون. هاڻي پهريون پيرو اڏندڙ ڪار به منظر تي اچي وئي آهي. ٽريفوگبا پاران ٺاهيل هيءَ ڪار رڳو 100 فٽ جي سڌي سڙڪ کي رن وي طور استعمال ڪندي فقط 30 سيڪنڊن ۾ پنهنجا پر کولي اُڏي سگهي ٿي. ٽريفوگبا طرفان ان جي ڪامياب اُڏام ٿي چڪي آهي. ايندڙ ٻن ٽن سالن ۾ تجارتي پيماني تي ان جو ڪرو شروع ڪيو ويندو. ان ريت هي خواب بس ٻن ٽن ورهين جو آهي جڏهن اسين گاڏيون به ٽريفڪ جام کان بچڻ لاءِ اڏاري سگهنداسون.

**بغير ڊرائيور هلندڙ آٽوميٽڪ ڪار**

اسان انسان ڊرائيور طور ڪنهن به گاڏيءَ جو خطرناڪ حصو هوندا آهيون جن کان ڪنهن به وقت موتمار ايڪسيڊنٽ ٿي سگهي ٿو. اهو ئي سبب آهي جو سائنسدان گذريل ڪيترن ڏهاڪن کان آٽوميٽڪ هاءِ وي ٽيڪنالوجيءَ تي ڪم ڪري رهيا آهن. 1990ع ۾ آمريڪن ڊپارٽمينٽ آف ٽرانسپورٽيشن، نيشنل آٽوميٽيڊ هاءِ وي سسٽم ڪنسورٽيم (NAHSC) کي اسپانسر ڪيو جنهن ڪاميابيءَ سان ريڊار چقمق ۽ وجوئل سينسر جي مدد کان سواءِ بغير ڊرائيور جي روڊ تي هلندڙ آٽوميٽڪ گاڏيءَ جو عملي مظاهرو ڪري ڏيکاريو. اِها گاڏي خاص طور تي هاءِ وي جي ڊيگهه کي ڏسي ڪري ٺاهي وئي جنهن ڪامياب سفر ڪري ڏيکاريو. هن ڪامياب مظاهري کي ڏسي يو ايس ڊفينس ايڊ اينڊ ريسرچ پروجيڪٽس ايجنسي (DARPA) به پنهنجي شهري چيلينج پروگرام لاءِ اهڙين آٽوميٽڪ گاڏين جي تياري لاءِ تحقيقي پروگرام لاءِ درخواست ڏني آهي. گوگل به اهڙي بغير ڊرائيور هلندڙ آٽوميٽڪ ڪار جو ڪامياب تجربو ڪري چڪو آهي. ان ريت اُهو وقت به پري ناهي جڏهن اسين محفوظ آٽوميٽڪ گاڏين ۾ سفر ڪري سگهنداسين.

# علم نفسيات

## رويي ۽ ذهن جي سائنس

**فرح ناز**

محبت، نفرت ۽ ڊپ جي بنيادي جذبن تي انسان جي مزاج جي تصوير ٺهي ٿي. هاڻ علم نفسيات رڳو فرائيڊ ۽ ڄُنگ جي نفسياتي ڇيد تائين محدود ناهي پر ڪلينيڪل سائيڪياٽري ۽ ايموشنل انٽيليجنس سان گڏ برين ۽ نيورو سائنس سان به سلهاڙجي انسان جي رويي ۽ مزاج جي سائنس جو روپ ڌاري چڪو آهي، جنهن ۾ ان ڳالهه تي ڌيان ڏنو ويندو آهي ته اسان جو شعور، لاشعور ۽ تحت لاشعور ڪيئن ڪم ڪري ۽ ڪهڙين ڳالهين مان اسان کي ڪاوڙ اچي ٿي ۽ همدرديءَ جا جذبا اُڀرن ٿا جيڪو نيورو سائنس موجود خالص حياتياتي ۽ ڪيمياوي عمل جو نتيجو آهن. اسان جا نيورنز برقي شعاعن سان هڪ ٻئي سان پيغامن جي ڏي وٺ ڪندا آهن، جنهن جو تعلق ڳٽپ سان آهي، ان ڪري اسان جو دماغ ڪمپيوٽر وانگر ڪم ڪندو آهي جيڪو هڪ ئي Click سان لاڳاپيل مواد پنهنجي ڊيٽابيس مان اسان وٽ منتقل ڪندو آهي ۽ اسين ڪيمياوي ردعمل جو مظاهرو ڪندا آهيون، اهو ئي ڪارڻ آهي جو هينئر نيوروسائنس، برين سائنس، مائينڊ سائنس ۽ ڪلينيڪل سائيڪياٽري هڪ ئي صف ۾ بيٺل هڪ ٻئي جا ساٿاري ۽ هڏڏوڪي آهن.

**نفسيات جون وسعتون**

اسين جڏهن به نفسيات جو نالو وٺندا آهيون ته ان کي نفسياتي يعني چرياڻ چئي نِنديو ويندو آهي. 24 ڪروڙن جي آباديءَ ۾ نفسياتي هيجان جي ماريل ماڻهن کي



ڏسجي ته 90 سيڪڙو ڪنهن نه ڪنهن نفسياتي مونجهاري جي ور چڙهيل نظر ايندا پر ڪو به پاڻ کي نفسياتي چوراڻ پسند نه ڪندو. اسان جهڙي طبقاتي معاشري ۾ اهڙو ورتاءُ ڪو عجب جوڳو ناهي. معاشي ناهمواري، سماجي متڀيد، لساني، مذهبي تعصب ۽ اسهپ جهڙن روين سبب هر ڏهون ماڻهو ڪنهن نه ڪنهن نفسياتي بيماريءَ جو شڪار آهي جنهن ۾ احساس ڪمتري ۽ احساس برتري ملي ڪري فرد کي سوچڻ ۽ سمجهڻ کان ويڳاڙو ڪري وجهن ٿا. ان ڪري اهڙن معاشرن کي صحتمند ذهن لاءِ نفسيات جي ڄاڻ انتهائي ضروري ٿي پوندي آهي. جيئن جيئن سوچ جو سفر اڳتي وڌيو تيئن تيئن نفسيات جون وسعتون ۽ شاخون به وڌيون آهن ۽ هاڻ رڳو ماهر نفسيات ئي نه پر هن دنيا ۾ انسان جا جيترا مزاجي رنگ آهن اوترا ئي نفسيات جا رنگ آهن. مزاج جي هيءَ سائنس ”تجرباتي نفسيات“ (Experimental Psychology) کان شروع ٿي ”حياتياتي نفسيات“ Neuropsychology” روئي جي نفسيات“ (Psychology Behaviorism)، ”دماغي نفسيات“ (Cognitive Psychology)، ”سماجي نفسيات“ (Social Psychology)، ”شخصي نفسيات“ (Personality Psychology)، ”ٻار جي نفسيات“ (Child Psychology)، ”لاشعوري دماغ ۽ نفسيات“ (Extraconsions and Psychology)، ”ترغيبي نفسيات“ (Motivational Psychology)، ”ذهني نفسياتي اوسر“ (Developmental mental Psychology)، ”رويه جاتي سياڻتي جينياتي نفسيات“ (Behavioral Genetics Psychology)، دماغي صحت لاءِ ”پيشيوراڻي نفسيات“ (Professional Psychology)، ”نفسياتي حرڪيات“ (Psycho Dynamics)، ”نفسياتي علاج“ (Psychotherapy)، ”تعليمي نفسيات“ (Educational Psychology)، ”صنعتي ۽ تنظيمي نفسيات“ (Industrial and organizational Psychology)، ”صحت جي نفسيات“ (Health Psychology)، ”اطلاقي نفسيات“ (Applied Psychology)، ”تقابلي نفسيات“ (Comparative Psychology)، ”حيواني نفسيات“ (Animal Psychology)، ”ڏوهاري نفسيات“ (Criminal Psychology) ۽ ”نظرياتي نفسيات“ (Theoretical Psychology) جهڙين شاخن ۾ سمائجي وڃي ٿي. عالمي صحت جي اداري پاران جاري ڪيل 2017ع جي رپورٽ جي آڌار تي ڪٿ ڪجي ته ڪنهن به معاشري ۾ موجود 10 هزار ذهني مريضن لاءِ هڪ نفسياتي معالج جو هئڻ ضروري آهي پر جي ڳالهه پاڪستان خاص طور سنڌ جي ڪجي ته هتي لکين مريضن لاءِ هڪ نفسياتي ڊاڪٽر ئي وڏي غنيمت تصور ڪيو ويندو آهي. اهڙي ماحول ۾ نفسيات جي ڊگريءَ جي اهميت وڌي وئي آهي. اُهو دور ويو جڏهن مقابلي جي ڊوڙ ۾ پنتي پيل شاگرد شاگردياڻيون نفسيات جي مضمون جي چونڊ ڪندا هئا. هاڻ وڌندڙ نفسياتي بيمارين ڪارڻ نفسيات جي شاگردن جو انگ وڌي رهيو آهي. نفسيات جي ماهرن موجب تخليقي صلاحيتن لاءِ صاف دل ۽ سادي طبيعت رکندڙ شاگردن ۽ شاگردياڻين کي بهترين تصور ڪيو ويندو آهي ۽ اهڙا ئي شاگرد هيومنٽيز، نفسيات، آرٽس ۽ سياسيات جي اڀياس ۾ ٽاپ پوزيشن ماڻين ٿا.

اڄڪلهه نفسيات جي ڊگري حاصل ڪرڻ وارن ۾ وڌو انگ ڇوڪرين جو آهي جيڪي پنهنجي مُرڪ، مٺڙي لهجي سان ذهني مريض کي ڇڳو ڀلو ڪرڻ ۾ جادوئي تاثير رکن ٿيون. ملڪ جون ننڍيون وڏيون لڳ ڀڳ سڀئي يونيورسٽيون ”نفسيات“ جو مضمون پڙهائين ٿيون، جنهن جو بنيادي مقصد اهڙا ماهر نفسيات پيدا ڪرڻ آهي، جيڪي ڏيهه ۽ پرڏيهه ۾ خدمتون سرانجام ڏئي سگهن. هيءَ هڪ اهڙي سماجي خدمت آهي جنهن تي اسان کي فخر آهي ڇو ته فرد ۽ سماج جي نفسياتي مونجهارن کي ختم ڪري ئي انفرادي ۽ اجتماعي ترقيءَ کي يقيني بڻائي سگهجي ٿو. انهن شعبن ۾ شاگردن کي نه رڳو علم نفسيات بابت بنيادي معلومات مهيا ڪئي ويندي آهي پر ڪين تحقيقي منصوبن ۽ انٽرن شپ جا موقعا فراهم ڪرڻ وسيلي عملي ڪم جي تربيت به ڏني ويندي آهي، ايترو ئي نه هاڻ سموري ملڪ جي مختلف يونيورسٽين ۾ ذهني عارضن ۾ مبتلا ماڻهن جي ڪائونسلنگ ۽ رهنمائيءَ جا مرڪز به قائم ڪيا ويا آهن. اهڙن سهڪاري مرڪزن جي اڏاوت سنئو ۽ مثبت قدم آهي. انهن مرڪزن ۾ موجود تجربيڪار ماهر نفسيات شاگردن جي ذهني، جذباتي، دماغي ۽ جسماني صحت کي بهتر ڪرڻ جي مقصد جي حاصلات کي يقيني بڻائن ٿا. گڏوگڏ مختلف ڊپلوما پروگرامز وسيلي شاگردن کي ان شعبي ۾ مختلف ۽ ٽيڪنيڪل معلومات مهيا ڪئي

ويندي آهي.

**نفسيات جي ڊگريءَ جا پنج قسم**

موجوده ٽيڪنالوجي ۽ حياتيات جي ميلاپ سان هاڻ علم نفسيات "سائيڪو ٿراپي" (نفسياتي علاج) لفظ ۾ تبديل ٿي چڪو آهي، جتي ميڊيڪل ۽ ذهني نفسيات جي ميلاپ سان اوهين بهترين ماهر نفسيات جي مرتبي تي فائز ٿي سگهو ٿا. نفسيات ۾ ايسوسيئيٽ ڊگري حاصل ڪري اوهين بزرگن جي عيادت، سار سنڀال ۽ زخمن تي پاها رکڻ وارا همدرد "بحالي رضاڪار" (Rehabilitation Worker) ٿي سگهو ٿا.

BA يا BS جهڙي بيچلر ڊگري جي حصول سان "ڪيريئر ڪائونسلر" جو پد ماڻي سگهو ٿا، وري M.A يا M.S جهڙي ماسٽر ڊگري جي حاصلات سان "ڊرگ اينڊ الڪحل اسپيشلسٽ" ٿي سگهو ٿا يا وري جي من موج تحقيق آهي ته ست سال نفسياتي جي وات تي گهاريندي Phd جي ڊگري ماڻي پروفيسر ۽ ڊاڪٽر آف سائڪالوجي جي سند حاصل ڪري "سائيڪو ٿراپسٽ" ٿي سگهو ٿا.

**سائيڪالوجيءَ ۾ محفوظ ڪيريئر**

هن وقت پاڪستاني ڊاڪٽرن خاص طور ڊاڪٽرياڻين ۾ نفسيات کي ميجر سبجيڪٽ طور کڻڻ جو رجحان تيزيءَ سان وڌي رهيو آهي، جنهن ۾ اسان جي مزاج شناس ماهرن منجهان عورتن جي اڪثريت "ڪلينيڪل اينڊ بيوهيويرئل سائيڪالوجي" ۾ ڪيريئر ناهڻ کي ترجيح ڏئي رهي آهي. ان ۾ ٻارن جي نفسيات لاءِ ڌار ماهر نفسيات آهن. سماجي روين کي مهذب ۽ تهذيب يافتا ڪرڻ جو ڪم به سماجي نفسيات دانن جي ذمي آهي، جيڪڏهن اوهين پنهنجي ۽ انسانن جي نفسيات جاڻوتا ته اوهين بنا ڪنهن ڊپ ۽ خطري جي موٽيويشنل اسپيڪر، سيلز مين، ايڊورٽائيزنگ ايجنٽ، سائيڪياٽرڪ ٽيڪنيشن، مُشير، صلاحڪار، پروبيشن اينڊ پيرول آفيسر، اديب ۽ شاعر، مارڪيٽ ريسرچر، چائلڊ ڪيئر ورڪر، ليبارٽري اسسٽنٽ، سوشل سروسز اسپيشلسٽ، ٽيچر، ليڪچرار، ايسوسيئيٽ پروفيسر ۽ پروفيسر جهڙن محفوظ ڪيريئرز جي پاڪستان ۾ پرڏيهه ضمانت حاصل ڪري سگهو ٿا. دنيا



جنهن تيزيءَ سان اڳتي وڃي رهي آهي، ان جي ڪٿ اڳ ۾ ڪانه هئي. انٽرنيٽ معلومات جو سمنڊ اسان آڏو کولي ڇڏيو آهي جو وايون بتال آهن ته 205 ملڪن منجهان ڪنهن کي ڏسي ڪنهن کي ڏسون. پر سوشل ميڊيا تي جنهن ريت سائيڪالوجسٽ وڌي رهيا آهن تن مان خاطري رکي سگهجي ٿي ته ايندڙ ڏهن سالن ۾ ڪروڊ ختم ٿيندو ۽ محبت جا نوان گلاب ڦٽندا. اهڙي مجازي ۽ حقيقي ماحول ۾ اسان کي نفسيات جا اُهي طبيب کپندا جيڪي اسان جي ذهني نفسيات جي صورت گري ڪري آٽوميشن انقلاب ۾ اعليٰ ترين صلاحيتن جي حصول ۾ اسان جا ساٿاري ۽ دستگير ٿي اُيرن ۽ معصوم من ۾ موجود ميراڻ کي متائي ڏيهه کي روشن ڪن.

**مستقبل جي تعليم: نفسيات**

19 ۽ 20 صديءَ کي سائنس ۽ ٽيڪنالوجيءَ جي عظيم اشتراڪ ۽ سهڪار سان تعبير ڪيو ويو پر 21 صديءَ ۾ اسان مصنوعي ذهانت سميت ميڊيڪل ۽ ٽيڪنالوجيءَ جي ڳانڍاپي سان 85 سيڪڙو مرضن جو علاج دريافت ڪري ورتو آهي. جسم جي ڳرڻ، جهُرڻ جي سببن جي خبر پئجي وئي آهي. هاڻ رڳو جوانيءَ جا انجيڪشن ٽانڪ لڳندا. بنا بيماريءَ 20 سالن جي ڪل سان 100 سالن جي حياتي گهاريندا. اهڙي آٽو وهيڪل، آٽو مشين، ٽيلي ٽرانسپورٽيشن ۽ ٽائيم مشين جي دور لاءِ هنرمند ڪرڻ لاءِ ۽ دنيا کي محبت جا آداب سيکارڻ لاءِ اسان کي مدبر ڏاهن نفسيات دانن جي گهرج سپ کان وڌيڪ پوندي جتي ڪا به اڪ آلي نه هوندي، جتي ڏک سکن جي سونهن هوندا.




وڏو وزير سيد مراد علي شاهه مقامي هوٽل ۾
پاڪستان سينٽر فار آٽزم جي اهتمام هيٺ سيمينار کي خطاب ڪري رهيو آهي.




وڏو وزير سيد مراد علي شاهه سينٽ جوزف ڪانونٽ اسڪول ۾ تعليم جي ترقي ۾ بهتر ڪارڪردگيءَ جا
160 سال پورا ٿيڻ تي ٽيبلٽ جي افتتاح دوران تختيءَ جي نقاب ڪشائي ڪري رهيو آهي.



وڏي وزير سيد مراد علي شاھ جو وزيراعليٰ هائوس ۾ پارٽي اڳواڻن سان عيد ملڻ بعد ورتل گروپ فوٽو.



وڏو وزير سيد مراد علي شاھ وزيراعليٰ هائوس ۾ پوليس کاتي جي عملدارن سان ڳالهائي رهيو آهي.



وڏو وزير سيد مراد علي شاھ وزيراعليٰ هائوس ۾ پيٽرول واري وزير ڊاڪٽر مصدق ملڪ سان
گئس جي قلت ۽ لوڊشيڊنگ بابت خيالن جي ڏي وٺ ڪندي. نثار احمد کھڙو ۽ ٻيا پڻ ان موقعي تي موجود آهن.



وڏو وزير سيد مراد علي شاھ درگاھ حضرت سچل سرمست رح جي مزار تي گلن جي چادر چاڙهي رهيو آهي.




ٽيڪنالاجيءَ جي شعبي ڪي هٿي وٺرائڻ ۽ مختلف تربيتي ڪورسز لاءِ سيڪريٽري يونيورسٽي اينڊ بورڊز مريد رحيمو،
سيڪريٽري آءِ ٽي آصف اڪرام، ٽيڪ ويلي ۽ گوگل پاڪستان عمر فاروق وزيراعليٰ هائوس ۾ ايم او يو تي صحيحون ڪندي،
جڏهن ته وڏو وزير سيد مراد علي شاهه، چيف سيڪريٽري سهيل راجپوت ۽ ٻيا پڻ موجود آهن.



وڏي وزير سيد مراد علي شاهه ٻوڏ ڪانپوءِ امدادي سرگرمين تي انٽرنيشنل ريسڪيو ڪميٽي جي سي اي او
مسٽر ڊيوڊ ملي بيند سان وڊيو لنڪ ذريعي خيالن جي ڏي وٺ ڪري رهيو آهي.

مصنوعي ذهانت (Artificial Intelligence)

# انسان جي بقا لاءِ خطرو

امام ڏنو

هن وقت اسين ڊجيٽل انٽرنيٽ آن لائن دنيا جي هڪ اهڙي دور ۾ آهيون جتي هر گذرندڙ گهڙي آءِ ٽي ۽ روبوٽڪس انقلاب سان گڏ ڊجيٽل سٽيز ۽ اي پلينٽ جي دور ۾ داخل ٿي رهي آهي. هينئر سوشل ميڊيا نہ رڳو دنيا کي موبائل ۽ اسمارٽ فون اندر بند ڪري سڄي سنسار کي ويجهو ڪيو آهي پر اُتي اِهو خطرو بہ اسان جي مٿان راڪاس وانگر ڦيرا پائي رهيو آهي تہ جيڪڏهن اسان پاڻ کي ڊجيٽل انقلاب کان اڳيرو نہ ڪيو تہ دنيا تي مشيني ماڻهن جي حڪومت هوندي ڇو تہ ڪمپيوٽر هاڻ رڳو حسابي مشين نہ رهيو آهي پر ان جو اثر سائنس ۽ ريسرچ کان وٺي ڪمپوزنگ وسيلي هن لکت جي ڇپائيءَ تائين ڪمپيوٽر جي حاڪميت نظر ايندي. ميٽرڪس، انٽرنيٽ فار ايوري ٿنگ ۽ ڊيٽا سائنس هاڻ سوچ ۽ ڪاروبار جي دنيا کي تبديل ڪري ڇڏيو آهي. گهر ويٺي ڪاروبار کان وٺي دنيا جهان سان رابطي جي دنيا هاڻ انٽرنيٽ تي ٻڌل آهي. فائبر آپٽڪس کان ڳالهہ وڌي سڌو سنئون سيٽلائيٽ رابطي تي پهتي آهي جنهن ڪري سموري دنيا انٽرنيٽ کانسواءِ هڪ ڏينهن بہ گهاري نٿي سگهي جيئن تازو مئي ۾ 3 ڏينهن انٽرنيٽ بند ٿي تہ ملڪي ناڻي جو 10 ارب رپيا نقصان ٿيو. اهڙي صورتحال ۾ هر هڪ فرد لاءِ آءِ ٽي روبوٽڪس سائنس لازمي حصو ٿي پئي آهي



چاڻ جو- جنهن ڪان اڳتاٽائي اوهان ڪي سائبر ڪرائم جي دنيا ۾ هيڪرز جي حوالي ڪري اوهان جو الهه تلهه ٻهاري سگهي ٿي. مصنوعي ذهانت سان گڏ اوهان ڪي تخليقي ذهانت بہ ڪپندي. نہ تہ ”سڀ ڪان طاقتور جي بقا“ (Survival of fittest) جي هن دنيا ۾ اوهان وجود بچائي نہ سگهندا!؟

مشيني ماڻهو ۽ مصنوعي ذهانت جو ذڪر ويهين صديءَ جي شروعاتي ڏهاڪي ۾ رڳو سائنس فڪشن ناولن ۾ هوندو هو. ان صديءَ ۾ معروف برطانوي اديب ايچ جي ويلز جو وڏو چرچو هو جنهن ”مريخ تان خلائي مخلوق جي ڪاهہ“ نالي سائنس فڪشن لکي سڄي دنيا کي ڏهڪائي ڇڏيو. هن عالمي تاريخ بہ لکي، سياست ۽ معيشت تي بہ جام لکيو. برطانيا ۾ سوشلسٽ تحريڪن جي حمايت بہ ڪئي پر وڏيڪ ٽائيم مشين ۽ روبوٽس تي گهڻو لکيو جڏهن تہ آمريڪي سائنس فڪشن نگار آرٿر سي ڪلارڪ ۽ آئزڪ اسموف روبوٽس، مصنوعي ذهانت تي گهڻو لکيو. هالي ووڊ جي اسٽار ٽريڪ سيريز روبوٽ ۽ مصنوعي ذهانت ۾ غير معمولي دلچسپيءَ کي هٿي ڏني. گذريل صدي جي چوٿين ۽ پنجين ڏهاڪي ۾ روبوٽ تي ڪم شروع ٿي چڪو هو پر 1980ع کان مصنوعي ذهانت جي حوالي سان اڳتي وک وڌائي وئي. مشهور آمريڪي سائنسي اداري MITوڏي اُچل ڏيندي ڪمپيوٽر جي زبان، اشارا ۽ اصطلاح سهيڙي انتهائي وڏو ڪم ڪيو. اڄ بہ ڪمپيوٽر جي ساڳي زبان ۽ اصطلاح آمريڪي سائنسي ادارن ۾ استعمال ٿيندا آهن.

1950ع ۾ ڪمپيوٽر ماهر ايلن ٽرننگ پنهنجي تحقيقي مقالي ۾ اِهو سوال اٿاريو تہ ڇا مشين سوچي سگهي ٿي!؟ اِن سوال جو پڙلاءُ سڄي دنيا ۾ ٻڌو ويو. جاپان، چين، برطانيا، آمريڪا، فرانس، جرمني، روسي سميت دنيا جي ڏاهن رات ڏينهن جي مَٿا ڪُٽ ڪانپوءِ ان سوال جو جواب ”مصنوعي ذهانت“ جي نالي سان ڳولهي ورتو تہ جيڪڏهن ڪمپيوٽر پروگرام ۾ مصنوعي ذهانت شامل ڪجي تہ سپر ڪوانٽم ڪمپيوٽر جڙي سگهي ٿو جنهن پنهنجي مصنوعي ذهانت سان جينوم پروجيڪٽ کي مڪمل ڪرڻ سان گڏ اهڙا روبوٽ ٺاهڻ کي ممڪن بڻايو جيڪي هوبهو انسان وانگر ڳالهائي ٻولهائي سگهن ٿا. ان ريت اينڪر روبوٽ- باورچي روبوٽ سميت ملٽري روبوٽ هاڻي جنگ جي ميدان کي بہ سائبر وار ۾ بدلي ڇڏيو آهي. روبوٽ سرجن ميڊيڪل دنيا ۾ انقلاب آڻي ڇڏيو آهي. اهڙي ريت گذريل 70 ورهين ۾ مصنوعي ذهانت رکندڙ روبوٽ دنيا ۾ ايترا عام جام ٿي چڪا آهن جو هاڻ آن لائن ٽيڻ لاءِ ڪمپيوٽر بہ پڇندو آهي تہ اوهين گوشت پوست رکندڙ انسان آهيو يا ڪو روبوٽ- آٽوميٽڪ بنا ڊرائيور جي ڪار ۽ جهاز سميت روبوٽ هاڻ ڊجيٽل آن لائن بينڪنگ جو بہ سرتاج آهي. اڏاوت جي دنيا ۾ روبوٽ سرون ڪٽندڙ پيدا ٿيا آهن تہ وري اوهين پرنٽر وسيلي ٿڏي تي سڄو سارو گهر بہ تيار ڪري سگهو ٿا. ان ريت هن وقت دنيا جو 90 سيڪڙو ڪم روبوٽ ڪري رهيا آهن. فيڪٽرين ۽ ڪارخانن ۾ روبوٽ اسيمبلنگ ڪان ويندي آفس ورڪس مينيجمينٽ ۾ بہ ڪمپيوٽر ڪم ڪري رهيو آهي جنهن کي نہ ٿڪ ٿئي نہ اونگهہ اچي. ٻين لفظن ۾ هڪ هزار ماڻهن جي پيٽ ۾ رڳو 10 روبوٽ ڪم ڪن تہ هڪ هزار پورهيت بي روزگار ٿي ويا. جنهن جا اثر پاڪستان ۾ بہ نظر اچن ٿا نفعي جي لالچ ۾ ڪارخانيدار مالڪن روبوٽس ڪان ڪم ڪرائڻ شروع ڪيو آهي. جڏهن تہ آفيسن ۾ ڪر دماغ، موڊي ماڻهن بجاءِ هڪ سعادت مند روبوٽ اڪائونٽنٽ جون خدمتون ورتيون پيون وڃن. انساني دماغ جي برابري ڪندڙ روبوٽ هاڻ اولهہ ۾ بہ روزگار جي وسيلن تي ڌاڙو هڻي رهيا آهن. آفيسن ۾ مينوئل ۽ پيپر ورڪ جي جاءِ ڊيجيٽل ورڪ والاري آهي. هڪ روبوٽ 100 ماڻهن جي ڪمن جو اُڪلاءُ اک ڇنڀ ۾ ڪري ٿو. ڊرون ٽيڪنالوجيءَ ڪارڻ هاڻ پوکي بہ ڀهريان ڪان وڌيڪ سولي ٿي پئي آهي. ڊرپ ايگريڪلچر ڪان ويندي آٽوميشن تائين سڄي دنيا ۾ روزگار جي وسيلن جو حاڪم روبوٽ يا مشيني ماڻهو ٿي پيو آهي. هن وقت ڪيترائي سائنسي تحقيقي ادارا ۽ ڪمپيوٽر پروگرامنگ ڪرڻ وارا ادارا AIسان سلهاڙيل روبوٽس ۽ ايڊوانسڊ پروگرامنگ تي ڪم ڪري رهيا آهن.

هاڻ جيڪي سپر ۽ ڪوانٽم ڪمپيوٽر تيار ڪيا پيا وڃن تن کي ڏسي عقل دنگ رهيو وڃي. ان ريت ادارن وچ ۾ مقابلي بازي هلي رهي آهي. هر هڪ ادارو هڪ کان وڌيڪ سافٽ ويئر ۽ پروگرامنگ تيار ڪري رهيو آهي. اهڙا جيڪي روبوٽ اچي رهيا آهن سي هڪ ٻئي کان وڌيڪ هٽرادو ذهن رکندڙ آهن، جيڪي نواڻ، تبديلي، ترقي، نئين سوچ ۽ تيز رفتاريءَ ۾ پنهنجو مَٽ پاڻ آهن. اڄ کان ستر اسي ورهيہ اڳ اردو جي مشهور ڪهاڻيڪار ڪرشن چندر هڪ ڪهاڻي لکي هئي جنهن ۾ هڪ امير ترين شخص گهريلو

ڪم ڪار لاءِ هڪ روبوٽ خريد ڪيو جيڪو بنا ٿڪائيتال گهر جو سڄو ڪم ڪندو هو. هُو مالڪ جو وفادار هيو مالڪ جي هڪ جوان ڌيءَ هئي جنهن سان هڪ ڏينهن اُن روبوٽ عشق جو اظهار ڪيو ته هن ڏپ وچان پيءُ کي شڪايت ڪئي ته مالڪ روبوٽ کي دڙڪا ڏنا پر روبوٽ جو رينگٽ هڪ ئي هو جنهن کي هُو ورجائيندو رهيو مون کي ساڻس پيار آهي.... پيار آهي... پيار آهي. هاڻي بازار ۾ اهڙا سهڻا روبوٽ ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون اچي چڪا آهن. اهڙا غلام روبوٽ قسمين قسمين جا اچي ويا آهن جيڪڏهن ڪو ملڪ روبوٽس جي فوج ناهي پنهنجي دشمن مٿان هلان ڪري ڏي ته ڪا اچرج جهڙي ڳالهه نه هوندي. اهڙي ريت محبت ۽ جنگ ۾ مُک ڪردار روبوٽ ادا ڪندا ۽ ڪو اهڙو وقت به اچي سگهي ٿو آئزڪ اسموف جي ان ڪهاڻيءَ وانگر جنهن ۾ مشيني ماڻهن کي هڪ آخري گوشت پوست جو ماڻهو مليو ته ڏسي ڇرڪي پيا ته هيءَ ڪهڙي مخلوق!؟ پوڙهي جهور ڇِبي بيمار انسان کي جيئن ئي ٽول باڪس کڻي پير ڇيريائون ته همراهه ته پرلوڪ پڌاري ويو پر روبوٽ سرجن فائبر تارن جي جاءِ تي آنڊا ڏنا ته افسوس سان وراڻيو: ”واقعي اسان کان مختلف هئا انسان!“ آن لائن ايجوڪيشن جي وڌندڙ ريت کي ڏسندي آئزڪ اسموف جي هڪ ٻي ڪهاڻي ياد آئي جنهن ۾ نينگرين کي جهوني جُڳ جو هڪ ڪتاب ملي ٿو جنهن مان کين پروڙ ٿي پوي ته ڪو وقت هو جڏهن اسڪول، ڪاليج ۽ يونيورسٽيون هيون جتي شاگرد شاگرديائڻيون پڙهڻ ويندا هئا. اهو منظر پڙهي نينگري پنهنجي ننڍي ڀيڻ کي اچرج مان چوي ٿي: ”مارا! پويان لوڪ ايڏا ابوجهه ۽ واندا هئا جو وقت سيڙائي ۽ پنڌ ڪري پڙهڻ ويندا هئا. اسان ته هڪ ئي ريموٽ ڪلڪ سان پٽ، آسمان کي لارج اسڪرين ڪري اسڪول، ڪاليج، يونيورسٽي گهر کڻيون، گهر ويٺي پڙهون. واهه ڙي انسان تنهنجي ٻي وسي! علم لاءِ ايڏا ڪشالا!؟“

## مصنوعي ذهانت انسان جو خاتمو آڻي سگهي ٿي!

دنيا جي امير ترين شخصيت ايلون مسڪ هڪ کليل خط ۾ پنهنجي شديد اُلڪي جو اظهار ڪندي لاڳاپيل ادارن کي چيو آهي ته مصنوعي ذهانت سان سلهاڙيل روبوٽس ۾ ڪنهن به اليڪٽرانڪ خرابيءَ يا غلطيءَ ڪري پروگرام متاثر ٿي سگهي ٿو. دهشتگردي ڪندڙ گروهه روبوٽس کي استعمال ڪري سگهن ٿا، خودڪش يا فدائي بمبار سيني کي ميساري سگهن ٿا. ماهر ۽ ڪمپيوٽر سائنسدان ڪٽي ڪيڏي به وڏي هام هڻن پر ٿوري به غلطي ڪنهن وڏي مسئلي جو سبب ٿي سگهي ٿي. هڪ اڻ ڏٺو پر متوقع خطرو اسان سيني جي مٿن تي لامارا هڻي رهيو آهي. امڪان آهي ته سڄي انسانيت کي اهڙو نقصان رسي سگهي ٿو جنهن جو ويڄ هوندو نه طبيب. ان کان اڳ مشهور فلڪي طبيعيات دان اسٽيفن هاڪنگ به اهڙي خطري جي نشاندهي ڪئي هئي ۽ هاڻ ساڳئي اُلڪي دنيا ۾ هلچل مچائي ڇڏي آهي. گهڻي قدر سائنسي تحقيقي ۽ ڪمپيوٽر پروگرامنگ جي ادارن پنهنجو ڪم ترت بند ڪري ڇڏيو آهي. جيئن ان کان اڳ ڪلوننگ تي ان خدشي ڪارڻ تحقيق کي اڳتي نه وڌايو ويو ته جيڪڏهن ڪلوننگ ٽيڪنالوجي ڀولي رڌ جا نقل جوڙي سگهي ٿي ته پوءِ ٻيو چنگيز خان، هٽلر ۽ مسوليني به پيدا ٿيو ته انسانيت جو مستقبل ڪهڙو وڃي بيهندو!؟

اهي سڀئي ماهر ان ڳالهه تي متفق ۽ سهمت آهن ته جيستائين انسان کي اهو يقين نه اچي وڃي ته ڪيس روبوٽس ۽ مصنوعي ذهانت تي مڪمل ڪنٽرول حاصل آهي ۽ هتر ادو ذهانت هر قسم جي گمان ۽ اُلڪي کان پاڪ آهي تيستائين ان کي ترقي ڏيڻ ۽ ڪم کي اڳتي وڌائڻ کان پاسو ڪرڻ گهرجي. ڌرتيءَ تي آباد سڀني ساهوارن جي سيڪيورٽي اولين ترجيح هئڻ گهرجي اسان کي فرينڪسٽائن يا ڊريڪولا جهڙو اهڙو ڀوت ناهڻ کان پاسو ڪرڻ گهرجي جو مورڳو پنهنجي جان کي ئي جوکم ۾ وجهي!

سوال پيدا ٿئي ٿو ته ايلون مسڪ ڪير آهي جنهن جي ڳالهه کي ايڏي اهميت ڏني پئي وڃي. ايلون مسڪ جي شهرت سندس خانگي خلائي ڪمپني ايڪس اسپيس، ٽيسلا ۽ هينئر ٽوئيٽر جي مالڪ طور سڄي دنيا ۾ ڦهليل آهي جنهن لُوپ ٽيڪنالوجيءَ وسيلي ڌرتيءَ کي ڪائنات سان جوڙڻ جي صلاح ڏيندي چيو ته جيڪڏهن اسان اهڙا اسپيس ٽنلز يا پائپ ناهيون جيڪي خلا سان جڙيل هجن ته ٻاهرين ڇڪ کان بچي رفتار کي روشنيءَ جي ماپي تي آڻي اک ڇنڀ ۾ مريخ تائين اڏامي سگهون ٿا. ٻاهريون فضائي غلاف رفتار ۾ رنڊڪ آهي جڏهن ته ڇُر ۾ ڪا به ڇڪ ناهي هوندي جيڪا رفتار ۾ رنڊڪ وجهي- اسپيس ڪولائيڊر ٽيڪنالوجي اسان لاءِ آڪاش جي ڳرهن سان رابطي جي پُل آهي. ايلون مسڪ جيڪو جڳ مشهور ٽيسلا ڪمپنيءَ جو هيڊ آهي سان رڳو

ادارو يا فيڪٽري ناهي پر تن ڪنبن تي ڦهليل هن ڪمپنيءَ ۾ هڪ لک کان وڌيڪ ملازم ڪم ڪندا آهن، جن ۾ سائنسدان، انجنيئر، ڊاڪٽر، پروفيسر، ڪاريگر ۽ ماهر شامل آهن. ٽيسلا اليڪٽرڪ گاڏيون، سولر انرجي بيٽريون ۽ اليڪٽرانڪ جو حساس سامان ڪمپيوٽر وغيره تيار ڪندي آهي. ٽيسلا سپ کان وڏي ٽاور تي بہ ڪم ڪري رهي آهي جيڪو خلا مان لهرن کي ڇهتي روشنيءَ جي رفتار سان انٽرنيٽ ڪنيڪشن کي ممڪن ڪندي. جڏهن ايلون مسڪ جي ايڪس اسپيس نہ رڳو خلائي تحقيق ڪندي آهي پر هيءَ ڪمپني مريخ ۽ چنڊ تي خلائي اسٽيشن بہ ناهي رهي آهي تہ جيئن چنڊ ۽ مريخ لاءِ پرائيويٽ اسپيس سروس جي باقاعده ڪمرشل اڏام شروع ڪري سگهجي. تازو ايلون مسڪ سميت 100 مسافر اسپيس ايڪس خلائي جهاز ۾ دنيا جو چڪر لڳائي آيا آهن. مريخ تي امير ترين ماڻهن کي هيءَ ڪمپني پلاٽ بہ وڪرو ڪري رهي آهي.

فاسٽ مائينڊ يا تيز دماغ نالي سافٽ ويئر هينئر تائين مصنوعي ذهانت جي ايجادن جو شاهڪار سافٽ ويئر آهي جيڪو هر مسئلي ۾ ڪم ايندو آهي. هن ۾ انساني شعور ۽ احساس کي ملائڻ جي بہ ڪوشش ڪئي وئي آهي. هي سافٽ ويئر سائبر ڪرائيم تي بہ ڪنٽرول ڪري سگهي ٿو. هن پروگرام تي ڪم 1980ع کان جاري هو هي پروگرام زمين يا خلا جي هر پروگرام کي سيڪيورٽي مهيا ڪندو آهي. ڪمپني پنهنجي پروگرام کي روبوٽ ۾ وجهي اُن وقت جي شطرنج جي عالمي چئمپئن گيري ڪاسپروف کي شڪست ڏئي دنيا کي حيران ڪري ڇڏيو هو. جنهن کي گوگل ڪمپني 400 ملين ڊالرز ۾ خريد ڪري ورتو آهي. مصنوعي ذهانت تي ٻڌل وڌيڪ پروگرام IBMءِ واٽسن ڪمپني تيار ڪري رهي آهي جنهن ۾ وڌيڪ ڏيان ان تي ڏنو پيو وڃي تہ ڪهڙيءَ ريت انساني دماغ مشڪل حالتن ۾ مشڪل جو حل ڳولهڻ جي ڪوشش ڪندو آهي ۽ ڪهڙيءَ ريت پنهنجي حواسن تي ڪنٽرول ڪندو آهي ۽ تڏي دماغ سان صورتحال جو تجزيو ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي؟ ڪيئن سڪندو ۽ ان تي عمل ڪندو آهي؟ ان کان سواءِ هڪ اهڙو پروگرام بہ ترتيب ڏنو پيو وڃي جنهن ۾ مصنوعي ذهانت وسيلي اشارن، ٿيوري، منطق جي GPS پروگرام سان آمريڪا جي هيلن يونيورسٽي مشيني زبان تيار ڪري رهي آهي. ان کان اڳ MITپروگرامنگ جي زبان تيار ڪئي هئي جنهن ۾ سيني شين، پروڊڪٽس ۽ ٻين شين جي صورتخطيءَ جي لحاظ کان يوبل فهرست تيار ڪجي ٿي. مصنوعي ذهانت جي حوالي سان اهو ڪليو خط ايلون مسڪ دبئيءَ واري اجلاس ۾ پيش ڪيو جنهن جي اڪثريت تائيد ڪئي جڏهن تہ ڪن ان کي پبلسٽيءَ جو سولو طريقو ڄاڻايو.

**مصنوعي ذهانت انساني دماغ کان مٿانهين ناهي!**

انساني دماغ قدرت جو عجيب ڪرشمو آهي جنهن کي دنيا جي پيچيده ترين مشين سان مشابهت ڏني وڃي ٿي. جي اهڙي ڪا مشين جوڙي وڃي تہ اها نيويارڪ جي ايمپائر اسٽيٽ بلڊنگ جيڏي ڏگهي هوندي. گهڻي قدر ماهرن جو خيال آهي تہ مصنوعي ذهانت حقيقي معنائن ۾ انساني دماغ جي برابري نٿي ڪري سگهي ڇو تہ انساني دماغ پاڻ ئي طبيب پاڻ ئي درد جو دارون آهي. مصنوعي ذهانت ۾ جيڪو وڌو ويندو اهو ئي ڊيڪاريندو جيئن معروف رياضي دان پاڪستان جائي ڊاڪٽر جنيد متين چواڻي مصنوعي ذهانت مان اسان کي ڪو بہ خطرو ناهي ڇو تہ انساني دماغ هر طرح سان مشين تي حاوي آهي. مشين کان خائف ٿيڻ اسان جي پنهنجي ڪمزوري آهي، جنيد متين رياضياتي مصنوعي ذهانت تي ٻڌل ڪمپيوٽر تي ڪم ڪري رهيو آهي پر ايلون مسڪ سميت عالمي ماهرن جو اهو الڪوءِ خطرو پنهنجي جاءِ تي موجود آهي تہ ٿورڙي غلطيءَ ڪارڻ ڪجھ بہ ٿي سگهي ٿو. جيئن اسٽيفن هاڪنگ چيو تہ ڪنهن بہ شرارت يا منفي عمل سان پوري انساني نسل کي تباهہ ڪري سگهجي ٿو. جهڙيءَ ريت آٽو ميشن ۽ مصنوعي ذهانت بيروزگاري جي انگ کي وڌائي رهي آهي اهڙيءَ ريت اهڙي مصنوعي ذهانت واري انقلاب ۾ اڻ پڙهيل ۽ ترقيءَ جي ڊوڙ کان وانجهيل انهن اربين انسانن جو ڇا ٿيندو جن تي دنيا جي امير ملڪن جا رڳو 3 سيڪڙو سرمائيدار حاڪم آهن.

جيڪڏهن وڌيڪ سهولت ۽ ناٽي جي اِها ڪرت برقرار رهي تہ پوءِ اُهي ئي جيئرا رهندا جيڪي پاڻ کي مصنوعي ذهانت کان اڳيرو ڪندا. جي اِها ڪرت تبديل ڪندي سپ جي پلي جو نہ سوچيو ويو تہ پوءِ اهڙي دنيا ۾ اُهي ماڻهو بہ نہ رهندا جن کي اسين خريدار يا ڪنزيومر سوسائٽي چئون ٿا. ان ڪري چڙواڳ مصنوعي ذهانت تي ضابطو آڻيندي ڪلوننگ ٽيڪ وانگر ڪي ضابطا ۽ قانون جوڙڻا پوندا.

## سوپ ماڻڻ لاءِ "جذباتي ذهانت" (Emotional Intelligence)

# پاڻ سڃاڻڻ جي سائنس

**محمد ياسين**

اوهان آءِ ڪيو (IQ) يعني انٽيليجنس ڪوٽنٽ جو نالو تہ ضرور ٻڌو هوندو جنهن کي ذهانت جي پيمائش لاءِ ڪتب آندو ويندو آهي، جنهن جو تصور پهريون ڀيرو 1905ع ۾ الفريڊ بينٽ (Alfred Binet) ڏنو تہ انسان جي طبعي عمر کان سواءِ ذهني عمر بہ هوندي آهي ۽ ذهن ڄمار وڌڻ سان گڏوگڏ ترقي ڪندي اڳتي ناهي وڌندو پر ذهني سگهہ جي آڌار تي ننڍو ٻار بہ IQ جي بنياد تي ذهني عمر ۾ ڪنهن پختي عمر جي ماڻهوءَ کان وڌ ٿي سگهي ٿو. جيئن اسان وٽ ارفع ڪريم جو مثال سامهون آهي جنهن سافٽ ويئر جي دنيا ۾ ريڪارڊز قائم ڪيا پر عمر وفا نہ ڪئي. هُن ننڍڙي ڄمار ۾ ئي پاڻ کي امر ڪري ذهانت جي دنيا ۾ پنهنجو ڏيئو ٻاريو. الفريڊ مختلف عمرين جي لحاظ سان اهڙن سوالن جي فهرست ترتيب ڏني جن وسيلي ڪنهن بہ فرد جي ذهانت جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو جنهن کي IQ test چيو ويندو آهي. هن نظريي جي بنياد تي اهو خيال ڪيو ويندو آهي تہ جيڪو شخص جيترو پڙهيل ڳڙهيل هوندو شين تي وڌ کان وڌ ڌيان ڏيندڙ هوندو اوترو ئي ڪامياب هوندو. اهڙين خوبين واري انسان کي ذهين (Intelligent) چيوويندو هو

وقت گذرڻ سان تجربن ۽ مشاهدن ثابت ڪيو تہ آءِ ڪيو جي بنياد تي ذهانت جو نظريو مقابلي جي ڊوڙ ۾ چڪ چڪان ۾ وٺ وٺان واري حقيقي دنيا ۾ درست ثابت نہ ٿيو ڇو تہ گريڊ اسڪور ڪرڻ وارا عام طور تي ذهني، جسماني ۽ جذباتي مونجهارن جو شڪار رهن ٿا. ڪلاس جو سڀ کان ذهين ٻار وڏو ٿي ڪامياب ماڻهو ڇو نٿو ٿئي؟! ان جي اُبتڙ آئن



اسٽائن کان مارڪ زڪر برگ جهڙن ڪامياب ماڻهن کي ڪلاس روم ۾ نالائق ۽ ڪند ذهن سمجهندي ڪلاس مان نيڪالي ڏني وئي، روايتي اسڪول سسٽم کان باغي ماڻهن ڇو عظيم ڪارناما انجام ڏنا!؟ فهم، فراست جون اُهي ڪهڙيون خوبيون آهن جيڪي ڪاميابي اسان جو مقدر ڪن ٿيون؟ نفسياتي ماهرن ان ڏس ۾ ذهانت جا ٻيا قسم بہ دريافت ڪيا. جهڙوڪ "تجزياتي ذهانت" (Analytical Intelligence)، "لسانياتي ذهانت" (Linguistic Intelligence)، "رياضياتي ذهانت" (Mathmatical Intelligence) يا "جذباتي ذهانت" (Emotional Intelligence)، جنهن کي نفسيات جي آمريڪي پروفيسر ڊينيل گولمين (Daniel Goleman) 1990ع جي وچ ڌاري پنهنجي جڳ مشهور ڪتاب جذباتي ذهانت (Emotinal Intelligence) ذريعي متعارف ڪرائيندي EQ جو نظريو پيش ڪندي چيو تہ جذبن جي سُٺي سڃاڻ سان ئي سوپ ملندي آهي جنهن ۾ ماڻهن سان ڏيتي ليتي ڪندي "سماجي هُنر" (Social Skills) "پاڻ سڃاڻڻ" (Self Awareness)، "همدردي" (Empathy)، "حوصلي افزائي ڪرڻ، ترغيب ڏيڻ" (Motivation) "پاڻ کي منظم ڪرڻ" (Self Requlation) ۽ "مستقل مزاجي"، تسلسل جهڙا جذبا ملي ڪري جذباتي ذهانت کي سگهارو ڪن ٿا.

### جذباتي ذهانت ڇا آهي؟

جذباتي ذهانت کي سمجهڻ کان اڳ اهو سمجهڻ ضروري آهي تہ جذبا ڇا آهن ڇو تہ انسان جي هر عمل جو دارومدار جذبن تي هوندو آهي. ڪو ڪٽي ڪيترو بہ ذهين هجي، جيڪڏهن ڪيس پنهنجي جذبن تي ضابطو

آڻڻ جو ڏانءُ ناهي ته هن جي علمي ذهانت ڪنهن به ڪم ڪار جي نٿي رهي. ان ڪري ئي جذبن جي سائنس ڪي سمجهڻ ۽ سماج ۾ ماڻهن سان لهه وچڙ دوران پنهنجي جذبن ڪي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ جذباتي ذهانت اهم ڪردار ادا ڪري ٿي. جنهن لاءِ پهريان سوچيو پوءِ ڳالهايو جو اصول ئي اهڙي وٿ آهي جيڪا سماج ۾ مانَ مرتبي جو ڪارڻ بڻجي ٿي. اسين روزانو ٻين جي جذبن ڪي سمجهڻ ۾ گهڻو وقت ضايع ڪندا آهيون ته فلاڻو هيئنئن ته فلاڻو هوئنئن- اهڙي رويي ڪري اسين پاڻ جذباتي پيچيدگين جي ور چڙهي احساس ڪمتريءَ جي ڏٻڻ ۾ ڦاسي پوندا آهيون. انساني زندگيءَ جا مختلف معيار ۽ ماپا, سماجي, اقتصادي ۽ لاڳاپن جي بدليل نوعيت به جذباتي ذهانت تي اثرانداز ٿيندي آهي. غربت ۽ مالي ناآسودگي ڪارڻ مفلس ۽ نادار شخص ڪنهن هڪ شيءِ تي ڀرپور ڌيان ڏيڻ ۾ ڏکيائي محسوس ڪندو آهي. ڪيس مامرن ۽ مسئلن ڪي حل ڪرڻ ۾ به اندرين ٻي چيني ۽ تڪليف ڪي منهن ڏيڻو پوندو آهي. اهڙي ريت هُو پنهنجي جذبي ۽ احساس ڪي ڪنٽرول ڪرڻ ۾ دشواري محسوس ڪندو آهي, جڏهن ته ٻين جا خوشي, آسودگي ۽ اميد جهڙا جذبا سمجهڻ ۾ به غلطي ڪري سگهي ٿو. لاڳاپن ۾ بگاڙ يا دوکو کاڌل شخص اعتماد, ڀروسي ۽ يقين جهڙن جذبن کان عاري ٿيڻ لڳندو آهي. سچ ۽ ڪوڙ وچ ۾ تميز سندس لاءِ شديد مسئلو ٿي پوندي آهي. جذباتي طور هن جا تاثر به ڪوڪلا ٿي ڪيس ٻين لاءِ ڀروسي جوڳو ناهن ڪندا. بيماري, خامي يا شخصيت ۾ ڪنهن کوٽ جو احساس به هن ڪي ٻين آڏو رحم جوڳو ڪندو آهي جنهن جي جهلڪ هر جاءِ محسوس ٿئي ٿي ۽ هن جا جذبا بناوتي محسوس ٿيڻ لڳن ٿا.

**جذبات سنڀالي رکجانءِ ڪم ايندئي!**

انسان جي روح ڪي جذبو چئجي ته وڏاءُ نه ٿيندو ته اهو جذبو ۽ احساس ئي آهي جو ڪنهن به ساهواري ڪي خيال جي اڏام سان ارادي جي سگهه حاصل ڪري عمل تي اُڀاري ٿو. سچل سرمست چواڻي:

مين تان اڪ خيال هان
ملسان نال خيال دي!

خيال جي خيال سان ملاقات مجاز ۾ ٿي حقيقت جي دنيا ۾ ٻيير رکي ٿي. هر شخص اِها ڳالهه ڄاڻندو آهي ته پنهنجي جذبن جو اظهار ۽ پهريان تڪي توري پوءِ ڳالهائي ڇڙواڳ ڪروڌي جذبن جهڙوڪ ڪاوڙ, ساڙ ڪي ڪنٽرول ڪرڻ جي صلاحيت پُرسڪون جيون گهارڻ لاءِ ڪيترو ضروري آهي!؟ ساڳئي ريت ٻين جي جذبن ڪي سمجهڻ, ان مان حقيقتون اخذ ڪرڻ ۽ ٻين جي جذبن تي ردعمل ڏيڻ ڪيڏو اهم آهي!؟ تنهن جو جواب هڪ اکر ۾ خاموشي آهي. هڪ چُپ-سئو سک! جڏهن اوهين ٻين جي زندگين ۾ جهاتي پائڻ بدران پنهنجي من اندر جهاتي پايو ٿا ته اوهين پروڙيو ٿا ونو:

**پهريون عقل پوءِ عشق!**

جذباتي ذهانت ڪي ڪجهه ماهر عقل کان وڌ اهم ڄاڻن ٿا. پهريان دل جو پاسبان عقل ڪي ڪيو پوءِ دل جي ڳالهه ڪي عقل, منطق جي تارازيءَ ۾ توريو- تهان پوءِ ويچار ڪندي پنهنجو ردعمل ڏيو. منطقي ذهانت سان جذباتي ذهانت ڪي ڪنٽرول ڪندي ”پاڻ سُڃاڻ“ (Self Awareness)ٿيو- جو ته جيڪو پنهنجي جذبي جي سگهه کان اڻڄاڻ آهي تنهن ڪي اُن عشق جي کهڙي ڳل جيڪا ڪم سان عشق جي منزل تي پهچي عبادت تي پوي. ٿورڙو اهڙي دنيا جو تصور ڪيو جتي ڪو به اوهان جي اداسي نه سمجهي سگهي يا اوهين ڪنهن جي ڪاوڙ جو اندازو نه لڳائي سگهو ته اهڙي بي حس دنيا ۾ اوهان جو گذارو ٿيندو!؟ جڏهن ته هن ڏجيٽل دنيا ۾ وڏي ۾ وڏو عذبا اڪيلائپ آهي. هر ڪو من اُداس آهي جنهن جو ڪارڻ رڳو هڪ آهي! اسين همدردي, مهمان نوازي رڳو نمائش ۽ لالچ لاءِ ڪيون ٿا, اسان شهرت, دولت جا چاهڪ دستگير سڏائڻ جي ڊوڙ ۾ پورا آهيون ته پوءِ چو نه رڳو مقدر جي ماني وندي ورهائي کائجي.

**اکين ۾ ٿي ويهه, ته واري آئون ڏڪيان!**

سنڌ جي سرتاج شاعر شاهه عبداللطيف جون هي ستون جذباتي ذهانت جي استعمال سان ڀڳل ٽٽل رشتن ڪي جوڙڻ جي ٽيڳ لائن ٿي ٿيون. جو ته موجوده مادي دنيا ۾ مال جي چاهه ۽ الفت اسان ڪي رشتن کان اوپرو ڪري هڪ اڪيلي بنگلي, فليٽ, ڊپليڪس ۾ قيد ڪري تنهائيءَ جي پڃري ۾ واڙي ڇڏيو آهي.

جذباتي ذهانت پاڻ ۽ ٻين جي جذبن ڪي سڃاڻڻ, سمجهڻ ۽ ان ڪي پنهنجي ڪنٽرول ۾ رکڻ جي قابليت آهي. نئين تحقيق مان اِها ڳالهه ثابت ٿي آهي ته جيڪي ماڻهو جذباتي طور وڌيڪ ذهين هوندا آهن اُهي پنهنجي ڪم ۽ رشتن ۾ وڌيڪ ڪامياب هوندا آهن. جذباتي ذهين ماڻهو پنهنجي ڇڙواڳ جذبن جي لهرن تي ناهن هلندا. هُو پنهنجي جذبن ڪي پنهنجي مرضي سان هلائيندا آهن. جذباتي ذهين ماڻهن ڪي پنهنجي ذات جو شعور هوندو آهي. جيڪڏهن

سندن جذباتي ذهانت کي اجا وڌايو وڃي ته هنن ۾ بين جي جذبن کي سمجهي ان موجب هلڻ يا نه هلڻ جو فيصلو ڪرڻ جي صلاحيت به وڌي ويندي آهي. جذباتي طور تي ذهين ماڻهو پنهنجي منهن زور جذبن کي به قابو رکڻ ڄاڻن ٿا. اُهي جذبا جن ڪارڻ گهڻا ماڻهو ڪروڌي، ڪاوڙيلي لهجي ۾ ڳالهائڻ ۽ غير لچڪدار طبيعت جا مالڪ ٿي ويندا آهن. پنهنجيءَ تي اچن ته پوءِ ڪٿي ڪجهه به ٿي سگهي توهان ڪين قائل نٿا ڪري سگهو ته "بيلي! ڪا عقل جي ڳل ڏار!"

جڏهن اسين مزاج جا ڪروڌي، فوشرباز ۽ ڏيکاءَ جا ماريل ٿي وڃون ٿا ته پوءِ اسان کان جذباتي ذهانت موڪلائي عقلي ذهانت ۾ به پنتي ڪري ڇڏي ٿي تنهن ڪري پنهنجي جذبي کي مثبت سوچ سان سنواري زندگيءَ جي بيڙيءَ کي سنگل فيملي ٿي نه جوائنٽ فيملي ٿي ايئن گذاريو شاهه سائين چواٽي:

**"توکي ڏسي نه ڏيهه، آئون نه پسان ڪي پيو!"**

پاڻ کي سجاڻي فن جي عزت ڪندي وقت جي سِر کي مستقل مزاجي سان مٿي تي رکي شان، مان ۽ وقار سان جيون گهارڻ جو نالو جذباتي ذهانت آهي!

## ذهانت جا ڏاڪا ۽ قسم

مشين ۽ انسان ۾ بنيادي فرق جذبي ۽ احساس، خيال، ادراڪ ۽ شعور جو آهي جنهن جي آڌار تي هُو تخيل جي اڏام تي اڻ ڏٺي خيال کي حقيقت جي لباس ۾ آڻي ٿو. هن وقت اسين مصنوعي ذهانت جي دور ۾ جي رهيا آهيون جتي روبوٽڪس، ميڪاٽرونڪس، آٽو ميشن سائنسي علمن مشين کي جذبا ۽ احساس رکندڙ روبوٽس ۽ سپر ڪمپيوٽرز ڪوانٽم ڪمپيوٽرز سان سلهاڙي ڇڏيو آهي پر اهي سڀ نظريا ۽ ايجادون انسان جي ذهانت جي آڌار تي آهن ته هُو ڪهڙي ذهانت تي ڌيان ڏئي اُن علم ۾ سوپاروٿئي ٿو. 1985ع ۾ رابرٽ اسٽرن برگ (Robert Sternberg)سوال اٿاريو ته ذهانت جون پراڻيون تشريحون محدود هيون ڇو ته انهن جو آڌار رڳو اهڙين ذهانتن تي هيو جيڪي آءِ ڪيو ٽيسٽ لاءِ مددگار هجن. هن ذهانت جا ٽي ذيلي قسم تجزياتي ذهانت، تخليقي ذهانت ۽ عملي ذهانت ڄاڻ يا جن تي ڌيان ڏئي سوپ ماڻي سگهجي ٿي.

ڊاڪٽر گارڊنر "اڪيچار ذهانتون" (Multiple Intelligence)جو نظريو پيش ڪندي چيو ته تاريخ جيئن جيئن اڳتي وڌندي ۽ ثقافتون ترقي ڪنديون آهن تهڙي حساب سان ذهانتون به تبديل ٿينديون آهن. سئو سال اڳ اوهانکي اعليٰ تعليم جي ضرورت پوي ها ته اوهان ۾ لساني ذهانت اهم ڪردار جوڳي هئي. ڏيڍ سئو سال اڳ امتحان يوناني، لاطيني ۽ عبراني ٻولين ۾ ٿيندا هئا. اڄوڪي دور ۾ رياضياتي ذهانت ۽ جذباتي ذهانت معاشري ۾ وڌيڪ اهم آهن ڇو ته جيڪڏهن اوهان کي ٽڪي توري ڳالهائڻ جي رياضياتي ذهانت ۽ سوچي سمجهي ڳالهائڻ جي صلاحيت ناهي. ماڻهن سان منو نٿا ڳالهايو- بهتر لاڳاپو رکڻ نٿو اچي ته اوهين معاشري ۾ ڪنهن به ڪم جا ناهيو.

هونئن ته جذباتي ذهانت يا اموشنل ڪوشنٽ EQجو اصطلاح 1960ع ڌاري استعمال ٿيڻ شروع ٿي ويو هو پر سڀ کان پهريان ماهر نفسيات پيٽر سيلووي (Peter Salovey)۽ يونيورسٽي آف نيو همپشائر جي جون ميئر (John Mayer) 1989ع ۾ پنهنجي مضمونن ۾ ان تي تفصيلي بحث ڪيو پر E.Qجو تصور سڄي دنيا ۾ متعارف ۽ رائج ڪرڻ جو ڪريڊٽ نيويارڪ ٽائمز جي اڳوڻي رپورٽر ۽ ماهر نفسيات ڊينئل گولڊمين ڏانهن وڃي ٿو جنهن اسڪولن، ڪاليجن، يونيورسٽين ۽ ڪاروباري دنيا ۾ جذباتي ذهانت تي ڪم ڪرڻ جي راهه سُجهائي- سندس چواڻي ڪنهن به ملازمت ۾ اوهان جي اعليٰ ڪارڪردگيءَ لاءِ اوهان جي ٽيڪنيڪل هنر يا ذهني قابليت جي ڀيٽ ۾ EQجي ڀيٽي اهميت آهي ته اوهين ڪيتري سماجي اخلاقي ذميواري نڀايو ٿا. احساس انساني فڪر جو بنياد آهي. جيڪڏهن اوهين ٻئي جو احساس ڪندي پاڻ ۾ گروپ ورڪنگ اسپرٽ رکو ٿا ته اوهانکي ساٿين کان جسماني ذهني ٻئي سهڪار ملندا. اڻ سهڪاري ماڻهو ڪٿي به قبول ناهي پوندو. اوهان جي PRئي دراصل اوهان جي CNICآهي. عقل جا ڪيڏا به اڪابر هجو. جي اندر ۾ "مان" آهي ته پوءِ اِها پاڻ پڏائڻ واري لت اوهان کي علم ۽ قابليت جي دنيا کان پري ڪري بيهاريندي. ڪا به ڳالهه، ڪو به ڪم ڪندي نيت سٺي هجي ته پاڻ هورتو همدرديءَ جا گونج ٽڙي پوندا ۽ قدرت به اوهان جي نيڪ من سان گڏوگڏ هوندي. تنهن ڪري اندر منجهان حرص، ڪينو ڪيڍي ذهني ذهانت IQکي جذباتي ذهانت EQسان گڏي سوپ جي واٽ تي ٻانهن ٻيلي ٿي هلو.

# سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ داخلا ٽيسٽ جي تياري جو طريقيڪار

**عبدالحفيظ لغاري**



سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ 1998ع تائين انٽر جي رزلٽ جي بنياد تي ئي داخلا ڏني ويندي هئي پر اُميدوارن جي وڌندڙ تعداد ۽ انٽر تائين امتحانن ۾ ٿيندڙ ڪاپيءَ جي ڪري داخلا لاءِ رڳو اهو معيار مقرر ڪرڻ مُمڪن نہ رهيو. سال 1999ع کان وٺي سنڌ يونيورسٽي بہ انٽري ٽيسٽ وٺڻ شروع ڪئي پر انهيءَ ٽيسٽ جو رڳو چاليهہ سيڪڙو ڪنيو ويجي ٿو. باقي پنجاهہ سيڪڙو انٽر جو رزلٽ ۽ ڏهہ سيڪڙو مئٽرڪ جو رزلٽ رکي فائنل پرسنٽ ٺاهيو ويندو آهي. مثال طور هڪ شاگرد انٽري ٽيسٽ جي100 مان 50 مارڪون ڪنيون، مطلب تہ پنجاهہ سيڪڙو مارڪون ڪنيون، مئٽرڪ ۾ ستر سيڪڙو ۽ انٽر ۾ سٺ سيڪڙو مارڪون اٿس تہ پوءِ سندس فائنل رزلٽ هيئن ٿيندو: پنجاهہ جو چاليهہ سيڪڙو ٿيو 20، مئٽرڪ جي ستر جو ڏهہ سيڪڙو ٿيو 7 ۽ انٽر جي 60 سيڪڙو جو پنجاهہ سيڪڙو ٿيو 30. ڪُل ملائي 57 سيڪڙو. (گُذريل 19 سالن کان وٺي اهو طريقيڪار آهي، جيڪو وقت سان بدلجي بہ سگهي ٿو).

اڄڪلهہ جيڪو حساب هلي ٿو پيو انهيءَ ۾ شاگرد کي رڳو داخلا لاءِ ئي گهٽ ۾ گهٽ فائنل اسڪور پنجاهہ کان تہ مٿي ڪڍڻ کپي. مطلب تہ سندس مئٽرڪ ۽ انٽر ۾ بي گريڊ آهن تہ ڪيس انٽري ٽيسٽ ۾ گهٽ ۾ گهٽ پنجاهہ سيڪڙو مارڪون تہ لازمي کڻڻيون آهن. باقي جيترو وڌيڪ اسڪور هوندو اوترو مقابلي ۾ مٿي هوندو.

اها تہ سڀني کي خبر ئي هوندي تہ ميڊيڪل يا انجنيئرنگ ۾ داخلا لاءِ ورتي ويندڙ ٽيسٽ تہ انٽر جي ڪورس مان ئي ٿئي ۽ ان جي تياريءَ جا ڪوڙ سينٽر آهن جيڪي داخلا کان ڇهہ مهينا اڳ ئي پڙيا ڏسبا آهن پر سنڌ يونيورسٽيءَ جي ٽيسٽ جي تياري ڪرائڻ لاءِ ڪي سينٽر نہ هُجڻ برابر آهن. ان جو سبب اهو آهي تہ سنڌ يونيورسٽيءَ جي انٽري ٽيسٽ ڪُجهہ الڳ ئي آهي. اها ٽيسٽ ڪنهن هڪ طرح جي شُعبي جي داخلا لاءِ نہ پر ڪافي سارن (آرٽس سائنس ۽ ٽيڪنالاجي) جي شُعبن ۾ داخلا لاءِ ٽيسٽ آهي تنهنڪري ان کي اهڙي نموني تيار ڪيو ويجي ٿو جو گُذريل ٻارنهن سالن (پهرين کان ٻارنهن درجي تائين) ۾ شاگرد جي پڙهائي کي جانچي سگهجي. تنهنڪري انهيءَ ٽيسٽ ۾ انگريزي، جنرل سائنس، جنرل ناليج، بنيادي رياضي ۽ آئي ڪيو جا سوال هُجن ٿا. ٻين جي تياري تہ ڪٽي ڪو ڪرائي بہ سهي پر آئي ڪيو ۽ جنرل ناليج اهڙا سيڪشن آهن، جيڪي ٽيسٽ جي رزلٽ ۾ معنيٰ خيز تبديلي آڻين ٿا. آئي ڪيو لاءِ دماغي تيزي ۽ ان سبجيڪٽ ۾ دلچسپي هُجڻ لازمي آهي. جنرل ناليج لاءِ اخبارون ۽ ميڊيا (خاص ڪري بي بي سي) ٻُڌندڙ شاگردن جا ڪافي امڪان هوندا آهن تہ اهي جنرل ناليج وارو سيڪشن سُٺين مارڪن سان پاس ڪن. سنڌ

يونيورسٽيءَ جي شروع کان اها روايت رهي آهي تہ اها هر سال داخلا لاءِ ورتل ٽيسٽ ۾ ٽاپ ٽين شاگردن کي انعام ڏيندي آهي. منهنجو ڳوٺائي محمد علي جنهن 2006 ۾ ٽيسٽ ڏني ۽ ٽيسٽ ۾ 73.5 سيڪڙو مارڪون کڻي سڄي سنڌ ۾ ٽاپ ڪيو. ڇهين ڪلاس کان ئي انگلش گرامر ۽ لفظن جي ذخيري وڌائڻ جو شوق هوندو هوس ۽ بي بي سي ٻڌڻ بلا ناغہ وارين عادتن مان هڪ هئس. اهوئي سبب هو جو هُن ٻين جيان سائنس ۽ رياضيءَ ۾ تہ مارڪون ڪنيون پر جنرل ناليج ۽ انگريزيءَ ۾ بہ ٻين کي مات ڏيئي ويو. هن کي داخلا بہ سنڌس فرسٽ چوائس تي فارميسي ۾ ملي ۽ انهيءَ ۾ بہ هو سنو رهيو. تنهنڪري اهو ياد رهي تہ سنڌ يونيورسٽي جي ٽيسٽ جو اڌو اڌ نتيجو اڳ 12 سالہ تعليم ۽ غير نصابي مطالعي تي ئي بيهي ٿو ۽ ڪُجھہ وقت اڳ ڪيل تياري سان ڪنهن حد تائين اسڪور ۾ بهتري آڻي سگهجي ٿي.

مٿي ڏَسيل سيڪشنز بابت هتي هر هڪ بابت ڪُجھ ٽپس ڏجن ٿيون.

**انگريزي**

هن سيڪشن جي شروعات ساڳي معنيٰ (Synonyms) ۽ ضد (Antonyms) سان ٿئي ٿي. لفظ جيترا بہ ياد ڪجن اُهي ٿورا آهن چو تہ انگريزي جي لفظن جو ذخيرو ياد ڪرڻ کان گھڻو آهي. پر ان جو هڪ طريقو اهو آهي تہ انگريزي وڌ کان وڌ پڙهجي. ان ۾ ايندڙ نوان لفظ هڪ ڪارڊ تي لکي انهن جي معنيٰ لکجي ۽ ايئن في ڪارڊ تي پنج کان ڏهہ لفظ لکي اهڙا ڪافي سارا ڪارڊ گڏ ڪجن ۽ پوءِ روزانو اهي وري وري پڙهجن. لفظ ياد رکڻ لاءِ انهن کي پاڻ جملن ۾ استعمال ڪجي تہ بهتر يا وري ياد ڪيل لفظ ٻيهر ڪنهن هنڌ پڙهجي تہ لفظ جو مفهوم پڻ صحيح سمجھہ ۾ ايندو ۽ لفظ ياد رهندو. Vocabulary کي بهتر ڪرڻ جا مناسب قيمت تي ڪتابن جي وڏين بازارن مان ڪتاب پڻ ملن ٿا جيڪي وٺي ان ۾ ڏنل مشورن تي پڻ عمل ڪجي جنهن لاءِ افضال انور مفتي سيريز ۽ جنرل انگلش جا ڪتاب (جهڙوڪر ڪئمبرج وارن جو مرفي يا آڪسفورڊ جو پريڪٽيڪل انگلش گرامر) مفيد رهندا.

**جنرل سائنس:**

هن سيڪشن ۾ هرو پرو ڪا وڏي يا ائڊوانس سائنس نہ ٿي اچي. جيڪڏهن Everyday Science جهڙا ڪتاب هڪ نظر ڏسجن ۽ ڇهين ستين اٺين ڪلاس جي سائنس کي سُٺي نموني نظر مان ڪڍجي تہ هي سيڪشن حل ڪري سگهجي ٿو. هن سيڪشن ۾ گھڻو ڪري اهڙا سوال ڪيا ويندا آهن جيڪي دنيا ليول جي معاملن سان لاڳاپيل هجن. خاص ڪري ان وقت جي هلندڙ اشوز بابت مثال طور هن وقت عالمي گرمي پد.

**جنرل ناليج:**

جيئن مٿي چيو ويو تہ هي اهڙو سيڪشن آهي جيڪو جيتري بہ محنت ڪجي پر جيڪڏهن شاگرد جي شروع کان عام معلومات ڏانهن دلچسپي نہ هوندي تہ سُٺي نموني حل نہ ڪري سگهندو. اڪثر شاگرد Who is who and what is what تي پاڙين ٿا. اهو بہ برو ناهي پر گھڻو ڪري هن سيڪشن ۾ تازه ترين معلومات جي جانچ ڪئي ويندي آهي. ايستائين جو ٽيسٽ کان ڪُجھ ڏينهن اڳ تبديل ٿيل ڪنهن وڏن عُهدن بابت پڻ پُڇيو وڃي ٿو. ان لاءِ چئني صوبن جي نمايان عهدن (گورنر، وزيرن جج وغيره) بابت پاڻ کي اپڊيٽ رکجي تہ بهتر. گھڻو ڪري ڪُجھ سوال مُلڪي سرحدن بابت پڻ پُڇيا ويندا آهن ان لاءِ سُٺو ٿيندو تہ ڇهين کان اٺين ڪلاس جي جياگرافي يا سماجي اڀياس کي پڙهي وٺجي. ان کان علاوه مُلڪن جي گادي جا هنڌ ۽ ڪرنسي جا نالا پڻ پُڇيا ويندا آهن انهن کي بہ ذهن نشين ڪجي.

**بنيادي رياضي:**

هن سيڪشن ۾ بنيادي رياضي Arithmetic هوندي آهي. جنهن ۾ عام اڻ پور، انڊر روٽ، الجبرا ۽ ڪُجھ جياميٽري جا سوال هوندا آهن. گھڻو ڪري اهي سوال پڻ ڇهين کان اٺين ڪلاس جي رياضي ليول جا هُجن ٿا پر ان جي بهتر تياري لاءِ جي آر اي جي ساڳي سيڪشن ۾ ايندڙ سوال حل ڪجن ان سان سُٺي مشق ٿي ويندي. جي آر اي جي تياري جا ڪتاب بہ ايڏا مهانگا ناهن وٺي سگهجن ٿا. هونئن بہ هر شاگرد کي جي آر اي جي ٽيسٽ لاءِ تہ انٽر کان ئي پڙهڻ ۽ سمجھڻ شروع ڪرڻ گهُرجي.

**آئي ڪيو:**

هن سيڪشن ۾ دماغ تي زور وجهندڙ سوال پُڇيا ويندا آهن جيڪي پڻ جي آر اي جي تياري لاءِ ڏنل ڪتابن ۾ ملي ويندا ۽ آئي ڪيو جي تياري لاءِ ننڍا ننڍا ڪتاب ۽ چوپڙيون پڻ ملن ٿيون. هن سيڪشن ۾ سوال بہ گھٽ هوندا آهن ۽ تياري بہ سؤلي آهي. ڪُجھ سوال ڪُجھ اهڙي انداز ۾ ڪيا وڃن ٿا جيڪي مڪمل توجه سان ڪرڻ گهُرجن. مثال طور 2000ع ۾ هن سيڪشن جو هي سوال هو: اوهان جي گھڙي 6 منٽ پوئتي آهي. ٽرين جو وقت 11.30 آهي پر 5 منٽ ليٽ آئي آهي



اوهان ٽرين ۾ چڙهيا ته ڪيترو وقت هوندو اوهان جي گهڙي ۾؟

داخلا فارم ڀرڻ وقت به اهو احتياط ڪجي ته پنهنجي پسند جا ڏهه (وڌ کان وڌ مقرر حد) ڊپارٽمينٽس لکڻ جي ترتيب ڪيئن رکجي. جو ته انهيءَ ترتيب جي به اهميت آهي. مثال طور ٻه شاگرد هڪ جيترو اسڪور کڻن ٿا اچن ۽ ٻئي چاهين ٿا ته کين ڪمپيوٽر سائنس ۾ داخلا ملي پر هڪڙي انهيءَ ترتيب لکڻ مهل اهو ڊپارٽمينٽ پهرين نمبر تي لکيو ۽ ٻئي وري ٻيو يا ٽيون نمبر لکيو ته اهڙي صورتحال ۾ اهو ڊپارٽمينٽ پهرين چوائس طور ڪمپيوٽر سائنس لکڻ واري کي ملندو.

هتي اهو لکڻ ضروري ٿيندو ۽ پڙهندڙ ضرور پاڻ به ياد رکن ۽ ٿي سگهي ته وڌ کان وڌ انٽر جي هن وقت جي شاگردن کي اهو سمجهائين (جيڪي في الحال ته ميڊيڪل يا انجنيئرنگ جي داخلا ٽيسٽ ۾ مصروف هوندا) ته يونيورسٽي جڏهن داخلا جو اعلان ڪري ته وقت سر فارم وٺي وڃي. هڪ ته آخر ۾ رش ٿيڻ سبب فارم ملڻ ۾ به ڏکيائي ٿئي ٿي ۽ جمع ڪرائڻ مهل به ساڳيو خفو. ٻيو وڏو نقصان اهو ته فارم سان گڏ مليل ڪئٽلاگ وارو ڪتابچو پڙهڻ جو وقت نٿو ملي. جڏهن ته اهو شاگردن لاءِ ضروري آهي ته ڪئٽلاگ کي سُٺي نموني پڙهي وٺن. سنڌ يونيورسٽي ته هر سال داخلا جي اخبار واري اشتهار ۾ اهو واضح ڪري لکي ٿي ته ”مهرباني ڪري ڪئٽلاگ کي چڱي طرح پڙهو.“ پر اسان وٽ اڪثر شاگرد ڪئٽلاگ پڙهڻ کي وقت جو زيان سمجهي ڏاڍو اڳ جي پاس آئوٽ ڪيل شاگرد کان صلاحون پيا پُڇندا آهن ۽ انهي وچ ۾ يونيورسٽيءَ پاران ڪا پاليسي تبديل ڪئي وئي هُجي ۽ سينيئرز ان بابت نه ٻُڌايو ته شاگرد جو نقصان يقيني آهي.

سنڌ يونيورسٽيءَ جي الحاق ۾ هلندڙ بدين، ميرپورخاص، ٺٽو ۽ دادو ڪئمپس ته اجا نوان آهن. انهن ۾ به مخصوص ڪوٽا لاءِ داخلا انٽري ٽيسٽ جي بنياد تي ئي ٿئي ٿي. هاڻي سنڌ يونيورسٽي اها پاليسي به اختيار ڪئي آهي ته جتي جتي نوان ڪئمپس کوليا اٿن ۽ جيڪي ڊپارٽمينٽس باقاعده هلي رهيا آهن، انهن ضلعن جي شاگردن کي لاڳاپيل ڊپارٽمينٽس ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جي مين ڪئمپس (ڄامشورو) ۾ داخلا نه ملندي يا وري سيٽس گهٽايون اٿن. ان ڪري به ڪئٽلاگ کي چڱي ريت پڙهجي ته خبر پئي ته ڪهڙي ضلعي جون ڪيتريون سيٽون ڪيئن ورهايل آهن.

انٽر جي شاگردن کي اهو ذهن ۾ رکڻ کپي ته سنڌ ۾ هزارين شاگرد هر سال انٽر پاس ڪن ٿا ۽ ميڊيڪل ۽ انجنيئرنگ ۾ سيٽن جو تعداد ايترو ناهي جو سڀني کي داخلا ملي وڃي. ڪافي شاگرد جيڪي ميڊيڪل ۽ انجنيئرنگ ۾ داخلا نه ٿا وٺي سگهن کين گريجوئيشن لاءِ جنرل اسٽڊيز جي ڊپارٽمينٽس ۾ پڙهڻو پئجي سگهي ٿو. بهتر آهي ته اهي اڳواٽ ئي اهو فڪر ڪن ۽ انهيءَ ۾ داخلا وٺڻ لاءِ گهُربل اهليت جي تياري وٺن. اجاين شين ۾ وقت وڃائڻ بدران معلوماتي ڪتاب پڙهڻ تي زور ڏين. بي بي سي ٻُڌن. دنيا ۾ ٿيندڙ واقعن جي خبر رکن پر ايترو به نه جو پنهنجي سبجيڪٽ کي ڇڏي ڏين ۽ ايئن به نه جو سبجيڪٽ تي عُبور هُجي پر عام معلومات ڪمزور هُجي مُلڪ جي شهرن جا نالا به ياد نه هُجن. جاگرافيائي حدن جي خبر نه هُجي. وغيره وغيره.

# اونهاري جي موڪلن ۾ والدين جون ذميواريون

**يونس ملڪاڻي**

سنڌ سميت پوري دنيا جي اسڪولن ۾ پڙهندڙ ٻار سمورو سال اونهاري جي موڪلن جو انتظار ڪندا آهن اسڪولن جي سخت شيڊيول ۽ مسلسل ڏهه مهينا پڙهائي ڪرڻ ڪانپوءِ ٻارن جو جڻ ته اهو حق بڻجي ويندو آهي ته ڪين ڪجهه وقت لاءِ پڙهائي ۽ اسڪول جي زندگي ڪان نجات ملي سگهي ته جيئن هو ايندڙ تعليمي سال جي لاءِ ٻيهر پنهنجو پاڻ کي تيار ڪري سگهن، اڪثر ٻار سمجهن ٿا ته اونهاري جون موڪلون صرف انهن جي آرام ۽ ڪتابن توڙي پڙهائي کان پري رهڻ لاءِ هونديون آهن جڏهن ته والدين جي اڪثريت پڻ اسڪول ٽائيم کان پوءِ توڙي اونهاري جي موڪلن ۾ ٻارن جي تعليم کي بلڪل نظرانداز ڪري ڇڏيندي آهي جنهن جي نتيجي ۾ اونهاري جي موڪلن جي ختم ٿيندي ئي اسڪولن مان نوٽيس اچڻ شروع ٿي ويندا آهن ته اوهان جو ٻار اڳوڻي ساڳئي پروگريس نه پيو ڏيکاري سو سندس پڙهائي تي توجه ڏيو!! اڪثر استادن کي پڻ اها شڪايت هوندي آهي ته اونهاري جي موڪلن جي ختم ٿيڻ کان پوءِ جيڪا ٽيسٽ ورتي ويندي آهي ان ٽيسٽ ۾ ٻار تمام ٿورا نمبر کڻي سگهن ٿا ۽ اهڙي نتيجي تي استاد پڻ مايوس ٿي ويندا آهن ته اونهاري جي موڪلن کان اڳ ڪيل سندن محنت ضايع ٿي وئي آهي ۽ هاڻي ڪين ٻيهر ساڳيا مضمون پڙهائڻا پوندا. اونهاري جي موڪلن جي مخالفن جي وڏي انگ وٽ پڻ صرف اهوئي دليل هوندو آهي ته موڪلن دوران ٻار تعليم کان پري رهن ٿا جنهن جي ڪري انهن جي پڙهائي بُري طرح سان متاثر ٿيندي آهي ان لاءِ اونهاري جي موڪلن جو سلسلو بند ڪرڻ گهرجي ۽ اسڪولن کي ٻارنهن ئي مهينا لاڳيتو جاري رهڻ گهرجي! جڏهن ته سندن اهو نظريو بلڪل غلط ۽ غير سائنسي آهي هڪ ته اسڪولن ۾ اٽيپورين سهولتن، بجلي جي اٿهوند ۽ ٻين اهڙن مسئلن جي هوندي جون ۽ جولاءِ جهڙن گرم مهينن ۾ ٻارن کي اسڪولن ۾ ويهارڻ پنهنجي هٿن سان پنهنجي ٻارن کي مارڻ برابر هوندو آهي ٻي پاسي مسلسل پڙهائي جي دٻاءَ ۾ رهندڙ ٻارن کي ڪجهه وقت لاءِ انهي دٻاءَ مان ڪيڻ سان سندن ذهني صلاحيتون وڌيڪ نروار ٿين ٿيون. موڪلن ۾ ٻار اسڪول جي سخت روٽين ۽ پڙهائي جي دٻاءَ مان نڪري ماحول جو مشاهدو ڪرڻ سڪندو آهي ۽ نوان سماجي



رشتا تلاش ڪري پنهنجي زندگي کي سماج جي رستي تي هلائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي ٻي پاسي جڏهن ٻار کي ڪوبہ دٻاءُ يا پريشاني ناهي هوندي تہ هو آزادي سان سوچڻ لڳندو آهي جنهن سان ٻار ۾ تخليقي صلاحيتون پيدا ٿين ٿيون جيڪي هن کي اڳتي وڌڻ ۾ مدد ڏين ٿيون.

توڙي جو ٻارن کي پڙهائي ۾ مسلسل هڪجهڙائي جي دٻاءَ مان ڪڍڻ لاءِ ڪين اونهاري جي موڪلن جي صورت ۾ ڪجهہ هفتا آرام ڏيڻ جي گهرج هوندي آهي پر ان سان گڏ استادن جي شڪايتن تي پڻ سنجيدگي سان ڌيان ڏيڻ جي گهرج آهي ڇوتہ ٻارن جو مستقبل استادن جي مشورن ۾ ڪوشش سان لاڳاپيل هوندو آهي جڏهن والدين کي استاد موڪلن ۾ ٻارن جي تعليم ۾ پيدا ٿيندڙ رنڊڪن ۾ ٿيندڙ نقصان بابت آگاهي ڏيندو آهي يا خبردار ڪندو آهي تہ والدين جي پڻ اها ذميواري ٿئي ٿي تہ هو استاد جي شڪايت تي توجہ ڏيندي اهڙيون ڪوششون وٺن جنهن سان موڪلن دوران ٻار جي تعليم ۾ ٿيندڙ نقصان کي روڪي يا گهٽ ڪري سگهجي. پر اسان وٽ ان جي بلڪل ابتڙ ٿيندو آهي اڪثر والدين پنهنجي ٻارن جي تعليم کي موڪلن ۾ بلڪل وساري ڇڏيندا آهن ايستائين جو موڪلن جي ٻن مهينن ۾ پنهنجي ٻارن کي پنهنجي دڪان يا ڪاروباري جڳهہ تہ ويهاري انهن کان مختلف ڪم وٺڻ شروع ڪن ٿا جڏهن تہ ننڍين شهرن ۾ تہ والدين مرڳو ٻارن کي مختلف هوٽلن، گيراجن، درزين يا ٻين جاين تي ٻن مهينن لاءِ ملازم جي حيثيت ۾ ڇڏي ايندا آهن جيئن انهن جو ٻار موڪلن ۾ رولو ۽ ناڪاره نہ بڻجي وڃي. ڳوٺن ۾ تہ صورتحال ان کان بہ بدتر هوندي آهي موڪلن دوران ٻارن کان سڄو ڏينهن ٻني جو ڪم ۽ مال چارڻ جو ڪم ورتو ويندو آهي جنهن سان صحيح معني ۾ ٻار انهن ٻن مهينن ۾ اسڪول ۽ پڙهائي کان بلڪل پري ٿي ويندو آهي. اهڙي صورتحال ۾ واقعي اونهاري جي موڪلن جو اصل مقصد ختم ٿي ويندو آهي ۽ ٻار جي تعليمي سفر ۾ وڏو نقصان ٿي ويندو آهي والدين کي اهڙي صورتحال پيدا نہ ڪرڻ گهرجي جنهن سان ٻار جي پڙهائي ۾ رڪاوٽ پيدا ٿئي. ٻارن جي پڙهائي جي معاملن ۾ دلچسپي وٺندڙ والدين کي اونهاري جي موڪلن ۾ پڻ ٻارن جي لاءِ اهڙيون سرگرميون ترتيب ڏيڻ گهرجن جن سان نہ فقط ٻار جي پڙهائي جو نقصان گهٽ ٿي سگهي پر ٻار کي موڪلن هجڻ جو احساس پڻ رهي. هڪڙا والدين اونهاري جي موڪلن ۾ ٻارن تان توجہ بلڪل گهٽائي ڇڏيندا آهن جڏهن تہ ٻيا والدين وري ايتري تہ سختي ڪندا آهن جو ٻار ويچاري کي اسڪول کان بہ وڌيڪ سختي واري صورتحال کي منهن ڏيڻو پوندو آهي والدين جا اهي ٻئي رويا غيرضروري توڙي خطرناڪ آهن جن کان پاسو ڪرڻ گهرجي.

اونهاري جون موڪلون ٻارن کي ڏهہ مهينا مسلسل رهندڙ پڙهائي جي دٻاءَ مان ڪڍڻ سان گڏ ٻارن ۾ نيون تخليقي صلاحيتون پيدا ڪري انهن کي ايندڙ تعليمي سال لاءِ تيار ڪرڻ لاءِ هونديون آهن ماهرن جو چوڻ آهي تہ اونهاري جي موڪلن ۾ ملڻ واري آرام ۽ ذهني سڪون سان ٻارن جو دماغ مضبوط ٿي ويندو آهي ۽ ٻار اسڪول جي ڏينهن کان وڌيڪ ۽ بهتر ڪارڪردگي ڏيکارڻ شروع ڪندو آهي ماهرن موجب موڪلن دوران ٻارن ۾ اضافي صلاحيتون پيدا ٿينديون آهن جن کي ٿوري هوشياري سان ۽ منصوبہ بندي سان ٻار جي آئيندي لاءِ استعمال ڪري سگهجي ٿو. موڪلن جي ڏينهن ۾ ٻار اهڙا ڪم پڻ وڏي خوشي سان ڪندو آهي جن کي نہ ڪرڻ تان ڪيس اسڪول طرفان سزائون ملي چڪيون هونديون آهن جيئن عام طور تي ٻار ڪتابن کان گهڻو ڀڄندڙ هوندا آهن ۽ ڪين ڪتاب کڻي ان مان سبق ياد ڪرڻ ۽ اهو ياد ڪيل سبق اسڪول ۾ ٻڌائڻ جو مرحلو انتهائي ڏکيو لڳندو آهي پر موڪلن ۾ اهو ساڳيو ٻار آکاڻين توڙي ٻين موضوعن تي ڪتاب کڻي خوشي سان پڙهڻ لڳندو آهي ۽ انهن جي ڪردارن کي ياد رکڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. اسڪول ۾ رياضي جهڙي خشڪ موضوع کان ڀڄندڙ ٻار موڪلن ۾ راندين دوران پنهنجو توڙي مخالف رانديگرن جو اسڪور باقاعدگي سان ياد ڪندا آهن ۽ راندين دوران اسڪور کي ياد ڪندي سمورو ٽائيم ڪٽ جوڙ جي حسابن جي مشق ڪندا رهن ٿا جنهن جو اثر انهن جي اسڪول جي ڪارڪردگي ۾ نظر ۾ ايندو آهي. يورپ ۾ ٻارن جي ذهني معيار جانچڻ لاءِ ڪيل هڪ تحقيق جي نتيجي موجب ٻار پنهنجي خوشي سان جنهن ڪم جو سئو سيڪڙو نتيجو ڏي ٿو انهي ساڳئي ڪم جي دٻاءُ هيٺ اڇي اڌ نتيجا نٿو ڏيئي سگهي. والدين کي ان ڳالهہ جو خاص خيال رکڻ گهرجي تہ سندن ٻارن ڏهہ مهينا مسلسل پڙهائي ڪري پنهنجي حصي جو ڪم ڪري ورتو آهي ۽ هاڻي ڪين ٻن مهينن لاءِ سندن مرضي موجب ڇڏڻ گهرجي. ٻار کي جڏهن اهو احساس ٿيندو آهي تہ هاڻي مٿس ڪا بہ سختي

ناهي تہ سنڌس ذهن باقاعده تحرڪ ۾ اچي ويندو آهي ان موقعي جو والدين کي مڪمل فائدو وٺڻ گهرجي ۽ ٻار کي محسوس ڪرائڻ بنا اهڙيون سرگرميون ترتيب ڏيڻ گهرجن جن سان ٻار اڻ سڌي طرح سان تعليم سان جڙيل رهي ۽ ڪيس ان جو احساس گهٽ کان گهٽ ٿي سگهي. جيئن جيڪر والدين چاهين ٿا تہ سندن ٻار روزانو ڪجهه وقت لازمي ڪتابن جو مطالعو ڪري يا پنهنجو هوم ورڪ ڪري تہ ڪين ٻار سان گڏ ڪجهه وقت گذارڻ گهرجي ۽ انهن جي ڪتابن ۾ دلچسپي وٺڻ گهرجي ماءُ يا پيءُ هجڻ جي ناتي اوهان تي فرض آهي تہ اوهان کي معلوم هجي تہ اوهان جو ٻار اسڪول ۾ ڪهڙن موضوعن کي پڙهندو آهي جيڪر اوهان ڪجهه وقت ڪڍي ٻارن سان انهن جي روزانو جي سبقن تي بحث ڪندا تہ نہ صرف ٻار کي بهتر محسوس ٿيندو پر سندس سبق پڻ دهرائڻ جي نتيجي ۾ ڪيس ياد ٿي ويندو. موڪلن ۾ جيڪر والدين روزانو ڪجهه دير لاءِ ٻار سان گڏ ڪتابن کي وقت ڏيندا تہ ٻار نہ صرف خوشي سان پنهنجو سبق ياد ۽ هوم ورڪ ڪندو پر ڪيس اهو پڻ خوشگوار احساس رهندو تہ سندس امڙ يا بابا هُن سان گڏجي پڙهائي ڪن ٿا. ٻارن لاءِ سڀ کان بيڪار تصور ان مهل پيدا ٿيندو آهي جڏهن گهر ۾ ٽي وي تي سندس پسنديده پروگرام اچڻ لڳندو آهي ۽ سمورا گهرڀاتي اهو پروگرام ڏسڻ ويهندا آهن ۽ ٻار کي سندس هوم ورڪ ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويندو آهي اهڙي صورتحال ۾ ٻار جي پڙهائي ۾ هڪ سيڪڙو بہ دل ناهي لڳندي، گهرڀاتين کي پڻ اهڙي صورتحال پيدا ڪرڻ کان پاسو ڪرڻ گهرجي ۽ هوم ورڪ ڪرڻ مهل ٻار سان گڏ ويهي ان جي همٿ افزائي ڪرڻ گهرجي. جيڪي والدين دوستاڻي ۽ شفيق رويي سان ٻارن سان موڪلن واري وقت ۾ ان جي پڙهائي ۾ هٿ ونڊائين ٿا اهڙن والدين جي ٻارن ۾ خوداعتمادي ۽ خوشگوار تاثر جا احساس پيدا ٿيندا آهن ۽ اُهي ٻار موڪلن دوران پنهنجي پڙهائي ۾ ذرو بہ نقصان ٿيڻ ناهن ڏيندا. اهڙي طرح حسابن ۾ ڪمزور ٻارن سان موڪلن ۾ لوڊو يا ٻيون اهڙيون رانديون ڪري انهن جي حسابن جي بنيادي مهارت ۾ اضافو ڪري سگهجي ٿو. موڪلن دوران گهر ۾ ڪو ٻوٽو پوکي ٻار سان ان جي وڌڻ ۽ اُسرڻ بابت مختلف موضوعن سان ڳالهائڻ گهرجي. ٻار کي موڪلن ۾ ڪنهن تاريخي توڙي تفريحي جڳهہ تي ضرور وٺي وڃجي جيئن ٻار جو مشاهدو مضبوط ٿي سگهي. جيڪر ٻار کي دڪان يا پنهنجي ڪاروباري جڳهہ تي ويهارڻ انتهائي ضروري آهي تہ اتي پڻ اوهان جو ٻار پنهنجو هوم ورڪ يا ٻيون تعليمي سرگرميون ڪري سگهي ٿو پر ان لاءِ پڻ درست ۽ اثرائتي منصوبہ بندي والدين کي ڪرڻ گهرجي.



اسان وٽ موڪلن ۾ استاد ٻارن کي تمام گهڻو روايتي هوم ورڪ ڏيندا آهن جنهن جو ٻار جي تعليمي سفر ۾ ڪو فائدو ناهي ٿيندو اهڙن استادن کي پڻ گهرجي تہ ٻار جي ذهني سطح کي نظر ۾ رکي ان کي اهڙو هوم ورڪ ڏجي جنهن سان ان جي ذهني ۽ تخليقي صلاحيتن ۾ اضافو ٿئي. جڏهن تہ والدين جي پڻ اها ذميواري آهي تہ هو پنهنجي اونهاري جي موڪلن کان اڳ ۽ موڪلن دوران پنهنجي ٻار جي استاد سان مڪمل رابطي ۾ رهن ۽ ٻار جي سرگرمين بابت استاد کي آگاهہ ڪندي ان جي مشورن تي عمل ڪن. والدين کي اهو سمجهڻ گهرجي تہ سندن ٻار جي تعليمي پنڌ ۾ صرف ٻار ۽ استاد سفر ناهن ڪندا پر ٻارن جا والدين پڻ ان ٽئي گس جا پانڌيئڙا هوندا آهن ۽ انهن تي سيني کان وڌيڪ ذميواري عائد ٿئي ٿي. جيڪر والدين اونهاري جي موڪلن ۾ پنهنجي ذميوارين کي ادا ڪن تہ انهن جي ٻارن جو موڪلن ۾ پڙهائي جو ڪوبہ نقصان نہ ٿيندو بلڪ انهن جي تخليقي ۽ ذهني صلاحيتن ۾ اضافي سان گڏ انهن ۾ اعتماد جي بحالي پيدا ٿيندي جنهن جو انهن جي آئيندي تہ تمام بهتر اثر ٿيندو.

# اونهاري جون موڪلون ۽ ٻارن جي صحت

حبدار علي



اسان وٽ اونهاري جي مند ۾ اسڪول ۾ ٻارن جي موڪل ٿي ناهي، گهر جو سڄو نظام درهم برهم ٿيو ناهي. مئي، جون جي مهينن کي اسان وٽ ٻارن جي موج مستيءَ جا مهينا چيو ويندو آهي، جيڪي صبح سويري ٿيلهو سنڀالي اسڪول وڃڻ کان آجا هوندا آهن. ڪجهه ٻار پيءُ ماءُ جي نگرانيءَ ۾ اهڙيون مشغوليون ڳولي لهندا آهن، جنهن سان ماحول جو به ڀلو ٿئي جيئن ٻوٽا پوکڻ يا گارڊننگ ڪرڻ، ٻارن لاءِ پنهنجي شخصيت ۾ نکار پيدا ڪرڻ لاءِ هيءُ ڀرپور موقعو اهي. والدين کي گهرجي ته هو زندگيءَ جي وهنوار کي اهڙي ريت تبديل ڪن جنهن سان ٻارن کي به فائدو پهچي. والدين صبح نماز ڪانپوءِ ٻارن کي واڪ ڪرڻ لاءِ پاڻ سان گڏ وٺي وڃن ۽ پنهنجي نگرانيءَ ۾ هلڪي ڦلڪي ورزش ڪرائين. سندن ڊائيٽ شيڊول بهتر ڪن، سندن خوراڪ ۾ کير ۽ ان مان ٺهيل ڊيري پروڊڪٽس جهڙوڪ ڏهي ۽ پنير شامل ڪيو. جيڪڏهن ڪو ٻار کير نٿو پيئي ته مِلڪ شيڪ ناهي ڏيو. سلاد جي شڪل ۾ ڪچيون ڀاڄيون انهن جي خوراڪ ۾ شامل ڪيو. شام جو سمهڻ اڳ ته ڪين فٽ فاٽ ۽ تازو توانو ٿيڻ لاءِ وڏيڪ کير واري چانهه ڏيو ۽ رات جو کاڌي کان ڪلاڪ اڳ ميوا ڏيو چو ته جوس جي جاءِ تي ميوا کاڌا وڃن. جهڙوڪ صوف، ڪيلو، بادام، نارنگي، ڪشمش وغيره ته اها بهترين فروٽ ڊائيٽ هوندي، کائڻ لاءِ کين برگر، پيزا يا ٻيو جنڪ فوڊ گهٽ کان گهٽ ڏيو. خوراڪ سادي ۽ هاضمي واري هئڻ گهرجي، ان ريت ٻار جو وزن نه وڌندو، نه رڳو ٻار چست رهندو پر سندس دماغ به تيز ڪم ڪندو. سمهڻ، جاڳڻ، پڙهڻ ۽ کائڻ ۾ اعتدال آڻيو. جيڪڏهن عمر جي هن حصي ۾ ٻارن جو شيڊول بهتر هوندو ته هُو سڄي ڄمار ان تي هلندي صحتمند زندگي گذاري سگهن ٿا. ان کان سواءِ ٻارن ۾ جيڪا چڙ وڌي رهي آهي ان کان به محفوظ رهي سگهجي ٿو.

اڪثر ٻارن کي بازار جو کاڌو وڏيڪ وڻندو آهي پر ٻاهران کائڻ ٻار جو معمول نه هئڻ گهرجي. ٻار کي کاڌي جي مقدار اوتري ئي ڏيو جنهن جي کيس ضرورت آهي يا جيتري هو سولائيءَ سان کائي سگهي ٿو چو ته ڪجهه والدين ٻارن کي زبردستي کارائيندا آهن جنهن سان ٻار جو وزن ته وڌي ويندو آهي پر اهو ضروري ناهي ته هو صحتمند به سڏيووڃي.

ٻار جو وزن ۽ قد چيڪ ڪندا رهو. عمر، وزن ۽ قد ۾ جيڪي ماپا معيار آهن ان موجب ٻارن جي قد ڪاٺ جو جائزو وٺندا رهو. جيڪڏهن ان معيار ۾ عير معمولي فرق نظر



اڃي ته ڊاڪٽر سان صلاح ڪيو. ٻار کي غير ضروري وٽامنز نه کارايو پر هن کي خوراڪ منجهان وٽامنز پورا ڪرڻ ڏيو. اوهين ٻار کي هڪ ٽائيم ٽيبل موجب کائڻ، پڙهڻ، کيڏڻ ۽ دل پسند مشغلن ۾ حصو وٺڻ جو ڀرپور موقعو ڏيندا ته ٻار جي زندگيءَ ۾ ڊسيپلين اچي ويندو. هن جو ذهن طاقتور ٿيندو ۽ جسماني واڌ ويجهه ٿيندي. موڪلن جو صحيح استعمال اوهان جي ٻار جي قسمت سنواري سگهي ٿو پر جيڪڏهن موڪلن ۾ ٻار کي نظرانداز ڪري رڳو موڪلون گذارڻ ۾ ڇڏيو ويجي ته اهڙو وقت ضايع ٿي ويندو جيڪو ڀيهر نه ايندو. اونهاري ۾ دستياب ڀاڄيون پنهنجي ريفريجريٽر ۾ ذخيرو ڪيو ۽ پابنديءَ سان ٻارن کي کارائيندا رهو.

**اناج**

اناج ۾ فائبر وافر مقدار ۾ هوندو آهي جيڪو اوهان جي هاضمي جي نظام کي درست ڪرڻ سان گڏ قبض کي ختم ڪري ٿو. اناج مان مراد اُها خوراڪ آهي جيڪا سالم داڻن يا پيئنل اٽي جي صورت ۾ ڪتب آندي ويندي آهي. مثال طور ڪڻڪ، مڪئي، جوار، ٻاجهري، چانور ۽ داليون وغيره.

چانور ۾ ڪيلشيئم ۽ فاسفورس کان سواءِ ڪاربوهائيڊريٽ به ڪافي مقدار ۾ هوندو آهي. ڪيلشيئم ۽ فاسفورس هڏين ۽ ڏندن جي واڌ ويجهه لاءِ ضروري آهن. ٻار پت سان کير خوش ٿي کائيندا ۽ پيئندا آهن. ان کان سواءِ دال چانور به هر هڪ جي مرغوب غذا آهي. چانور مان پلاءُ ۽ زردو به ٺاهيو ويندو آهي جيڪو غذائيت سان ڀرپور هوندو آهي. ڪڻڪ، مڪئي، جوار ۽ ٻاجهري وغيره ۾ آئرن، ڪيلشيئم، پروٽين، ڪاربوهائيڊريٽ ۽ وٽامن B وافر مقدار ۾ هوندو آهي.

**داليون**

دالين ۾ پروٽين وڏي مقدار ۾ هوندو آهي. داليون جسم کي حرارت مهيا ڪري قوت بخشينديون آهن. نشاستي ۽ سٽيپ جي کوٽ سان انساني جسم ۾ ڪم جي صلاحيت گهٽجڻ سان گڏ وزن به گهٽ ٿيندو آهي. جيڪڏهن دالين کي چانورن ۽ ٻاجهر سان گڏ ٺاهيو وڃي ته هن جي غذائيت گوشت جي برابر ٿي ويندي آهي. دالين کي هضم ڪرڻ لاءِ هڪ ڪلاڪ ڀڄائي رکڻ ضروري آهي.

**ڀاڄيون**

لڳ ڀڳ هر گهر ۾ روزاني ڀاڄيون کاڌيون وينديون آهن. اهي اسان جي جسماني نشونما لاءِ نهايت ضروري آهن. ڀاڄين ۾ وٽامن سي ۽ معدني لوڻ وڏي مقدار ۾ هوندو آهي، جيڪو اسان جي هاضمي لاءِ به لاڀائتو ۽ ضروري آهي.

ڀاڄيون مختلف طريقن سان پچائي سگهجن ٿيون. مثال طور خشڪ، ڀُڄي، گوشت يا قيمي سان ملائي، اوباري يا مڪس سبزيءَ جي ڀاڄي ٺاهڻ وغيره. ڀاڄين کي قيمي ۽ گوشت ۾ وجهي پچائڻ سان ان جي غذائيت ۾ وڌيڪ اضافو ٿي ويندو آهي جو ته ان ۾ گوشت جي غذائيت به شامل ٿي ويندي آهي. جنهن کي کائڻ سان ٻارن جي صحت بهتر رهندي.

**ڀاڄيون پچائڻ جا بنيادي اصول**

ٻارن کي ڀرپور ڊائيٽ مهيا ڪرڻ لاءِ پنهنجي ڊش مينوئل ۾ مختلف طريقن سان ڀاڄين کي شامل ڪري سگهو ٿا. ڀاڄيون پچائڻ وقت هن ڏنل اصولن تي عمل ڪيو وڃي ته جيئن انهن ۾ موجود غذائي جزا ضايع نه ٿين. اهڙو ڊائيٽ پلان ئي اوهان جي ٻار کي حرارت ۽ توانائي ڏئي ڪم ڪار تي اُڀاري سنواري سگهي ٿو.

1. ڀاڄيون هميشه تازيون استعمال




ڪرڻ گھرجن.

2. ڀاڄين کي استعمال ڪرڻ کان اڳ چڱيءَ ريت ڌوئي صاف ڪيو

3. ڀاڄين جي کل نهايت باريڪ لاهيو ڇو ته ٿلهي کل لاهڻ سان ان جي غذائيت ضايع ٿي ويندي آهي.

4. ڀاڄين جي ناقص ۽ سڙيل حصي کي ڪٽي ڌار ڪيو ۽ مناسب سائز جي ٽڪرن ۾ ڪٽيو.

5. ڀاڄيون چلهي وڌيڪ دير پاڻيءَ ۾ نه پسايو. اهڙي ريت وٽامن ۽ معدني لوڻ پاڻيءَ ۾ حل ٿي ضايع ٿي ويندا آهن.

6. ڀاڄين کي پچائڻ کان ڪجھ دير پهريان چلهيو يا ڪٽيو ته جيئن وٽامن اي ۽ وٽامن سي ضايع نه ٿين.

7. ساون پنن يا تيز خوشبوءِ واري ڀاڄي پچائيندي ٿوري وقت لاءِ ڍڪڻ کليو رکو ۽ ان ڪانپوءِ ڍڪي ڇڏيو. ٻيون ڀاڄيون پچائيندي ديڳڙيءَ کي مستقل ڍڪي رکو ته جيئن هوا جي آميزش سان وٽامن سي ضايع نه ٿئي جڏهن ته ڀاڄين جي رنگت ۽ خوشبو به برقرار رهي.

8. ڀاڄيون پچائڻ لاءِ پاڻي استعمال نه ڪيو پر ڀاڄين کي پنهنجي پاڻيءَ ۾ ئي پچڻ ڏيو ڇو ته ڀاڄين کي گھڻي دير پاڻيءَ ۾ پچائڻ سان لوڻيات ۽ وٽامن ضايع ٿي ويندا آهن.

__ٻارن لاءِ تفريح ۽ رانديون__

هر هڪ ٻار ڪنهن نه ڪنهن راند جو نندي لاڪون ڪوڙيو هوندو آهي. ٻارن جي وندر ورونهن ۾ جتي محلي جي ٻارن سان ڏيتي ڏکر، چدي راند، پکڙم پڪڙائي، گڏي گڏيءَ جي وهانءَ جي راند، ڪرڪيٽ، والي بال، ڊوڙ جهڙيون ڪندا رهندا آهن اُتي پڙهيل لکيل والدين جو به فرض بيهي ٿو ته هو ڊائيٽ پلان سان گڏ ٻارن کي اهڙين راندين ۾ مصروف رکن جن سان سندن تعليمي قابليت به وڌي ۽ گڏوگڏ هُو نيشنل انٽرنيشنل گيمز ۾ به اڳتي وڌي سگھن. جيئن لفظن سان محبت لاءِ والدين ٻارن کي گروپ جي شڪل ۾ وبهاري اسپيلنگ گيم کيڏي سگھن ٿا. ڪين ڪراس ورڊ ۽ اسڪريبل گيم جي وندر ۾ لڳائي تعليمي ميدان ۾ اڳيرو ڪري سگھن ٿا. ان ڏس ۾ ابي امڙ کان وڌيڪ ٻار لاءِ استاد ۽ نگران ناهي هوندو جن کي پنهنجن ٻارن جي مزاج جي خبر هوندي آهي. ڪين ٻار جي فطرت کي ڏسي راند جي چونڊ ڪجي. ڏسجي ته اوهان جو ٻار ڪهڙي راند پسند ڪري ٿو. ٿي سگھي ته ڪيس ننڍي جمار ۾ ئي اسپورٽس ڪلب جي هير ۽ اُڪير وجھو ٻارن کي انڊور گيمز لاءِ بيڊمنٽن، شطرنج، ٽيبل ٽينس، اسموڪر، ڪيرم بورڊ ۽ اهڙين ويڊيو گيمز تي لڳائي سگھو ٿا جن کي کيڏڻ سان سندن تخليقي صلاحيتون وڌن.

تعليم يافته والدين جا ٻار ان لحاظ کان ڀاڳوند هوندا آهن ته سندن واڌ ويجھ جي شروعاتي 10 سالن ۾ ڪين ابي امڙ پاران جيڪو ڏيان ملندو آهي تنهن جا اثر سڄي جمار رهن ٿا. جهڙيءَ ريت ڊائيٽ شيڊيول اهم آهي. اهڙيءَ ريت گيم شيڊيول به ضروري آهي. ڇو ته ذهني صحت لاءِ علم ۽ جسماني صحت لاءِ راند ۽ ڪم ڪار هِل جُل انتهائي ضروري آهي. جنهن جو لاڀ والدين نه رڳو فرمان بردار اولاد جي صورت ۾ حاصل ڪندا آهن پر ٻار به پنهنجو والدين ۽ ملڪ جو مان مٿانهون ڪندو آهي.

# ٿر ٿر اندر ٿاڪ

## تنقيدي مطالعو

(پهريون حصو)

**لعل بخش "ادل" سولنگي**

"ٿر ٿر اندر ٿاڪ" سوانحي خاڪن جو هڪ بهترين ڪتاب آهي، جيڪو پارو مل امراڻي سوٿهڙ جي قلم ذريعي سرجيل آهي. ٿرجي اتهاسڪ شخصيتن بابت لکيل هي ڪتاب پڙهڻ کان پوءِ جاڻ ملي ٿي ته:

پارو امراڻي، جن مٽيادار ماڻهن بابت هيءَ ڪتاب لکيو آهي، انهن مان ڪي اهڙيون شخصيتون به آهن جيڪي ڪن سببن جي ڪري ڪڏهن به منظرعام تي اچي نه سگهيون هيون پر هن فقير منش، سمنڊ جي تري مان موتي ميڙڻ وارو ڪم ڪندي وڏي جفاڪشيءَ سان جاٽايل "اتهاسڪ شخصيتن" کي منظرعام تي آندو آهي.

سنڌ جي سون ورني ڌرتي تاريخ جي هر دور ۾ اهڙن انيڪ "املهه ماڻڪ" شخصيتن کي جنم ڏيندي رهي آهي جن پنهنجي علم، ادب، هنر، فن، اخلاقي قدرن ۽ سماجي جاڳرتا ذريعي اعليٰ انساني ڳڻن جا اڻ مٽ نشان ڇڏيا آهن. ان حوالي سان جيڪڏهن سنڌ جي ٿر واري ڀاڱي جو ذڪر ڪجي ته اهو نه رڳو سياحتي ۽ ثقافتي لحاظ کان خوبصورت آهي پر ڪيترن ئي سجاڻ ۽ ساڃاهه وند، انسانيت جو درد رکندڙ مهان ماڻهن جو وطن آهي. پوءِ اهو علم ادب جو شعبو هجي، گائيڪي هجي، مصوري هجي، سنگ تراشي هجي، تاريخ نويسي هجي، شاعري هجي، کهاڻي هجي يا سماجي خدمت جو شعبو هجي، هر لحاظ کان ٿر هڪ "ثقافتي گلدستي" وانگر نظر ايندو. جنهن جي گل گل جي سهيڙ ۾ پارو مل جو ساراهه جوڳو عمل دخل رهيو آهي.

هي ڪتاب ٿر جو هڪ خوبصورت البم آهي جنهن ۾ زندگيءَ جي مختلف شعبن



سان لاڳاپيل اعليٰ انسانن جي زندگيءَ جا خاڪا پيش ڪيا ويا آهن. هن ڪتاب ۾ جن شخصيتن جي سڃاڻپ ڪرائي وئي آهي انهن ۾ جاني لنجو، مسڪين جهان خان ڪوسو، منگهارام اوجها، چندي رام ڀاٽ، ع ق شيخ، سچل جنجهي، ڊاڪٽر هرچند راءِ، سڳاڙ چند سيجون، موهن ڀڳت، سهيل سانگي، ولي رام ولڀ، ماما جمن دربدر، سيد عباس علي شاهه، هيمراج سوٿهڙ، محمد سانوڻ، سيد حبيب الله شاهه، استاد حسين فقير، وڏيرو پارو سمون، ممون فقير، گهمن سنگهه، منيءَ جو مقيم فقير، سَنيو مل هميراڻي، پريم شيواڻي، فوزيه سومرو، صادق فقير، پنڊت پونم چند، گوتم راڻي، ماما وشن ٿري، مائي ڍائي، مانيڊو اوتو خضر سمون، ڊاڪٽر عبدالعزيز، اوم شرما، سوڍو جوڳي، ڀيڙو فقير چيلهاريو قربان کوسو ايڇ ايم وڪي، استاد شفيع فقير، ڪريم فقير، نور احمد

جنجهي ۾ پروفيسر سائينداد ساند شامل آهن.

چاٽايل شخصيتن جي ڪردار جو هر رنگ نرالو ۽ اُتساهيندڙ آهي. انهن امر ڪردارن بابت پارو مل امراڻيءَ جون تخليقيل سٽون نهايت ئي احترام لائق آهن. هنن سٽن سرجڻ ۾ سموهڻ واري نيڪ ڪم ۾ پارو پنهنجو نور نچوئيو آهي.

سنڌي ادب ۾ خاڪن بابت ڪوڙ سارا ڪتاب موجود آهن. علي احمد بروهي جو "چام چاموٺ جامڙا"، ڪامريڊ مير محمد ٽالپر جو "موچارا منهن ڪارا منهن"، عبدالواحد آريسر جا "ماٺهو ميگهه ملهار"، "ويراڳي وڻٽا هئا" ۽ "ٽئين دور جا چار درويش". عبدالقادر جوڻيجي جو "شڪليون"، ماهتاب محبوب جا "جيءَ جهروڪا" ۽ "چنڊ چهرا"، ريتا شهاڻيءَ جو "آڪاش ڏارا"، اقرار پيرزادي جا "جن سين لئون لاڳي ۽ سامي سهاڳي" ناز سنائي جو "مون سي ڏٺا ماءِ"، ج. ع منگهاڻي جو "مانجو ڪوهستان"، همسفر گاڏهي جو "تاريخ جا ستارا"، منير پرڳڙيءَ جو "خاڪا منهنجي من جا"، عبدالخالق جوڻيجو جو "ماٺهو سي مهان"، غلام رباني آگري جا "جهڙا گل گلاب جا" ۽ "ماٺهو شهر ڀنڀور جا" نهايت ئي اهم ڪتاب آهن.

### مِٺي ملهائيندڙ ڪردار ۽ پاروءَ جي پيتا

جيون خاڪا يا پروفائيلز سوانحي ادب ۾ خاڪا نويسيءَ واري صنفي سڃاڻپ جي اعتبار کان "امپريشنل ۽ رفليڪشنل" نوعيت جو ترت تاثر ڇڏيندڙ لکيت ناما سمجهيا ويندا رهيا آهن. انهن جي قلمبنديءَ ۾ خاڪي لاءِ چونڊيل شخصيت جي سياءَ، ڪم، خدمتن ۽ سماجي يوگدان سوشل ڪنٽريبيوشن جو ذاتي طور اثر وٺڻ. لوڪ پسند ڪردار جي چئن چڱاين کي عام لوڪن سان ونڊڻ ۾ تعارفي وسعت اربڻ وارا پهلو نمايان اهميت جا حامل هوندا آهن.

خاڪا نويس جيترو اُن ڪردار جي شخصي عڪاسي ڪرڻ، اُن جي ڪيل ڪمن، سرانجام ڏنل ڪارنامن يا ڪانئس سرزد ٿي ويل ڪنهن غلطي کي متوازن، متوجهه ڪندڙ ۽ من موهيندڙ نوع ۾ بيان ڪرڻ جيتري ڪامياب ۽ سگهاري هنري مهارت رکندڙ هوندو، اوترو ئي پختو تاثر هو پنهنجي خاڪي لاءِ پاٺڪ/پڙهندڙ جي ذهن تي ڇڏيندو ويندو. جڏهن ته خود ساخته طور لکيو ويندڙ ذاتي خاڪو "سيلف پورٽريٽ" جي ذمري ۾ اچي ٿو. جنهن سان ايمانداراڻي نموني پاڻ نباهي وڃڻ ۽ پنهنجون خوبيون خاميون ۽ ڏوهه ثواب کي سچائيءَ سان پاڻ رقم ڪري وڃڻ هر ڪنهن جي وس جي ڳالهه ناهي.

هونئن هن قسم جي لکت "آتم ڪٿا" جو ئي ڪو مختصر حصو يا ڪو ننڍڙو باب ٿي پاسندو آهي. "آئيني جي آڏو" سيلف پورٽريٽ جو هڪ اهڙو ئي ڳٽائڻ جهڙو ڪتاب آهي. مٺي چاٽايل خاڪن جا ڪتاب، مختلف قسمن جو لمحاتي، ساعتي يا ديرپا تاثر ڇڏين ٿا. ڪي ته تحريري چاشنيءَ ۾ پنهنجو مٽ پاڻ آهن، ڪن ۾ خاڪي جي شخصيت لفظن جي قالب (سانچي) ۾ اهڙي ته فنوفت ٿي اچي ٿي جو سندس روپ سروپ بنهه سامهون نظر اچڻ لڳي ٿو. ڪي پنهنجي حسين مزاح جي بيانيه حرفت سان سرشار آهن. ڪي بنهه عام ۽ ليکي چوکي ۾ نه ايندڙ بظاهر ڪم - نام پر وڏن اتهاسڪ ڪردارن جي جيون جاکوڙ جو ڪُلئي حاصل ڪٽي، پڙهندڙ مُهندار ٿا رکن. ڪي ڪتاب ليکڪ/ليکڪا جي قلم، ايمانداراڻي اظهار سببان وَرُ وَرُ ڪري پڙهڻ جهڙا هيئنئن سان هنڊائڻ جهڙا آهن ته ڪي وري شخصيتن جا محض تعارفي خاڪا آهن. ڪن جا ڪردار مقامي، ڪن جا پرڳٽي پڌرا، ڪن جا جڳ سڃاتل. ڪي شعباجاتي ته ڪن ۾ وري ذاتي اثر ۽ اُتساهه جو سَرسُ عمل دخل آهي ايئن هر پڙهندڙ پنهنجي شعوري ادراڪ ۾ لکت توڙي ڪردار جي علمي، شخصي ۽ علمي سگهه پٽاندڙ خاڪن جي ڪنهن ڪتاب جي من گهري درجي بندي ڪري ٿو.

غلام رباني آگري جا ٻه ڪتاب "جهڙا گل گلاب جا" ۽ "ماٺهو شهر ڀنڀور جا" سوانحي خاڪن جي حوالي سان سنڌي ادب جا شاهڪار ڪتاب آهن. غلام رباني آگري جي ٻولي، ڪردار نگاري، علمي، ادبي، سياسي ۽ سماجي جاڻ سڃاڻ مثالي آهي. غلام رباني آگري جا چاٽايل ڪتاب جاڻ جا ڀنڊار آهن جن کي سنڌي ادب ۾ نهايت ئي احترام، قبوليت ۽ مڃتا مليل آهي. جڏهن ته ڪتاب "اُهي ڏينهن اُهي شينهن" ۽ "جنب گذاريم جن سين" جي وري ڳالهه ئي ٻي آهي.

پارو مل مٺيءَ کي مُلهائيتو ڪندڙ اهڙن ڪردارن جي محبت پري مڃتا، لوڪ اِتهاس وياڪاڻ واسطي انهن ڪردارن کي "روشناسي" جي هڪ نڪتي تي گڏائي، دستاويزي شڪل ۾ سهيڙڻ جي وک کنئي آهي جنهن جي ساهس لاءِ هو جَسُ لهڻي.

بوجي محبت پائي من ۾

زندگي اچي اجري به آهي ته سانوري سَدوري به آهي. زندگي ڪني ڪوجهي به آهي ته زندگي روپ وتي به آهي. زندگي تيز تکي هرڻي به آهي ته زندگي ٽڪل ٽتل ڳئون به آهي، زندگي وسڪارن جو ويس به آهي ته ڏڪارن جو ڏيک به آهي، زندگي نالا نديون به آهي ته زندگي اُڃ ۽ رڃ به آهي، زندگي گهاتي چانئو به آهي ته زندگي تتهڻ اُس به آهي، زندگي سمنڊ جي وير به آهي ته زندگي رڻ جو تتل ريت به آهي، هر روپ ۾ زندگي پياري آهي،

زندگي هر وک تي نئون ويچار آهي، زندگيءَ جو هر قدم هڪ نئون سبق آهي. زندگي هر صورت ۾ گذرڻي آهي ۽ نيٺ گذر تي ويندي آهي.

زندگي نيٺ گذر تي ويندي
اوڙڪ تي پوءِ به اورجي ويندي.
(شمس سومرو)

پر ڪوئي ان ڏي ڌيان ڌري ٿو ڪوئي لاپرواهي جي گهوڙي تي چڙهي ڏينهن جا ڏينهن ڏهر لتاڙي ٿو ڪنهن جي هر آس پوري ٿي وڃي ٿي، ڪنهن جي تمنا ڪر ڪٽڻ کان اڳ ۾ ٽٽي وڃي ٿي. ڪنهن جا سپئي سپنا ساپيائون ماڻن ٿا، ڪوئي هڪ خواب جي ساپيان ماڻڻ لاءِ سموري زندگي جاڳ ۾ گذاري ٿو ڇڏي.

ڪنهن جو اڪيلايون ۽ اونداهيون ساهه گهٽين ٿيون، ڪوئي سدائين ماڻهن جي ميڙاڪن ۾ رهي ٿو ڪوئي مُرڪ ۽ لڙڪ جي وچ ۾ وڇوٽي معلوم ڪري نه سگهندو آهي، ڪوئي جيون جي رڻ ۾ تڙپي تڙپي سهارن کي سڏيندو آهي، ڪوئي پل پل جو حساب چڪائي ٿو ڪنهن کي ڪڏهن گرم هوا جو جهوٽو به نه لڳندو آهي، ڪنهن جي پير ٽڙڻ تي سوين ماڻهو گڏ ٿيندا آهن. ڪنهن جي جبل تان ڪرڻ تي به هڏيون ميڙڻ وارو ڪوبه نه هوندو آهي.

**پارو چواڻي:**

زندگيءَ جي سفر ۾ ڪي ماڻهو لوڪ لاءِ ٿنيا ۽ ٽوٽيون تي ويندا آهن. ڪن ماڻهن جو مطالعو مشاهدو فن، فڪر، پورهيو ۽ پنڌ لوڪ کي جيئڻ جو نئون گس جوڙي ڏيندو آهي، ڪن ماڻهن جو ڪردار آرٽ جا نوان مصور، ادب جي نئين تخليقي تازگي، سماجي خدمت جا نوان جذبا، سياست جي لاءِ نئون شعور ڏيندو آهي. ٿر جي مهان ماڻهن ۾ منفرد منظرن جي "مهانتا" منهنجي مَن ۾ رسول حمزا توف جي ڪتاب "منهنجو داغستان" جيان تخليق جي تجلن سان چمڪندي رهي آهي.

* رسول حمزا توف جيئن تنهنجي لاءِ دنيا جي شروعات داغستان جي پهاڙن کان ٿئي ٿي، ايئن منهنجي لاءِ دنيا جو صبح ٿر تان اُڀري ٿو. تو پنهنجي ڳوٺ سدا گام کي پنهنجو محبوب لکيو آهي، آئون منهنجي ٿر جي هر واهڻ وستيءَ کي محبت جو مرڪز سمجهان ٿو.

* اي ڪارونجهر جا مور جڏهن تنهنجي ڳلي ۾ ساوڻ رت لاءِ گيت ڪٽي وڃن، تڏهن تون منهنجي من جي ڳالهين کي گيت ٺاهي ڳائجانِ، منهنجي من جون اهي ڳالهيون جن کي آئون پنهنجي چپن تي آڻي نه سگهيو آهيان ۽ نه وري ڪو انهن کي ڪو ناءُ ڏئي سگهيو آهيان.

* جڏهن ساوڻ بدي جي موسم ۾ ٻاپيها ٻولڻ ڇڏي ڏين، جڏهن وسڪاري ورڻ سين ٿاريليءَ جي اندر ۾ پنهنجي وَرَ جي ياد وري جڏهن ڳنڊير جو گاهه ڳنڊيون هڻڻ ڇڏي ڏئي، جڏهن جهنگ ۾ اُپرندڙ جوڳيڙن (هڪ ٻوٽو) جي سونهن دل نه موهي، تڏهن تون ۽ آئون هڪ ٻئي کي وساري سگهون ٿا.

* اباڻو ديس به هڪ عقيدو آهي، جنهن تان ويساهه ساهه جي آخري هڏڪيءَ کان پوءِ به ختم ناهي ٿيندو تڏهن مارئي جي واتان شاهه لطيف چيو ته:

ميائي جياس، جي وڃي مڙهه ملير ڏي
(شاهه)

* منهنجي ڌرتيءَ جي پهرين وک آباڻي ڌرتيءَ تي آهي آخري وک به پنهنجي ڌرتيءَ تي رهندي، منهنجي ڳالهه جو پهريون اکر ماءُ، جيجل ماءُ آهي، آخري اکر پڻ اهو ئي رهندو.

* جيڪڏهن تصوف تعصب جي رَدَ جو نالو آهي ته اُن جو اصلي حُسن ٿر ۾ محسوس ڪري سگهجي ٿو انسان دوستي، صلح پسندي ۽ امن جو چٽو عڪس ٿر جي مٽيءَ تي آهي.

* اسان جي مائرن پنهنجي ٿڃ سان، رُونءَ رُونءَ ۾ وطن دوستيءَ جو احساس اُياريندي، مٽيءَ جا واسطا ڏنا آهن، پنهنجين لولين ۾ اهو شعور ڏنو آهي ته ڌرتيءَ سان غداريءَ کان وڌ ٻيو ويڻ ٿيندو ئي ناهي.

* اسان جون لوڪ روايتون ۽ تاريخي، تهذيبي ثابتيون انهيءَ ڳالهه تي اتفاق ڪن ٿيون ته ٻين جي محنت جو استحصال ڪرڻ انسانيت جو بنيادي گناهه آهي، انهيءَ جي هر طرح روڪ ۽ ٽوڪ ڪجي.

* ٿر جو لينڊ اسڪيپ جيترو منفرد آهي اوترو ئي ٿر اُتم آهي، هتي جا سماجي قدر مت ڀيد کان آجي آدرشي راڄ ڀاڳ وارو، پنچائتي تصور ۽ ڪفايت شعاري اُتم قدر ٿر جي اصلي ۽ نج سماج جا اولڙا آهن. آرٽ سماج جو روح هوندو آهي ۽ ٿري سماج پڻ ڪيترن ئي آرٽسٽن کي اُتساهه ڏنو آهي.

* مور جو ٿهوڪو ٽتر جي ٽنوار ڌرتيءَ جي ڌمال آهي. ٿر ۾ سورهيائي ۽ سونهن جو ڪاٿو ڪرڻ مشڪل آهي، دنيا ۾ نت نئين دريافتن جي اچڻ ۽ انڪشافن باوجود هن ڌرتيءَ جي ڪٿا ۽ ڪرت آڇوتي، انوکي ۽ معياري رهي آهي.

* اسين ٿر جا ماڻهو محبت، پيار ۽ امن جا سرپنچ ۽ امين رهيا آهيون، هڪ دفعو ڪنهن سان نينهن جو ناتو ڳنڍڻ ڪانپوءِ توڙڻ جو سوچڻ به اسان لاءِ گناهه برابر آهي، هر پل، هر وک پيار ۽ سار کي ساهه ۾ سمائي، لوڪ گيتن جا ٻول گهڙيندا آهيون ۽ اهو ئي سبب آهي جو ٿر کي لوڪ گيتن جي چشمن سدائين

سيراب رکيو آهي.

* مور جي ٽهوڪن تي هرڻ بہ جهومن ٿا پر منهنجي ڳوٺ جي ڏنارن جو آواز ايڏو تہ مٺو آهي جو مور جي ٽهوڪن کي بہ مات ڏيو ڇڏي. هنن جو آواز جڏهن هرڻن جي جوڙيءَ جي ڪنن تي پوي تہ انهن کان گاهہ کائڻ بہ وسريو وڃي. سنسڪرت جي (پايد روي جو شعر)

* ٿر راجپوتي روايتن ۽ دراوڙي تهذيب جو سنگم آهي، پنهنجي دل دراوڙي ۽ رڳن ۾ رت راجپوتي آهي.

* منهنجي شاعري ڪتين جي جهر مر ۽ منهنجو نثر ٽيڙوءَ جو اهو تمڪو آهي جنهن جي اُڀرڻ ۽ لهڻ تي منهنجي خطي جا ڏنار مال وٺائڻ ڏانهن وارينداِ ۽ وٺاڻ مان اُتاريندا آهن.

* اسان وٽ انساني عظمت کي اڳيان رکي فن جي تخليق ڪئي ويندي آهي، وارياسي جي روايت ۾ مٽي ۽ ماڻهو مقدس آهن. مٽيءَ جي محبت ۽ ماڻهپي جي ماڻ کان سواءِ فن وڏوا جو ويس آهي.

* ماڻهوءَ جا ميرڙا ڳل بہ سُڳنڌ پري اُجري گل کان پيارا هوندا آهن. هڪ دفعي هٿ ڇهاءَ سان نازڪ پنکڙين جو ساءُ وسري ويندو آهي.

* اي منهنجا همعصر تو ڪڏهن وانڍين ۾ هرڻ کي پاڻي پيئندي ڏٺو آهي؟ سونهن جو هي منظر فطرت جو نظم آهي، انهيءَ نظم کي حسناڪي ماڻڻ لاءِ ڪنهن بہ وزن، بحر، ڇند ۽ ماپي جي ضرورت نہ آهي.

* ڪيفيت جي ڪُميت تي چڙهي آئون اڄ بہ ٿر جي منفرد منظرن ۽ مهان ماڻهن بابت ايئن ئي سوچيندو رهندو آهيان، ٿر جي ننڍڙي خطي تمام وڏا ماڻهو پيدا ڪيا آهن، انهن جو لاڪيڻو ڪردار نئين ٿهيءَ لاءِ نئين ڏينهن نئون زندگيءَ جو ويساهہ بڻيو آهي.

* ٿر جي لوڪ ڪردارن جون لوڪ ڪٿائون، ٿر جي تاڃي پيٽي ۾ ريشمي رنگ آهن.

* ثقافت جي سونهن سوپيا آهن. مختصر لفظن ۾ ايئن چئجي يا چئي سگهجي ٿو تہ ٿر ۾ ٻڙ جا وڻ نہ ٿيندا آهن پر ٿر ۾ ٻڙ جي وڻ جهڙا ماڻهو پيدا ٿيا آهن جن جي ڇانءَ ۾ هر ساهواري کي سک مليو آهي ۽ سندن روح راحت ماڻي آهي.

* ٿر جي واريءَ تي هلندي پنهنجي پيرن ۾ ايترا ڇالا ٿي پيا آهن جو هاڻي جُتي بہ لاهي نٿو سگهان، تون منهنجي پويان اچڻ چاهين ٿو تہ رَت ڦڙن واري واٽ ونيو هليو اچ، مون پنهنجا پيرَ ڦٽي پويان ايندڙ پانڌيڙن جي لاءِ گهاڙو گهڙي ڇڏيو آهي.

* دنيا جي سچي ۽ سولي حقيقت هڪ سچ بہ ڇاپا آهن. جنهن کي هر ڪو ماڻهو چٽو ڏسي سگهي ٿو ۽ سمجهي سگهي ٿو اسين ٿر جا ماڻهو سچ جي پهرئين ڪرٽي کان اڳ پاڻي ۽ ڳيپي ڳولا لاءِ نڪرندا آهيون ۽ سچ لٿي گهر ورندا آهيون ٻئي پاڇا جيئڻ جا جَتن ڪندي مٽي تي لنگهائيندا آهيون.

* شاهہ لطيف جي شاعريءَ جيان شيخ اياز جي شاعري بہ اسان ٿر جي پٽن ۾ ڏُٺَ وانگر ڳولي لڌي آهي. هاڻي اياز جا نقاد ڊرائنگ روم جا دانشور نہ پر لُڪن ۾ هلندڙ اسين ڪٿيرا هونداسين. شيخ اياز جي شاعريءَ جو واس ٿر جا ڪولهي، ڀيل، ميگهواڙ، نڪر، راجپوت ۽ سماٽ ئي محسوس ڪندا، جيڪي هن ڌرتيءَ جا اصل ڌڻي آهن.

* تاسري پريل رَبَ ۾ ڏيئي جي روشنيءَ جي سهاري آئون ڪٽڪ جو ڏريل داڻو ڳولڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهيان. ڌرتيءَ جا ڪوي شيخ اياز، توکي گوگاسَر جي پوڙهي سچ چيو هو تہ: ”ڪٽڪ اسان جي لاءِ ميوو آهي.“

* ٿر جي زندگيءَ ۾ ڏُٺُ وڏي وِٿَ آهي، ڏڪار جي ڏينهن ۾ ڪنهن جي اڳيان هٿ ٽنگڻ جي بدران لپ ڪوڪڙ يا ڪرين جي ڪائي، مٿان پاڻيءَ جو گلاس پي سمهي پوندا آهيون.

اياز چواڻي تہ:

ڳيو پاڻيءَ ڍڪ ۾ ٻوڙي جي ڪائين،
پنهنجي اوچي ڳاٽ کي، مور نہ جُهڪائين،
تنهنجي او سائين، ذات ڏهوڻي تي پوي.

پورهيت جي پيشانيءَ تي پگهر جا ڦڙا منڊيءَ جي ٽِڪ کان وڌيڪ چمڪندڙ ۽ پيارا هوندا آهن.

(صفحو 21 کان 33 تائين)

* ٿر سان بي انتها پيار ڪندڙ پارو مل امراڻي داغستان جي شاعر رسول حمزا توف کي مخاطب ٿي، جيڪو پنهنجي ڌرتيءَ سان فطري پيار جو اظهار ڪيو آهي، اهو پيار سندس لکيل هر خاڪي ۾ سڌي اڻ سڌي طرح سمايل آهي، ٿر جي ملوڪ ماڻهن جي سموري دنيا سان نئون تعارف ڪرائي ٿر جي تاريخ، فطري سونهن ثقافت، روايتون ۽ جيڪي ڪٿائون بيان ڪيون آهن اُهي ڪٿائون ٿر جي هر هڪ پٽ جي اندر ۾ ورهين کان ساهہ کڻي رهيون آهن. پارو مل ٿر جي زندهہ روايتن جو جيڪو ڏيک ڏيکاريو آهي، اهو ٿر جي عظمتن جو هڪ داستان آهي، ڪٿائن جي هڪ نئين ڪائنات آهي ۽ هڪ نئين ڪهڪشان آهي، علم، ادب، آرٽ، موسيقي، ثقافت، هنر، فن جون اڻ ڳڻيون ڪٿائون آهن. خوبصورت منظر آهن، جيڪي پڙهندي ٻڌندي زندگيءَ کي هڪ نئون اُتساهہ ملڻ پوي ٿو. زندگيءَ جي

جُهد ۾ جاکوڙ ۾ نئون ويساهه ڪر موڙي اُٿي ٿو. پارو جيڪو ٿر جي وارياسي مٽيءَ تي ٽڙندڙ گلن جي رنگن ۽ خوشبوءِ جو واس وٺايو آهي ۽ جيڪو ٿر جو درد آهي، جيڪا پيڙا آهي جيڪا ٿر جي بي وسي آهي ۽ جيڪا ٿر جي زندگيءَ ۾ سهپ ۽ سگهه آهي، ان جو اظهار ڪيو آهي، اهو نهايت ئي وڻندڙ ويساهه ڏيندڙ آهي.

پارو چوائي: جيئن پکي اونداهين راتين ۾ به پنهنجو آکيرو ڳولي وٺندا آهن اسان جي پيار جا پکيئڙا، سڏونت ۽ سارنگا جهڙي سڪ روح ۾ سجائي، ڳهگهه اونداهه ۾ پنهنجي پريت تائين پهچندا آهن.

* جنهن شاعر جي جَڙ پنهنجي ڌرتيءَ تان ڪٽيل هوندي آهي، ان شاعر جي شاعريءَ ۾ ڪائي خوشبوءِ سگهه نه هوندي آهي، مٽيءَ جي خمير ۽ ضمير بنا شاعري رڳو لفظن جو جڙاءُ هوندي آهي.

* اهو الميو هند ۾ سنڌي شاعريءَ سان ۽ سنڌ ۾ اردو شاعريءَ سان آهي. ڇاڪاڻ جو ٻنهي ٻولين جي شاعريءَ جي پيرن هيٺان پرائي زمين آهي ۽ سندن شاعريءَ ۾ ڌرتيءَ جو درد ثقافتي هڳاءُ، قديم روايتون ۽ همعصر دور جون، للڪارون ۽ مزاحمتون، پنهنجون معنائون وڃائي ويٺل آهن. پنهنجي ڌرتيءَ تي سرجندڙ تخليق ۾ ڌرتيءَ جا سمورا رنگ ڇٽا تي اُڀري پوندا آهن. لڙڪ به ڇٽا هوندا آهن ۽ ٽهڪ به ڇٽا هوندا آهن. مُرڪ به ڇٽي هوندي آهي ته ڇهڪ به ڇٽا ڏسڻ ۾ ايندا آهن.

**پاروچوائي:**

اسين ٿر جا ماڻهو ڏڪار جي ڏينهن ۾ اڪ جهڙي ڪڙي ڪساري وڻ ۾ ڦٽندڙ ڦلڙين مان جيئڻ جو اُتساهه وٺندا آهيون.

* باز کي اُڏام ۽ جهڙپ کان سواءِ ڇا ٿو اچي؟ هن وٽ بين پکين جهڙي منڙي ٻولي ناهي. پاريهر جي ڳتڪار ۾ ازل جي گيت جهڙو آلاپ نه آهي. جنهن کي ٻڌڻ جي لاءِ منهنجي ٿر جا ماڻهو وڏي آسَر جو اُٿي پکين کي داڻا ڏيڻ لاءِ ويندا آهن.

* ٿر جو سخي ڪردار – جاني لَنجو

ٿر جي مشهور سخي ۽ مهمان نواز ڪردار جاني لنجي جو اصل ڳوٺ ڏاڪٽيڏار هو پر پوءِ هن پوڄاسَ کي وسايو. جتي جي سيم سٽي ۽ گهٽي ڪليل هوندي هئي، پوڄاسَ ڳوٺ جي پرسان جاني لنجي جي ڪوٺرايل ترائي اڄ به موجود آهي. جاني لنجو جي ٽڙ پوٽي رانجهي لنجي مطابق جاني جي پيءُ جو نالو لال محمد هئو. جاني راجپوتن مان پرڻيو هو سندس گهرواريءَ جو نالو ٻائي هو پوڄاسَر پرسان ست راجي ڳوٺن ۾ جاني کي راجپوتن جو وڏو سهارو هوندو هو جانيءَ جا ست پُٽ ٿيا. جن جو اولاد اڄ به پوڄا سَر ۾ رهي ٿو.

چيو وڃي ٿو ته انگريز ”تروٽ“ جاني لنجي وٽ ايندو هو. انگريز تروٽ، جاني لنجي جي مهمانوازي ۽ ڏاهپ جي مشهوري ٻڌي هڪ پيري سندس پرک وٺڻ لاءِ سندس مهمان ٿيو. جاني لنجي وٽ هن ماني کاڌي، ڪجهه دير رهڻ کان پوءِ جاني لنجي سان گڏجي ”تروٽ“ سفر تي نڪتو. تروٽ ۽ جاني لنجو ٻئي خاموش وڃي رهيا هئا، وچ رستي تي ڪرڙ جو وڻ ڏسي تروٽ پڇيو ته جاني هي ڪهڙو وڻ آهي؟ جانيءَ وراڻيو ته سائين هي اسان جي ٿر ۾ ڪرڙ جو وڻ آهي، هن ۾ ڏونئرا ٿيندا آهن. تروٽ اڳتي ڪجهه نه ڪڇيو ڳالهه آئي وئي تي وئي.

ٻئي سال تروٽ وري جاني لنجي وٽ آيو وري جاني کي چيائين ته سفر تي هلنداسين. ٻئي ساڳي گهاڙو/رستي سنبريا، تروٽ جڏهن ان ماڳ تي پهتو جتي هن ڪرڙ بابت جاني لنجي کان سوال ڪيو هو اتي تروٽ جاني کي چيو ته: جاني پوءِ، جاني وراڻيو ته: پوءِ ڏونئرا ٿيا ۽ اسان پچائي کائي ڇڏياسين.

تروٽ جاني لنجي جي مهمان نوازي ۽ ذهانت کان ڏاڍو متاثر ٿيو لوڪ ادب ۾ جاني ۽ تروٽ بابت ڪافي روايتون ملن ٿيون.

جاني لنجو ذات ڏيا جو ڏٽي، سگهڙ سياڻو مهمان نواز. راڄ جو رکوال مڙس تي گذريو آهي. جنهن جي ڏاهپ جا ڪيترائي مثال ڏنا ويندا آهن. ٿر جي پٽن ۾ جنم وٺندڙ مٽيادار ماڻهن مان جاني لنجو به هڪ مٽيادار ماڻهو تي گذريو آهي. جنهن کي پارو مل امراٽي انتهائي خوبصورتيءَ سان پورٽريٽ ڪيو آهي.

* آدرشي استاد ۽ تاريخ نويس راءِ چند راٺوڙ

سائين راءِ چند راٺوڙ ٿر جي مينگهواڙ قبيلي ۾ ننگرپارڪر جي هرجي مل کان پوءِ پيو شخص آهي جيڪو استاد مقرر ٿيو سائين نهايت ئي فرض شناس ۽ آدرشي استاد هو. اسڪول ۾ حاضري جو پابند ۽ پڙهائڻ جو نهايت ئي قابل هو اسڪول جو وقت ختم ٿيڻ ڪانپوءِ به پڙهائيندو هو. اسڪول ۾ سدائين ڌيمي آواز سان ڳالهائيندو هو. شاگردن کي سيکارڻ جو ڪيس سهڻو طريقو هو. سائين راءِ چند جا اکر به ڏاڍا خوبصورت هوندا هئا. سائين پنهنجي شاگردن جي صورتخطيءَ تي تمام گهڻو ڌيان ڏيندو هو. سائين راءِ چند جا ڪيترائي شاگرد پڙهي لکي اعليٰ عهدن تي پهچي ملڪي خدمتن ۾ پنهنجو حصو شامل ڪري چڪا آهن. ناميارو اديب ولي رام ولڀ پڻ سائين راءِ چند راٺوڙ جو شاگرد آهي.

# قسمت

(ڪهاڻي)

محمد علي پناڻ



"صوبيدار صاحب، برابر مان هن انن سالن جي شانل جو قانوني وارث ناهيان. منهنجو پٽ روحل حيات هُجي ها، ته بي ڳالهه هئي. پر جيئن هن اڪيون پوريون ۽ وڃي مقام وسايو ته عِدتَ بعد ماڻس راڄل پائرن جي مرضيءَ سان جنهن شخص سان نڪاح ڪيو ان تڏهن تن سالن جي شانل ڪي پاڻ سان رکڻ کان انڪار ڪيو ۽ سيني راضپي سان ڪيس مون مڙهي وٺ رهڻ ڏنو.." ستر ورهين جي ڪريم داد جي دل اوچتو پرجي آئي ۽ ٻه ڳوڙها ڳڙي ڇهري جي گهنجن ۾ گم ٿي ويا. سڏڪن گاڏڙ لهجي ۾ ڳالهه جي سلسلي ڪي جاري رکندي چيائين."ٻن سالن بعد راڄل جو اهو مڙس ٻه رضا الاهي مري ويو ته. ٽي سال اڳ ڪنهن سان ٽيون نڪاح ڪيائين. جنهن هن جو اهو مطالبو مڃيو آهي ۽ شانل ڪي پاڻ وٽ رهائڻ لاءِ راضي ٿيو آ.."

"اهو ته شانل جي ماءُ جو بنيادي حق آهي نه بابا سائين. جيڪو خبر ناهي ڪهڙي سوچ آڏو رکي تو انڪار ڪيو. جنهن لاءِ مجبور ٿي ڇوڪريءَ جي امڙ ٿاڻي تي دانهيو آ ۽ مان ان جي ٻانهن تو ڪان وٺي ماڻس حوالي ڪرڻ لاءِ تو وٽ آيو آهيان.."

"ان جي ٻانهن جو تنهنجي حوالي ڪيان، ته مون ڪي ٻه ٻڌاءِ نه، ته مان اڪيلي نڌڪي مڙهي جي هن عمر ۾ هيءَ ئي انڌي واري لٺ ۽ سهارو آ. منهنجو گذران ڪيئن ٿيندو؟ الله جي نانوَ جي ماني پاڙي مان ڪير آڻي ڏيندو؟ پاڻيءَ جو گلاس گهرندس، ته ڪير ڀري ڏيندو؟ لٺا ڪير ڏوئندو ۽ مٽي ۾ سور جي رڙ ڪندس، ته هيڏي دنيا مان ٻيو ڪير اچي مٽي ڪي زور ڏيندو؟ هاڻ؟!..

چا مان رڙهي وڃي ريل جي بند تي ڪنڌ رکان يا ڪنهن ڀريي ترييي واهَ ۾ ٽپو ڏيان؟.."

"چاچا، ان سوال جو جواب قسمت کان پڇ.. منهنجو قانون تنهنجي اهڙي ڏک جو ڪٿي ٻه ۽ ڪنهن ٻه صورت ۾ سات نه تو ڏئي سگهي.."

# غزلَ



عاطف جاني

چنڊ، چريو گول ،خالي ٿو رهي!
اُڀ جو ڪشڪول،خالي ٿو رهي.!

مان رڳوئي ڪون ٿو خالي رهان،
هي سڄو ماحول، خالي ٿو رهي!

اڄ ٻ ٻاگن جي پريل ڇو بير مان؟
ماءُ! منهنجو جهول، خالي ٿو رهي!

اجنبي آواز ڪاٿئون ٿا اچن ؟
جي مجان چؤٻول، خالي ٿو رهي!

فلسفاڻه بحث پاسي تي رکي،
پيٽ ڪي ڇاڇول، خالي ٿو رهي!

شاعريءَ جي اُجَ ڪيئن اُجهائجي
هر تخيل ڏول، خالي ٿو رهي!

***

جيءَ مان ۽ ٻِنهي جهانن مان
عشق اُڪري ويو آسمانن مان

هاٿي سوچي ٻه چا ڪندُس آئون؟
بند ذهنن جي ڪارخانن مان

جي مَري ويا ته پو ويا ڪاڏي؟
خواب نڪتا نه سرد خانن مان

غير محفوظ ٿي رهيو آهيان،
آئون پنهنجي ئي رازدانن مان

تو ڇيو هو اتان ملي ويندئي!
ڪوڙ مليا نه ڪشتيبانن مان

دل جا دلبر هليا پلي ٻه وڃن،
مهڪ ايندي آ آستانن مان.

# نارا سپلاءِ چينل

## جيڪو انگريزن طرفان سنڌ ۾ آبپاشي نظام جو پهريون وڏو ڪم هو ...

قربان حسين

انگريزن سال 1843ع ۾ جڏهن سنڌ تي قبضو ڪيو هو ته اُنهيءَ وقت ڪشمور ڪان وٺي ڪيٽي بندر تائين سڄي سنڌ ۾ سنڌو درياهه مان مختلف هنڌن تان آبپاشي لاءِ ننڍا وڏا واهه نڪرندا هئا جن ڪي اُٿل واهه سڏيو ويندو هو. جيئن ته اُنهيءَ وقت جديد آبپاشي نظام جا بئراج ته ڪونه هوندا هئا تنهنڪري جڏهن درياهه ۾ وهندڙ پاڻي جي سطح هڪ خاص حد تائين وڌندي هُئي ته پوءِ درياهه جو پاڻي درياهه جي پيٽ مان اُٿل ڪائي اچي اُنهن واهن ۾ پوندو هو جنهن سبب اونهاري ۾ خريف جي موسم ۾ ٽي کان چار مهينن لاءِ اُهي اُٿل واهه پاڻي ڪٽندا رهندا هئا. وري جڏهن سياري يا ربيع جي موسم ۾ جڏهن درياهه جو پاڻي صفا گهٽجي ويندو هو ته پوءِ گهٽي ٻاڱي درياهه جو پاڻي اُنهن اُٿل واهن جي منهن تائين پهچندو ئي نه هو جنهن سبب ربيع جي مند ۾ اُهي اُٿل واهه گهڻو ڪري بند هوندا هئا.

انگريزن اچڻ سان ئي اُنهن اُٿل واهن جي نظام کي وڌائڻ توڙي اُنهن ۾ بهتري آڻڻ لاءِ ڪم شروع ڪيو. اُنهيءَ سلسلي ۾ شروعات ۾ جنرل جان جيڪب اُتر سنڌ جي بيگاري ڪئنال، نور واهه ۽ شاهي واهه جي کوٽائي توڙي صفائي تي ڪجهه ڪم ڪيو پر انگريزن سنڌ ۾ آبپاشي نظام جي سڌاري لاءِ جيڪو پهريون وڏو ڪم ڪيو هو سو اهو هو ته هنن سال 1859ع ۾ روهڙي شهر جي اوپر طرف ۾ نارا سپلاءِ چينل جي نالي سان درياهه کان هڪ 13 ميل ڊگهو نئون واهه يا لنڪ ڪئنال کڏي اُنهيءَ کي روهڙي کان هيٺ ڏکڻ ۾ صالح پٽ ويجهو قديم ناري ڍوري جي پيٽ ۾ اچي وڌو هو.

نارو ڍورو يا هاڪڙو جنهن ۾ اڳ ۾ صرف اونهاري ۾ جڏهن درياهه ۾ چاڙهه ايندو هو ته روهڙي وٽ درياهه جو ڪجهه پاڻي اُٿل ڪائي هيٺ ڏکڻ طرف ناري ڍوري يا هاڪڙي



جو گس وٺي وڃي سانگھڙ، عمرڪوٽ، نئون ڪوٽ کان پراڻ ڍوري ذريعي وڃي رڻ ڪڇ جي شڪور ڍنڍ ۾ پوندو هو. روهڙي وٽ سنڌو درياهه جي اُنهيءَ پاڻي ڪانسواءِ ناري ڍوري ۾ هڪ ٻيو پاڻي ستلج چناب درياهن جي ٻوڏ جو به ايندو هو جيڪو رحيم يار خان ضلعي جي غوث پور واري ڍوري ذريعي درياهه جي پيٽ کان ٻاهر نڪري گهوٽڪي جي ٿر جي علائقي جي ڏنگ سان وهندو اچي روهڙي جي ڏکڻ ۾ صالح پٽ ويجهو اهو پاڻي وڃي ناري ڍوري ۾ پوندو هو جنهن سان اونهاري جي مند ۾ ناري ڍوري جو وهڪرو هلندو هو پر جنهن سال ڪا وڏي ٻوڏ نه ايندي هُئي ته ناري ڍوري جو وهڪرو به تمام گهٽ هوندو هو پر سال 1859ع ۾ انگريز سرڪار روهڙي وٽ هي جيڪو 13 ميل ڊگهو نارا سپلاءِ چينل درياهه جي پيٽ کان ڪوٽي اچي وڃي ناري ڍوري جي پراڻي پيٽ ۾ وجهڻ سان اهو فائدو ٿيو ته هاڻي نارو ڍورو به هڪ پڪو اُتل واهه بڻجي ويو هو جيڪو اونهاري جي تقريبن سڄي مند دوران وهندو رهندو هو ڇو ته روهڙي سکر جي وچ ۾ بکر جي پيٽ وٽ درياهه جو پيٽ ايترو ته سوڙهو ٿي وڃي ٿو جو هيڏو وڏو درياهه اڄ به صرف 15 سؤ فوٽ ويڪري پهاڙي پيٽ مان گُذري ٿو . سو بکر وٽ درياهه جو اهو قدرتي صفا سوڙهو پيٽ هڪ ڇاپ جو ڪم ڪندو هو جنهن سبب روهڙي وٽ ٿوري پاڻي تي به درياهه جي سطح اڪثر مٿي رهندي هئي جنهن سبب نئين ڪوٽيل نارا سپلاءِ چينل ذريعي درياهه جو پاڻي ناري ڍوري يا نارا ڪئنال ۾ سُني مقدار ۾ هلندو رهندو هو. بکر وٽ درياهه جي اِنهيءَ قدرتي سوڙهي پيٽ سبب درياهه جي پاڻي جي سطح اڪثر مٿي هجڻ سبب ئي انگريز انجنيئرن شروعات ۾ روهڙيءَ کان وٺي حيدرآباد تائين هڪ وڏي ڪئنال کوٽڻ جي تجويز ڏني هُئي جنهن جو نالو روهڙي حيدرآباد ڪئنال تجويز ڪيو ويو هو جيڪو 1932ع ۾ سکر بئراج جي اسڪيم هيٺ روهڙي ڪئنال جي نالي سان اڏيو ويو هو.

روهڙي وٽ سال 1859ع ۾ ڪوٽيل اُنهيءَ 13 ميل ڊگهي لنڪ ڪئنال يعني نارا سپلاءِ چينل ذريعي درياهه کان نارا ڪئنال ۾



ايترو ته سني مقدار ۾ پاڻي اچڻ لڳو جو انگريز سرڪار سال 1879ع ۾ سانگهڙ ويجهو مکي ٻيلي وٽ نارا ڪئنال مان هڪ نئون واهه منڙائو ڪينال ڪڍيو. ته وري 1899ع ۾ سانگھڙ شهر کان تقريبن 50 ڪلوميٽر مٿي اُتر ۾ نارا ڪئنال مان هڪ ٻيو سڀ کان وڏو واهه جمڙائو ڪئنال به ڪڍيو ويو جيڪو جهڏي تائين ويندو هو. نارا ڪئنال مان جنهن هنڌ تان هي جمڙائو ڪئنال ڪڍيو ويو هو اُنهيءَ علائقي کي جمڙائو ڪئنال جي مُنهن هجڻ سبب اڄ تائين به " مُنڍ جمڙائو "جي نالي سان سڏيو ويندو آهي. جيئن ته هي جمڙائو ڪئنال خاص طور تي رُڳو سانگهڙ ۽ ميرپور خاص جي علائقن لاءِ ڪڍيو ويو هو تنهنڪري جمڙائو ڪئنال جي مُنهن يعني مُنڍ جمڙائو کان وٺي جهڏي ۾ پڇڙي تائين جمڙائو ڪئنال جي ساڄي پاسي يعني اولهه طرف تي شاهپور چاڪر، شهداد پور، ٽنڊو آدم ، ٽنڊو الهيار، ٽنڊو غلام علي وغيره جي علائقن پاسي هن جمڙائو ڪئنال مان ڪو به واهه، واٽر ڪورس يا شاخ ڪڍڻ جي اجازت هرگز نه هوندي هُئي،سو جمڙائو ڪئنال جي اولهه پاسي بلڪل ڪئنال جي بند سان گڏ واريون سڀ ايراضيون به مُنڍ کان وٺي آخر تائين پهريان سنڌو درياهه مان نڪرندڙ مُختلف اُتل واهن يعني مارڪ واهه، ماڻڪ واهه، نصير واهه، سرفراز واهه وغيره جي پاڻي تي آباد ٿينديون هيون ته وري بعد ۾ 1932ع ۾ سکر بئراج ٺهڻ ڪانپوءِ هاڻي اُهي سڀ ايراضيون روهڙي ڪئنال جي شاخن تي آباد ٿينديون آهن. سو انگريزن جي دؤر کان وٺي هن جمڙائو ڪئنال جي ويسٽ برانچ يعني ننڍو جمڙائو جهنڊو مري کان وٺي تقريبن جهڏي تائين اُنهيءَ وقت جي حيدرآباد ۽ ٿرپارڪر ضلعن جو پاڻ ۾ ڏنگ يا بارڊر به ٺاهيندو هو جيڪو هاڻي ميرپور خاص ضلعي جو ٽنڊو الهيار ضلعي سان ڏنگ ٺاهيندو آهي.

سو ايئن سمجهو ته هي جمڙائو ڪئنال سنڌ جو اهڙو واحد ڪئنال هوندو هو يا آهي جنهن جو هڪ پاسو مُنڍ کان وٺي آخر تائين مڪمل سيل هوندو هو پر هاڻي شايد ڪجهه بااثر ماڻهن جي فرمائش



تي هڪ ٻن جڳهن تي هن جمڙائو ڪئنال جي انگريز دؤر کان ٺهيل اصول ڪي ٽوڙي اولهہ طرف ٽنڊي الهيار واري پاسي هڪ اڌ واٽر ڪورس يا ننڍيون شاخون ڪڍيون ويون آهن. پاڪستان ٺهڻ ڪانپوءِ آبادي هيٺ ايراضي وڌڻ سبب جمڙائو ڪينال جي پڇڙي يعني ميرپور خاص ضلعي ۾ پاڻي جي شديد کوٽ سبب شايد 1980ع يا 1990ع جي ڏهاڪي ۾ نارا ڪئنال کان مُنڍ جمڙائو وٽان انگريزن جي ٺهيل پراڻي جمڙائو ڪئنال جي اولهہ پاسي بلڪل پر سان ميرپور خاص ضلعي لاءِ هڪ نئون جمڙائو ڪئنال کوٽيو ويو آهي جنهن ڪي ٿوئن جمڙائو ڪينال سڏيو ويندو آهي.

روهڙي وٽ هي نارا سپلاءِ چئنل 1859ع کان وٺي 1932ع ۾ سکر بئراج جي اڏاوت تائين نارا ڪئنال کي درياهہ جو پاڻي ڏيندو رهيو پر 1932ع ۾ سکر بئراج جي اڏاوت ڪانپوءِ نارا ڪئنال جو نئون منهن بئراج کان ڪڍي اروڙ وٽ پراڻي نارا سپلاءِ چئنل سان ملايو ويو جنهن ڪانپوءِ روهڙي وارو هي پراڻو نارا سپلاءِ چئنل بند ٿي ويو پر اُنهيءَ جا نشان روهڙي شهر جي اوڀر پاسي اڄ تائين بہ واضح موجود آهن.

چيو وڃي ٿو تہ سنڌ جي اوڀر واري پاسي هي جيڪو نارو ڍورو يا هاڪڙو جنهن کي هاڻي نارا ڪئنال سڏيو ويندو آهي سو ڪنهن دؤر ۾ شايد ستلج درياهہ جو پراڻو پيٽ هو پر بعد ۾ اُنهيءَ ستلج درياهہ بهاولپور کان مٿي پنهنجو سنڌ طرف ناري ڍوري ۾ ايندڙ پراڻو وهڪرو مٽائي ڪري پنجند وٽ سنڌو درياهہ ۾ نئين وهڪري ذريعي هاڪڙو ڇوڙ شروع ڪيو جنهن ڪانپوءِ سنڌ طرف رهجي ويل ستلج درياهہ جو هي پراڻو پيٽ هڪ نانگ وانگر ور وڪڙ کائيندڙ ڍوري جي صورت ۾ رهجي ويو جنهن کي سنڌ جو هڪ گم ٿيل درياهہ بہ سڏيو ويندو آهي جنهن ۾ بعد ۾ صرف ٻوڏ جي وقت سنڌو درياهہ يا ستلج جو واڌو پاڻي وهي ڪري هن ناري ڍوري جي نانگ وڪڙن واري پيٽ ۾ پوندو هو پر سال 1859ع ۾ انگريزن پاران کوٽيل هن نارا سپلاءِ چئنل ذريعي ، وري بعد ۾ 1932ع ۾ سکر بئراج جي تعمير ڪانپوءِ سنڌ جو هي گم ٿيل درياهہ يعني نارو ڍورو يا هاڪڙو انگريزن جي هٿرادو ڪوشش سان نارا ڪئنال جي صورت ۾ هڪ دفعو ٻيهر بحال ٿي ويو آهي جنهن ڪانپوءِ هي نارا ڪئنال هاڻي تقريبن سڄو سال وهندو رهندو آهي.

*نوٽ: هن مضمون جو گهڻي ڀاڱي مواد محترم ايم ايڇ پنهور صاحب جي لکيل هڪ مشهور ڪتاب: “Six Thousand years History of Irrigation in Sindh” مان ورتل آهي.*

# شبِ قدر جي فضيلت

محمد مبين

رمضان المبارڪ جي راتين مان هڪ ڀلاري رات جنهن کي ”شب قدر“سڏيو وڃي ٿو. شب قدر جي رات وڏي فضيلت ۽ برڪت واري آهي. ان رات کي الله تعاليٰ هزار مهينن کان افضل قرار ڏنو آهي. هزار مهينن جا ٽياسي سال ۽ چار مهينا ٿين ٿا. جنهن شخص شب قدر جي رات عبادت ۾ گذاري ان 83 سال ۽ چئن مهينن جو عرصو عبادت ۾ گذاريو ۽ 83 سالن جو عرصو گهٽ ۾ گهٽ آهي ڇو ته ”خير من الف شهر“ چئي ان ڳالهه ڏانهن اشارو ڪيو ويو آهي ته الله تعاليٰ جيترو وڌيڪ اجر ڏيڻ فرمائيندو اهو عطا ڪري ڇڏيندو. ان ثواب جو اندازو انسان جي وس کان ٻاهر آهي.

**<u>شب قدر جي معنيٰ ۽ مفهوم</u>**

امام زهري رحمة الله عليه جن فرمائين ٿا ته ”قدر“ جي معنيٰ آهي مرتبو. ڇو ته هي رات عزت ۽ مرتبي جي لحاظ کان باقي راتين کان اعليٰ آهي. ان ڪري ان کي ”ليلة القدر“ سڏيو ويو آهي. (تفسير القرطبي، 20_130)

حضرت عبدالله بن عباس رضي الله عنه کان روايت آهي ته الله تعاليٰ 15 هين شعبان جي رات ۾ سمورا فيصلا ڪندو آهي ۽ ان رات کان وٺي هڪ سال جي تقدير ۽ فيصلن جو اختيار فرشتن کي سونپيا ويندا آهن. (تفسير القرطبي (20_130)

شب قدر جي رات کي قدر جي نالي سان تعبير ڪرڻ جو هڪ سبب اهو به بيان ڪيو ويندو آهي ته انهي رات ۾ الله تعاليٰ پنهنجو قابل قدر ڪتاب پنهنجي امت لاءِ حضرت محمد صلي الله عليه وآله وسلم جي معرفت نازل فرمايو اهوئي سبب آهي جو ان سوره ۾ لفظ ”قدر“ ٽي ڀيرا آيو آهي. (تفسير ڪبير 23_28)

قدر تنگيءَ جي معنيٰ ۾ به اچي ٿو. ان معنيٰ ۾ ان کي قيمتي چوڻ جو سبب اهو آهي ته ان رات ملائڪ آسمان کان زمين تي ايتري ڪثرت سان نازل ٿيندا آهن جو زمين تنگ ٿي ويندي آهي.

امام ابوبڪر الوراق ان رات کي ”قدر“ سڏڻ جو سبب بيان ڪندي فرمائين ٿا ته هي رات عبادت ڪندڙ کي قدر وارو بڻائيندي آهي، جيتوڻيڪ اهو اڳ ۾ ان لائق نه هو. سيدنا ابوهريره رضه کان روايت آهي ته پاڻ سڳورن فرمايو: ”جنهن شخص شب قدر ۾ اجر ۽ ثواب جي اميد سان عبادت ڪئي ان جا ڪيل سمورا گناهه معاف ڪيا ويندا آهن. (صحيح البخاري 1: 210 ڪتاب العيام رقم حديث





1910)" ان ارشاد نبوي ۾ جتي ليلته القدر جي گهڙين ۾ ذڪر، فڪر عبادت ۽ اطاعت جي تلقين ڪئي وئي آهي اُتي ان ڳالهه ڏانهن به ڌيان ڇڪايو ويو آهي ته انسان لاءِ عبادت ۾ فقط الله تعاليٰ جي خوشنودي مقصود هجي، رياڪاري يا بدنيتي نه هجي ۽ آئنده لاءِ عهد ڪري ته مان برائي کان پري رهندس، تنهن ڪري ان شان سان عبادت ڪندڙ شخص لاءِ اها رات مغفرت جي رات بڻجي ايندي آهي.

سيدنا انس رضہ کان روايت آهي ته رمضان المبارڪ جي آمد تي هڪ ڀيرو رسول پاڪ صہ جن فرمايو: "هي جيڪو مهينو توهان تي آيو آهي ان ۾ هڪ اهڙي رات آهي جيڪا هزار مهينن کان افضل آهي، جيڪو شخص ان رات کان محروم رهيو اهو سموري خير کان محروم رهجي ويو ۽ ان رات جي ڀلائي کان اهو ئي شخص محروم رهي سگهي ٿو جيڪو حقيقت ۾ محروم هجي."

**شب قدر کي ڇو راز ۾ رکيو ويو آهي؟**

نبي پاڪ صہ جن کان جڏهن معلوم ڪيو ويو ته شب قدر رمضان جي ڪهڙي رات آهي؟ پاڻ سڳورن فرمايو "رمضان جي آخري ڏهاڪي جي 21، 23، 25، 27، 29 يا رمضان جي آخري رات جيڪو شخص ايمان سان گڏ ثواب جي نيت سان انهي رات ۾ عبادت ڪندو ان جا ڪيل سمورا گناهه معاف ٿي ويندا آهن.

اهڙي اهم ۽ برڪت واري رات کي راز ۾ رکڻ جون ڪيترين ئي حڪمتون بيان ڪيون ويون آهن، انهن مان ڪجهه هيٺ ڏجن ٿيون:

1. ٻيا اهم راز وارا معاملا مثال طور اسم اعظم ، جمعي جي ڏينهن قبوليت دعا واري گهڙي وانگر هن رات کي به راز ۾ رکيو ويو.
2. جيڪڏهن ان رات کي راز ۾ نه رکيو وڃي ها ته عمل جي راهه مسرور ٿي وڃي ها ۽ انهي رات جي عمل تي اڪتفا ڪيو وڃي ها. عبادت ۾ تسلسل خاطر ان کي ظاهر نه ڪيو ويو.
3. ڪنهن مجبوريءَ سبب ڪنهن انسان جي اها رات رهجي وڃي ها ته شايد ان جي صدمي جو ازالو ممڪن نه هجي ها.
4. الله تعاليٰ کي ڇاڪاڻ ته پنهنجي بندن جي رات جي وقتن ۾ عبادت ڪرڻ تمام گهڻو پسند آهي، ان لاءِ رات طئي ناهي ڪئي وئي ته جيئن ان جي ڳولا ۾ گهڻيون راتيون عبادت ۾ گذارين.
5. اڻڄاڻائي سبب گنهگارن تي شفقت به آهي جو ته جيڪڏهن علم جي باوجود ان رات ۾ گناهه ٿي وڃي ته ان سان ليلته القدر جي عظمت مجروح ڪرڻ جو ڏوهه به لکيو وڃي ها.

شب قدر جي تعين جي باري ۾ لڳ ڀڳ 50 قول آهن، انهن مان هڪ اهو به آهي ته ڇاڪاڻ ته اعتڪاف جو مقصد به ليلته القدر جي ڳولا آهي، ان ڪري ان آخري ڏهاڙن جو اعتڪاف سنت قرار ڏنو ويو. نبي اڪرم صہ جن کي جيستائين الله تعاليٰ شب قدر جي تعين کان آگاهه ڪرڻ نه فرمايو هو پاڻ سڳورا ان جي ڳولا ۾ سڄو رمضان اعتڪاف ۾ گذاريندا هئا پر جڏهن کين آگاهه ڪرڻ فرمايو ويو ته وفات تائين فقط آخري ڏهاڪي جو اعتڪاف ڪرڻ فرمائيندا هئا.

رمضان المبارڪ جي ستاويهين

شب، شب قدر آهي، عالم سڳورن جي اها ئي راءِ آهي. امام قرطبي رحہ فرمائي ٿو تہ عالمن جو شب قدر جي تعين بابت اختلاف آهي ليڪن اڪثريت جي اها ئي راءِ آهي تہ ليلۃ القدر ستاويهين جي رات آهي. (تفسير القرطبي (132:20)




حضرت عبدالله بن عباس رضي ڪان روايت آهي تہ نبي ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم شب قدر جي نشانين بابت ارشاد فرمايو: ”شب قدر نرمي، آساني واري ۽ خوشگوار رات هوندي آهي، اها رات نہ گهڻي گرم ۽ نہ گهڻي ٿڌي پر معتدل هوندي آهي، اهو پڻ تہ شب قدر جي صبح سج جي روشني بنا شعاع جي ڪمزور ۽ ڳاڙهي رنگ واري هوندي آهي.“ (مسند الطياسي 2680)

## شب قدر جا اعمال

شب قدر ۾ ڪي مخصوص عمل، اذڪار يا اجتماعي عبادت ثابت نہ آهي، هر شخص پنهنجي طور تي نماز، تلاوت، ذڪر ۽ دعائن ۾ رڌل رهي، البتہ شب قدر جي هڪ خاص دعا حديث ۾ منقول آهي جنهن جو گهڻو اهتمام ڪرڻ گهرجي. حضرت عائشہ رضي الله عنها جو فرمان آهي تہ مون رسول الله صہ اڳيان عرض ڪيو: يا رسول الله جيڪڏهن مونکي شب قدر جي خبر پئجي وڃي تہ مان ڪهڙي دعا گهُران؟ پاڻ سڳورن ارشاد فرمايو هي دعا پڙهو:

اَللّٰهُمَّ اِنَّكَ عَفُوٌّ تُحِبُّ الْعَفْوَ فَاعْفُ عَنِّي

(اي الله، بي شڪ تون معاف ڪرڻ وارو ۽ معاف ڪرڻ کي پسند ڪندڙ آهين، مون کي بہ معاف ڪرڻ فرماءِ)

ان ڪان سواءِ توهان سڀ ڪان پهرين پنهنجي فرض نماز ادا ڪريو پوءِ تراويح پڙهو ان ڪانپوءِ ڏگهو قيام ڪريو اها الڳ ڳالهہ آهي تہ جن ماڻهن کي نماز نہ پڙهڻي هجي اُهي ويهي ڪري ذڪر ۽ دعا ڪري سگهن ٿا. افضل عبادت ڏگهي نماز يا باجماعت تراويح سان آهي پر گهڻو ٿڪو ايئن ٿيندو آهي تہ انسان ٿڪجي بہ پوندو آهي ۽ ويهي رهندو آهي. هاڻي ويهي انسان ڇا پڙهي، توهان ويهي قرآن شريف پڙهڻ شروع ڪري ڏيو پوءِ اوهان اُٿي بيهي نماز پڙهڻ شروع ڪري ڏيو.

رسول الله صہ فرمايو ”جنهن ايمان ۽ ثواب جي نسبت سان ليلۃ القدر ۾ قيام ڪيو اُن جا گذريل سمورا گناهہ معاف ڪيا ويندا آهن.“

حضرت ابوذر رضہ جي روايت موجب پاڻ سڳورن فرمايو: ”جنهن رمضان ۾ امام جي واپس ٿيڻ تائين امام سان گڏ قيام ڪيو يعني باجماعت تراويح نماز ادا ڪئي، ان لاءِ پوري رات قيام جو ثواب لکيو ويندو.“

حضرت عثمان بن عفان رضہ فرمائين ٿا تہ مون رسول الله صہ کي اهو فرمائيندي ٻڌو آهي تہ ”جنهن عشاء جي نماز باجماعت ادا ڪئي تنهن اڌ رات قيام ڪيو ۽ جنهن نماز عشاء باجماعت ادا ڪرڻ ڪانپوءِ صبح جي نماز باجماعت ادا ڪئي تنهن پوري رات قيام ڪيو افضل ترين عبادت قيام آهي.“ (امام مسلم)



ڊو وزير سيد مراد علي شاهه وزيراعليٰ هائوس ۾
چين جي نئين قونصل جنرل مسٽر يانگ يونڊونگ ملاقات بعد ڳالهائي رهيو آهي




ڊو وزير سيد مراد علي شاهه مقامي هوٽل ۾ پاڪستان سينٽر فار آٽزم جي اهتمام هيٺ ٿيندڙ سيمينار ۾
هڪ ٻارڙي جي تلاوت ٻڌڻ بعد سندس پيار وچان بوسو ڏيئي رهيو آهي.

Monthly PAIGHAM Karachi MAY 2023



## حضرت صوفي فقير قادر بخش بيدل
## پاران سچل سائينءَ سان عقيدت جو اظهار

عِشقَ جو يارو درازن ۾ عجب اِسرارُ هو،
مستَ سالڪَ مَن سَچوُ، عارفُ اُتي اِظهارُ هو.
برهہ جي برسات جو، تنهن وِيرَ تي وَسَڪارُ هو،
ظاهر و باطن تَنهِن وَتِ، درد جو ڏَڏڪارُ هو.
وَجدَ وحدت جو سدا، خاصو تنهِن خُمارُ هو،
مَردَ سو مَنصوُرَ وانگر، عشق جو اوتارُ هو.
مَنجهِ سُخُنَ تنهن جي، اُلُوهِيتَ سندو آثارُ هو،
جُنگُ جذبي جوشَ، مَستيءَ ۾ مِثِلِ عطارُ هو.
پانهنجي رائي پِرين، نوي ورهيہ نِروارُ هو،
وَصل جو پوءِ موج ماڻي، ذوقَ جو ذُخارُ هو.
ٻُور ٻارنهن سا ٻئيتاليهہ ۾ طَيارُ هو،
چوڏينهن رمضان جي هادي ٻَوَنِ هسوارُ هو.
قُربدارن جي ڪٽڪ ۾ مرد مَنصَبدارُ هو،
در تنهِن داتا جي بيدلُ! پِرتِ جو پينارُ هو.

جڏهن سچل سائين سن 1242هہ ۾ وصال فرمايو تڏهن فقير قادر بخش بيدل جي عمر 12_11 سال هئي، انهيءَ عمر ۾ هو پنهنجي درسي تعليم مڪمل ڪري چڪو هو ۽ چون ٿا تہ بيدل سائين سچل سائينءَ جو ديدار ڪيو هو. مرحوم عبدالحسين شاهہ موسوي پڻ ان سلسلي ۾ هڪ اهم روايت نقل ڪئي آهي. هو صاحب لکي ٿو تہ ”هڪ ڀيري راڻيپور ۾ وڃڻ ٿيو ۽ مولوي محمد صادق راڻيپور واري سان ملاقات ٿي. دوران گفتگو مولوي صاحب کان معلوم ٿيو تہ بيدل فقير، سچل سائينءَ جي خدمت ۾ آيو هو.“ موسوي صاحب اڳتي لکيو آهي تہ ”جنهن صورت ۾ سچل فقير بيدل فقير جي زندگيءَ ۾ وصال ڪيو آهي تنهن صورت ۾ ممڪن آهي تہ پاڻ ۾ مليا هجن.“ انهيءَ ڪلام مان اهو بخوبي ظاهر ٿئي ٿو تہ بيدل سائين، سچل سائينءَ جي شخصيت جو ويجهو مشاهدو ماڻيو، جڏهن پاڻ چوي ٿو تہ ”در تنهين داتا جي بيدل پرت جو پينار هو“ تہ ان مان اها پڪ ٿيو وڃي تہ ڪيس سچل سائينءَ وٽان فيض بہ حاصل ٿيو.

Information Department
Government of Sindh